




سخنوَر سنڌ ڌرتيءَ جا

# سخنوَر سنڌ ڌرتيءَ جا

(گڏيل شاعري)

سهيڙيندڙ:

**احساس ميرل سهتو**

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
2017ع

www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سخنور سنڌ ڌرتيءَ جا“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي 150 شاعرن ۽ شاعرائن جي تعارف ۽ چونڊ شاعريءَ تي ٻڌل هن تحقيقي جي پهرين حصي جو سهيڙيندڙ **”احساس ميرل“** آهي.

هن ڪتاب جي خاص ڳالهه اها آهي ته نوجوان اڀرندڙ شاعرن کي دل سان ۽ اهميت سان خوبصورت جاءِ ڏني وئي آهي. ڪجهه چاتل سڃاتل شاعرن جي شموليت به هن ڪتاب جي صفحن تي ڪئي وئي آهي پر اڪثريت وري به نوجوان نئين قلمڪارن جي آهي جيڪا سنڌ ۾ حوصلا افزائي ڪندڙ حقيقت آهي. نوجوان قلمڪار اسان جو سرمايو آهن.

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري احساس ميرل ۽ پرڪاش ڪرمواٽي جا جن ڪتاب موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





## حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ’سخنوَر سنڌ ڌرتيءَ جا‘
سهيڙيندڙ: ’احساس ميرل‘
موضوع: شاعري
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: © 2017ع
ڪمپوزنگ: حيدرارمان
لي آئوٽ: پرڪاش ڪرمواٽي
ٽائيٽل: نعيم ديسوالي
ڇپيندڙ: سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
فون نمبر: 03333173584
قيمت: 400 روپيا

### اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد- ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد-

شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه- ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-

مهراڻ ڪتاب، کپرو- العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ- المدينه ڪتاب گهر، ڇاڇرو-

ٿر ڪتاب گهر، مٺي- ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص- المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ-

عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ- مرچولال بوڪ ڊيپو بدين- سوجهرو ڪتاب گهر، بدين-

مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر- سنڌ ڪتاب گهر ، شڪارپور- وسيم ڪتاب گهر شڪارپور-

سچل ڪتاب گهر، درزا- ڪنول ڪتاب گهر، مورو-

سارنگ ڪ1تاب گهر ڪنديارو
شعور لائبريري خليفو قاسم، سليم نيوز پيپر ايجنسي ٽنڊوباگو،

# ارپنا

**سهڻي سنڌ جي مڙني سُخنورن**
**خاص طور تي اُنهن گمنام سُخنورن**
**جي نانءُ**
**جن جي تلاش**
**اڃا جاري آهي**



سخنوَر سنڌ ڌرتيءَ جا

**سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ**
**سُڪار**
**دوست تون دلدار، عالَمَ سڀ آباد**
**ڪرين**

(**شاه**)

www.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


- اداري پاران(پرڪاش ڪرمواڻي) 7
- ٻه اکر (قاضي مقصود) 8
- "تاريخ ڪنهن ڪردار ڪنهن تهذيب جي دائي نہ آ (شتاب زرداري) 11
- ڪتابن جي قطار ۾ رکڻ جهڙو ڪتاب 14
- (فرزانہ شاهين) 16
- دل جي ڳالهہ ا(حساس ميرل 17

1.محمد علي 20
2.فرزانا شاهين 22
3.عبدالرحيم عبد ڪنير 24
4.تصوّر ابڙو 26
5.امتياز دانش 28
6.ريحان ابڙو 30
7.منل جسڪاڻي 32
8.پير مجدّد 34
9.هيڪل سومرو 36
10. لڇمڻ داس 38
11.مجيب سنڌي 40
12.ساحل خاصخيلي 42
13.حسن پنهيار 44
14.محبوب سنڌي 46
15.امين پٽو 48
16.آزاد ابوبڪر 50
17.ساحر راهو 52
18.صلاح الدين 54
19.امين اڏيرائي 56
20.مخمور رضا 58
21.اياز رضوي 60
22.تنها شورو 62
23.سائل پيرزادو 64
24.آڪاش علي نوا 66
25.اياز عمراڻي 68
26.ساگر ميمڻ 70
27.فهميده شرف بلوچ 72
28.راحب ميمڻ 74
29.انجم قاضي 76
30.اقبال گل مينگل 78
31.انورسانول 80
32.عبدالله آس هنگورجو 82
33.سڪندر علي 84
34.فدا لغاري 86
35.عزيز "مهراڻ" سومرو 88
36.امتياز خاصخيلي 90
37.راجا ڪٽي 92
38.مفلس ٻگهيو 94
39. فياض سمائر 96
40.سائينداد مگريو 98
41.صفيہ ڪنول 100
42.عبدالغفار "عبد" 102
43.عبدالسلام ٿهيم 104
44.اداس سولنگي 106
45.فرهاد جروار 108
46.شيخ نديم 110
47.جبدار علي 112
48.عبدالخالق اسير 114
49.خيال سنڌي 116
50.خاڪي جاني 118
51.شاهده ڪوڪر 120
52.خيال کتري 122
53.غلام مصطفيٰ سولنگي 124
54.شاد چنو 126
55.بلال تبسم 128
56.عنايت درس 130
57.جهانگير 132
58.ٽنوي ڪاتيار 134
59.بدر انصاري 136
60.اصغر مهراڻي 138
61.غلام حيدر خاصخيلي 140
62.مختيار 142
63.بخشل باغي 144
64.الله بخش آريسر 146
65.سيد غفورشاهہ تقوي 148
66.بلاول سنڌي 150
67.نظير احمد پنيرو 152
68.احسان آڪاش 154
69.وسيم سومرو 156







70.لکمير عباسي 158
71.اندارا شبنم پونا والا 160
72.مجروح پٽ شاهي 162
73.خالد راڄپر 164
74.نقاش بلوچ 166
75.عمران وفائي 168
76.هدايت ڏيپر 170
77.: انورساگر 172
78.مُفلِس زرداري 174
79.غوث پيرزادو 176
80.سانوڻ راڄڙ 178
81.رحمت پيرزادو 180
82.حيدر امان 182
83.معصوم سندرائي 184
84.جي ايم لاڙڪ 186
85. اصغر باغي 188
86.سعيد حاوي 190
87.بخشڻ مهراڻوي 192
88.اخلاق بلوچ 194
89.رياض مشوري 196
90.اظهر مجيد 198
91.اعجاز ڪٽپر 200
92.سڄڻ ناريجو 202
93.قاضي مقصود احمد 204
94. اشرف سولنگي 206
95.علي مخفي 208
96.جميل سومرو 210
97.آتم دراوڙ 212
98.احمد گل 214
99."شتاب زرداري" 216
100.احساس ميرل 218
101. امجد دراني 220
102.وفا گل محمد 222
103.ملڪ نديم 224
104.لطيف ڪوڪر 226
105.سنڌو پيرزادو 228
106.بدر قاضي 230
107.ذاڪر سيتائي 232
108.امداد سولنگي 234
109.ممتاز خادم 236
110.شازيا گل 238
111.خيرل سيلرو 240
112.علي منصور 242
113.عاجز چنو 244
114.ارشاد ڪٽپر 246
115.آزاد مري 248
116.غفار شيخ 250
117.معشوق "مُحسن" 252
118.خليل چانديو 254
119.وسيم گبول 256
120.منورملاح 258
121.ساحل ميمڻ 260
122.سڪندر علي شاهہ 262
123.محمد اشرف ڪنڀار 264
124.وسيم آڪاش سيتائي 266
125.سجاد گل 268
126.استاد راهي 270
127.ميرحسن امر پنهور 272
128.فقير امر عباس 274
129.حبيب متو 276
130. منير پنهور 278
131.امر عبدالستار 280
132. فياض منصور 282
133.استاد اسلم 284
134.ابراهيم ملاح 286
135.اعجازشاهہ 288
136.نسرين الطاف 290
137.عزيز سولنگي 292
138.فقيرجيوڻ مهر 294
139.سارنگ سولنگي 296
140.اشرف علي 298
141.الله ڏنو هالاڻي 300
142.قربدار قادر 302
143.ساحر سنڌي 304
144.ميراحمد مير 306
145.عبدالستار آڪاش 308
146.ماهين هيسباڻي 310
147.عبدالحميد "جسڪاڻي 312
148.فقير بلاول 314
149.محبوب هوٿيپوٽو 316
150.گلشن سنڌو 318

## اداري پاران

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر پاران هي ڏھون ڪتاب سنڌ جا سرجڻهار بيحد سهڻو هڪ شاعراڻو البم آهي. سنڌ ۾ سنن شاعرن جي گڏيل تعارفن ۽ تخليقن کي ڪنو ڪري هڪ ڪتاب ۾ آڻڻ جي روايت طور ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب نظر اچن ٿا انهن جي اهميت کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي، اسان جي خوبصورت شاعر دوست "احساس ميرل" جو سهيڙيل هي ڪتاب ڪيترن ئي حوالن سان ڏاڍو منفرد ۽ هڪ سهڻو سيبتو ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ نوجوان اڀرندڙ شاعرن کي دل سان ۽ اهميت سان خوبصورت جاءِ ڏني وئي آهي. ڪجهہ ڄاتل سڃاتل شاعرن جي شموليت بہ هن ڪتاب جي صفحن تي ڪئي ويئي آهي پر اڪثريت وري بہ نوجوان نئين قلمڪارن جي آهي جيڪا سنڌ ۾ حوصلا افزائي ڪندڙ حقيقت آهي. نوجوان قلمڪار اسان جو سرمايو آهن. ڪتاب سنڌ جا سرجڻهار پڙهي اسان اهيو ڄاڻي سگهون ٿا تہ اسان جي نئين شاعر جي تخليق ڪهڙي موڙ تي بيٺل آهي. اميد آهي تہ هي تحقيقي ۽ تخليقي پورهيو شاعري سان دلچسپي رکندڙ سڄڻن کي پسند ايندو هي ڪاوش نوجوانن جي لاءِ ضرور اُتساهہ جو گس ثابت ٿيندي.

پرڪاش ڪرمواڻي
03333173584
سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر
karmwanipirkash@gmail.com





## بہ اکر

اُڪثر ماڻهو شڪايتي انداز ۾ چوندا آهن تہ سنڌي قوم ۾ شاعر گهڻا آهن. اصل ۾ هر ٻوليءَ ۾ شاعرن جو تعداد نثر نويسن جي مقابلي ۾ وڌيڪ هوندو آهي. بلڪ ڏنو وڃي تہ دنيا ۾ لکڻ جي شروعات ئي منظوم ڪلام سان ٿي آهي. ڇو تہ اوائلي دور ۾ پڙهيل ماڻهن جو تعداد گهٽ هوندو هو. جنهن جي ڪري سڄو ڪم يادگيريءَ جي بنيادن تي هلندو هو. ان ڪري تحريرون منظوم انداز ۾ لکيون وينديون هيون تہ جيئن ياد ڪرڻ ۾ آساني ٿئي .

ڏنو وڃي تہ نثر جا ٽي قسم يعني نثر مرسع، نثر مسجع، نثر مقفيٰ شاعراڻن خاصيتن سان پرپور آهن. جڏهن تہ اڄ جي دور ۾ اسان جنهن تحريري طريقي کي نثر سمجهون ٿا، ان کي نثر عاري سڏيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ انگريزن کان اڳ ان جو ڇالامان تمام گهٽ هو. ويندي مذهبي تحريرون الف اشباع جي شڪل ۾ لکيون ويندیون هيون تہ جيئن ياد رکڻ ۾ سهولت ٿئي. نثر عاري، اخباري صنعت لاءِ مثالي تحرير ثابت ٿيو آهي، جنهن جي لکڻ جو رجحان هاڻي عالمي ادبي ڳانڍاپي جي ڪري وڌي ويو آهي . سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ جي ذخيري جي مختلف دورن جو اڀياس ڪندي اسان کي ڳاهن تي مشتمل لوڪ داستانن توڙي نيم تاريخي قصن، اصلاحي توڙي مذهبي بيتن کان پوءِ جيڪا شيءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اها آهي، سماجي ۽ اخلاقي قدرن کي اجاگر ڪندڙ، رومانوي خيالن کي ظاهر ڪندڙ، شعور کي بيدار ڪندڙ ۽ فن کي نين ڏسائن ۾ وٺي ويندڙ شاعري. جنهن جا ماخذ قاضي قاضن، شاهہ لطف الله، شاهہ ڪريم، شاهہ عنايت کان وٺي، شاهہ، سچل ۽ ساميءَ تائين موجود آهن. جن جي ڪماليت کي زوال ڪونهي. اها اسان جي قديم اساسي شاعري آهي. بعد ۾ سنڌي شاعريءَ تي هڪڙو اهڙو دور بہ آيل آهي، جڏهن غير فطري ماحول ۽ اڻ ڏٺل شين کي شاعريءَ جي زينت سمجهي ان ۾ شامل ڪرڻ جو رجحان وڌڻ لڳو. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي شاعريءَ مان تخليقي رجحان دم ٽوڙڻ لڳو. اهڙيءَ طرح ڪجهہ عرصي لاءِ سنڌي شاعريءَ جو ڳپل حصو هڪ فرسوده علم جي شڪل اختيار ڪري ويو. جنهن ۾ فني قدرن تي تہ تمام گهڻو ڌيان ڏنو ويندو هو، پر اڪثر شاعرن وٽ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ هڪ سٽ بہ ڪانہ هوندي هئي .

اهو هو روايتي شاعريءَ جو دور، جنهن مان سنڌي شاعرن کي

ڪيڻ جي ڪوشش جي سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو خاص طور تي ڳڻائي سگهجي ٿو. پر اڳتي هلي، هن روايتي اسلوب کي جديديت جي تحريڪ جي روپ ۾ باقائده للڪاريو ويو ۽ نون رستن ۽ نون راهن تي هلڻ جو ڏس ڏنو. جديديت هڪ نعري جيان سنڌي شاعرن جي للڪار بڻجي ايري ۽ سنڌي ادب ۾ تخيل جو درياهه موجزن ٿي پئي ۽ نين توڙي پراڻين صنفن ۾ رومانس کان سواءِ سماجي، قومي، فڪري، نظرياتي ۽ اخلاقي موضوعن جا وهڪرا وهڻ لڳا. ٻولي، موضوع ۽ اسلوب جي حوالي سان نوان نوان تجربا ٿيڻ لڳا ۽ سنڌي شاعريءَ کي زميني حقيقتن سان سلهاڙي عام ماڻهوءَ لاءِ پرڪشش بڻايو ويو. جنهن سان سنڌي شاعريءَ جي بيٺل پاڻيءَ واري تاثر جو خاتمو ٿيو ۽ ان جو ڪينواس وسيع ٿي ويو. هتي اهو واضح ڪبو هلجي ته سموري روايتي شاعري به خراب نه آهي، بلڪ جديد شاعري وڏيڪ سگهاري هئڻ ڪري وڌيڪ مڃتا حاصل ڪري ورني ٿي. خود جديد شاعري به روايتي شاعريءَ جي ڪک مان پيدا ٿيل آهي ۽ هر شاعر نئين انداز جي شاعريءَ سان گڏوگڏ روايتي شاعري به ڪندو آهي. تنهنڪري ڪنهن به شاعر جي شاعريءَ جي باري ۾ مجموعي راءِ قائم ڪرڻ ئي مناسب هوندو آهي .

اڄ اسان سوشل ميڊيا جي جنهن دور ۾ رهي رهيا آهيون. گهڻي قدر شاعرن جي نڪور شاعري فيس بوڪ، واٽس اپ جي ذريعي شاعرن تائين پهچي ويندي آهي. تنهن ڪري شاعر جي قدڪاٺ جي پڙهندڙن کي خبر هوندي آهي. اهو هاڻي عام مشاهدو نظر اچي رهيو آهي ته اڪثر سنڌي شاعر موضوع توڙي اسلوب جي نواڻ کي سمجهندي پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان نوان رنگ پرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا. جنهن جي ڪري سندن شاعري، تخيل جي اڏار ۽ موضوع جي گوناگونيءَ سان ڀرپور، پرڪشش ۽ سبق آموز نقطن سان ٽمٽار هوندي آهي .

اهڙيءَ صورت ۾ چونڊ شاعريءَ جي ڪنهن مجموعي جي کهڙي ڳالهه ڪجي، جنهن ۾ سٺي شاعريءَ مان به چونڊ ڪري شاعري پيش ڪئي وئي هجي. جتي سڄي سنڌ جا شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي جهول نون اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن سان ڀريندي نظر اچي رهيا هجن .

منهنجي دوست احساس ميرل سهتي جڏهن فيس بوڪ تي شاعرن جي تعارف جو سلسلو هلايو، تڏهن ئي محسوس ٿيو






ته هن منفرد نوعيت جي ڪم کي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو ته سنڌ جي نمائنده شاعريءَ جو هي گلدستو نه رڳو شاعرن جي مجموعي طور، بلڪ شاعري توڙي ٻوليءَ جي ارتقا طور مطالعي لاءِ ريڊي ريفرينس جو ڪم ڏيندو. جنهن ۾ سڄي سنڌ مان موجوده دور جي ڏيڍ سو کان مٿي سٺن شاعرن ۽ شاعرائن جي شاعري مختلف صنفن جي صورت ۾ شامل ڪيل آهي. هن مجموعي ۾ شامل شاعرن ۽ شاعرائن مان (نالن جي اڳتي پوئتي هجڻ جي معذرت سان) پير غلام مجدد سرهندي، وسيم سومرو، بخشل باغي، اندرا شبنم پونا والا، نسرين الطاف، ماهين هيسباڻي، صفيه ڪنول ابڙو، فهميده شرف بلوچ، غوث پيرزادو، جميل سومرو، انور ساگر ڪانڌڙو، سائين منل جسڪاڻي، امين اُڏرائي بخشل باغي، غلام مصطفيٰ سولنگي، ساحر راهو، عجاز علي ڪٽپر، ريحان ابڙو، وسيم سيتائي، بلال تبسم، حاجي غلام حيدر خاصخيلي، محمد حسن پڙهيار، انجم قاضي، خاڪي جاني، حيدر امان جسڪاڻي، محمد علي مير جت، فياض منصور، نٿوي ڪاتيار، انور سانول، خيال ڪتري جي شاعري منهنجي مطالعي هيٺ ايندي رهي آهي ۽ ٻيا به ڪيترائي دوست آهن جن جي شاعري ڏسي اهيو چئي سگهجي ٿو ته هن دؤر جي سنڌي شاعرن ۾ (Qualitative) سان گڏ (Qualitative) تبديليون به وڏي پئماني تي آيل آهن جيڪي موجوده دؤر جي سنڌي شاعر کي دهشت مجموعي عليٰ درجي جي ادب جي دائري ۾ ٻيهاري بيٺيون آهن.

هن مجموعي کي سامهون آڻڻ لاءِ واٽس سپ جي عالمي ساس گروپ جو بيان ڪار احساس ميرل سهتو ۽ سندس دوست جس لهن احساس ميرل پاڻ به سٺو شاعر آهي ۽ پٺائي آرٽس ڪائونسل جي ضلعي مٽياري جي باڊي ۾ سندس ڪارڪردگي جي بلدباري ۽ ذهبي رجحانن جو به مشاهدو ڪري چڪو آهيان اُن لحاظ کان مون کي پوري اُميد آهي ته پاڻ هن ميدان ۾ به ضرور اهڙو نمايان ڪم ڪري ويندو جيڪو سدائين ياد رکيو ويندو باقي اهو گلدستو هڪڙو ئي ٿو ميدان ۾ اچي يا ان جا هڪ کان وڌيڪ حصا ٿا سامهون اچن اهو ڪم پڙهندڙن پاران ملندڙ پذيرائي تي ڇڏيل هوندو.

تاريخ 28 جولاءِ 2017ع
قاضي مقصود احمد
مٽياري

# “تاريخ ڪنهن ڪردار ڪنهن تهذيب جي دائي نہ آ

قدرت جي طرفان انساني فطرت ۾ ڪيترا ئي انمول عمل موجود هوندا آهن ۽ انهن سڀني جا مخصوص دائرا آهن جن کان ٻاهر وڃڻ جو خيال بي عقلي ۽ چٽي پٽي چريائپ آهي پر ان ڳاله کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ جن جي پيٽ ۾ انساني دائري جي ايراضي وسيع آهي. انساني فطرت ۾ جيڪي قدرتي عمل موجود آجن انهن مان ٽي اهم تصور ڪري سگهجن ٿا اهي آهن هجڻ، ٿيڻ، ۽ بڻجڻ. هجڻ وارو عمل بلڪل مخصوص آهي جنهن مان مراد آهي ڪنهن بہ شي جي وجود جي ظاهري، جيئن چنڊ، سج، وڻ، ماڻهون، ڍور، جيت وغيره جنهن جي شڪل تبديل نہ ٿي سگهي. ٿيڻ واري عمل مان مراد آهي ڪنهن سٺي يا خراب شي ڪردار ۽ سوچ وغيره جو نقل ڪرڻ، مثال ڪو شخص ڪنهن سٺي اديب يا شاعر جو نقل ڪري ٿو يعني ان جهڙو لکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنهن کي اثر بہ چيو وڃي ٿو، مثال ڪرڙ خان استاد بخاري جي اثر هيٺ لکي ٿو، ڪانڌيرو خان شيخ اياز جي اثر هيٺ لکي ٿو وغيره، ان باري ۾ يونان جي مشهور ڏاهي ۽ فلسفي "افلاطون" چيو آهي تہ " شاعر خدا جي اثر هيٺ لکن ٿا ۽ خدا جي ناهيل شين جو نقل بيان ڪن ٿا". بڻجڻ واري عمل مان مراد آهي نئين شي جو ايجاد ڪرڻ نئين سوچ کي جنم ڏيڻ، اها سوچ جنهن جو اڳ ۾ ڪنهن تصور ئي نہ ڪيو هجي اهڙي فڪري سوچ کي جنم ڏيڻ سان تخليقڪار جي ذاتي ۽ الڳ سڃاڻپ نهندي آهي جنهن سان هو ٻين کان منفرد بڻجي ويندو آهي. سنڌي ادب جي حوالي سان ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن نئين سوچ کي جنم ڏنو جنهن سان هو منفرد بڻجي ويا ۽ ٻيا ڪيترا ئي اديب، شاعر انهن جي اثر هيٺ لکڻ لڳا. موجوده دؤر ۾ ڪيترا ئي اديب، ۽ شاعر ان ڳاله تي پورا لٿا ۽ ٻين کان منفرد بنجي ويا جيئن سنڌ جي سڀاجهڙي شاعر محترم " احساس ميرل " سنڌ جي اديبن ۽ شاعر جو تعارف فيس بڪ تي هلائي عالمي ادب سان ڳانڍاپي جي سوچ کي جنم ڏئي پاڻ کي منفرد بڻايو آهي. فيس بڪ سوشل ميڊيا جي اها شاخ آهي جيڪا پوري دنيا جي ماڻهن جو پاڻ ۾ رابطو قائم رکي ٿي. ليوَ ٽالسٽاءِ جو چوڻ آهي " ڪنهن بہ





تخليقڪار جي تخليق ڪيل ڏهن شين مان سڀ شيون ڪٽي ڪنهن جي دل تي جادوئي اثر نہ بہ ڇڏين پر انهن مان ڪا هڪ شي ضرور اهو ڪردار ادا ڪندي جيڪڏهن تخليقڪار جي سوچ ۾ گهرائي آهي" احساس ميرل جو تعارف هلائڻ وارو ڪم ليوَ ٽالسٽاءِ جي سٽن تي بلڪل پورو بيهي ٿو. سنڌي ٻولي تمام قديمي ٻولي آهي جيڪا نہ صرف سنڌ ۽ هند بلڪ دنيا جي ٻين ڪوڙ سارن ملڪن ۾ لکي، پڙهي، ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي ان يقين سان بلڪل چئي سگهجي ٿو تہ احساس ميرل سنڌ جي اديبن ۽ شاعر جو عالمي ادب سان ڳانڍاپو قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪا سندس سنڌي ادب لاءِ وڏي خدمت آهي اهو ئي سبب آهي جو سندس ان قدم جي ٻيا دوست بہ پيروي ڪري رهيا آهن جيڪو ڪم ٿيڻ واري عمل ۾ شمارجي ٿو. احساس ميرل جي اها سوچ بلڪل نئين سوچ آهي جيڪا صديون پڄاڻا بہ پراڻي نہ ٿيندي. احساس ميرل تعارفي سلسلي ۾ شامل دوستن جي تعارفن کي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪري تاريخ جي اکين ۾ سچائي جو سرمو وڌو آهي جنهن سان سنڌي ادب جو اضافي وارو عمل بہ اڳيرو ٿيو آهي نيلسن منڊيلا چيو آهي تہ جيسين تائين قوم جي نوجوان فردن کي اعلا اختيار ادارن جي ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار نہ ڪيو ويندو تيسين تائين ترقئ جي اميد ڪرڻ اجائي آهي چو تہ نئين دور جا فرد نئين سوچ کي جنم ڏيندا آهن جيڪا ماضي کان منفرد هوندي آهي احساس ميرل جي اها بہ وڏي خاصيت آهي تہ هن سڄي سنڌ جي سينيئر ۽ جونيئر دوستن کي هڪ ئي سٽ ۾ سلهاڙيو آهي جيڪو عمل پيار ۽ پنهنجائپ جو چٽو ثبوت سامهون آڻي ٿو انساني ضرورتون بہ ڪيترن ئي قسمن جون آهن جن مان ڪجھ وقتي ٿين ٿيون ۽ ڪجھ سدائين ساڻس لاڳاپيل رهن ٿيون هڪڙي دور مان ٻئي دور ۾ منتقل ٿين ٿيون ڪي ضرورتون اهڙيون آهن جيڪي پاڻهي پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائين ٿيون جيئن لٽي. اجهي.۽ ڳپي جي ضرورتن کان ڪو بہ ماڻهون غافل ناهي انهن ڏي ازخود ڌيان ڇڪجي ٿو وڃي چو تہ اهي بنيادي ضرورتون آهن پر ڪجھ بنيادي ضرورتون اهڙيون بہ آهن جيڪي غور-طلب ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ تہ ٿين ٿيون پر ماڻهون انهن کان غافل رهن ٿا ڪجھ ڄاڻي واڻي تہ ڪجھ بيخبري ۾ جنهن سان سندن آئيندو انتهائي عبرت ناڪ بڻجي ويندو آهي جن مان علمي.ادبي.۽ قومي ضرورتون زير-فهرست آهن پر احساس ميرل

جهڙا باشعور فرد انهن ضرورتن کان غافل رهڻ کي گناه تصور کن ٿا پنهنجي عقل جي بنياد تي. نہ تہ گهڻي ڀاڱي اسان جا دوست ٻين جي ڏسيل راه تي هلندا آهن جيڪي منهنجي نظر ۾ عقل جا انڌا آهن ڇو تہ اهي پنهنجي عقل جو استعمال ڪندا ئي ناهن پوءِ ڏاسو جي مرضي آهي تہ ڪين اڇن کي تهري ڪري پيش ڪري يا زهر کي شربت ڪري. انهن لاءِ ڪل ئي ٻڪريون ڪارٻوٿاڙيون. مان يقين سان ٿو چوان تہ انهن جي تخليق گفتگو ۽ ڪم قابل-اعتماد ناهي پوءِ ڀلي اهي وڏي نالي وارا ۽ سينيئر ڇو نہ هجن اهو ان ڪري تہ ڪاميابي ۽ قابليت ٻہ جدا شيون آهن ڪاميابي شخصيت کي اپاري ٿي جيڪا عارضي بہ ٿي سگهي ٿي ۽ قابليت ڪردار کي اپاري ٿي جيڪو دائمي آهي ان ڳالہ جي شاهدي ۾ نفسيات جي ماهر ۽ قابل اديب ڊيل ڪارنيگي ڇيو آهي تہ ڪاميابي هڪ ڏاڙيل کي بہ ملي ٿي تہ هڪ سپاهي کي بہ پر فرق آهي ڪردار جو. ڏاڙيل جو ڪردار برو ۽ سپاهي جو ڪردار سٺو ٿئي ٿو ڇو تہ ڏاڙيل پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ وڙهي ٿو ۽ سپاهي قومي مفاد لاءِ. ان نظر سان ڏسجي تہ احساس ميرل وڏي قابليت رکندڙ شخص آهي ۽ سندس قابليت اڏو ڪاميابي بہ سر جهڪائي سلامي آهي سنڌي ادب جي خدمت لاءِ جوڳو قدم کڻي احساس ميرل پنهنجي تاريخ جي ڪردار کي سٺن لفظن ۾ سينگاريو آهي هوئين بہ تاريخ جي ڪردار کي سينگارڻ جو ڪم فردن جو آهي تاريخ جو نہ. ڇو تہ؛ تاريخ ڪنهن ڪردار ڪنهن تهذيب جي دائي نہ آ.

"شتاب" زرداري
قاضي احمد سنڌ





# ڪتابن جي قطار ۾ رکڻ جهڙو ڪتاب

عالمي اوطاق يعني فيس بوڪ، ڪنهن بہ لکي پڙهي سگهندڙ ۽ موبائيل فون استعمال ڪرڻ واري کان شايد ئي ڳُجهو هجي! ۽ عالمي اوطاق تي چا چا ٿي رهيو آهي، ان جي بہ هر هڪ عالمي اوطاق تي ليئو پائڻ واري کي ڀلي ڀت ڄاڻ آهي. مون کي هن اوطاق تي اڪثريت شاعرن جي يا شاعري ۾ ججهي دلچسپي رکندڙن جي نظر ايندي رهي آهي، ۽ اهي سڀ، دنيا ۾ جتي بہ عالمي اوطاق نظر اچي سگهي ٿي، اتي نظر اچڻ باوجود، جيئن شاعر هڪ ٻئي سان مخاطب ٿيندا آهن، هڪ ٻئي لاءِ رايا لکندا آهن، هڪ ٻئي کي حاجي ۽ قاضي ڪري پيش ڪندا آهن، ان جا کهڙا مثال ڏئي، کهڙا ڏجن! سچ، ڪڙو سچ اهو آهي تہ اتي کي ننڍيا تہ ڪي وڏا ٿولا آهن، لابيون آهن. ان جو ڪم ڏسي، ڪردار ڏسي ڏندين آڱريون اچي وينديون آهن، رت ٿهڪندو آهي! اهڙي ئي ماحول ۾، اها 2017ع جي 20هين مارچ هئي، عالمي اوطاق تي نظر ڊوڙائيندي، منهنجي سامهون اوچتو احساس ميرل جي هڪ پوسٽ "تعارف نمبر (1) پيشڪش احساس ميرل" عنوان سان آئي، جنهن ۾ ٽنڊو الهہ يار جي نوجوان شاعر محمد علي ميرجت جو "نالو، ادبي نالو، پيءُ جو نالو، ذات، رهائش، تعليم، لکڻ جي شروعات جو سال، رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيو ۽ صنفون" جي سري سان معلومات ۽ "سندس شاعريءَ مان ڪجھ شعر" پڙهڻ لاءِ مليا. ان تي مون صرف هڪ لفظ "زبردست" راءِ طور لکيو! ائين پوءِ، اهو سلسلو جاري آهي. اڏيرولعل اسٽيشن جي رهواسي، نوجوان شاعر احساس ميرل جا ٿورا نہ ٿورا... شاعرن جو تعارفي سلسلو شروع ڪري، هن اهو ڀلو ڪم ڪيو آهي، جيڪو منهنجي ڄاڻ مطابق، عالمي اوطاق تي، اڳ ۾ ٻيو ڪير بہ نہ ڪري سگهيو آهي. اها ٻي حقيقت آهي تہ احساس ميرل جي هن سلسلي کان پوءِ، ٿوري تبديلي سان، ٻين بہ اهڙو ئي سلسلو شروع ڪيو آهي. انهن جو سلسلو بہ جاري آهي. احساس ميرل جي شروع ڪيل هن تعارفي سلسلي ۾ ڪير کهڙي دلچسپي پيو وٺي، ردعمل کهڙو پيو ظاهر ڪري، اهو ردعمل بہ پنهنجي جاءِ تي دلچسپ ۽ اهم آهي. آئون هي سلسلو پهرين ڪڙي کان پڙهندو پيو اچان. مون احساس ميرل کي هڪ هنڌ راءِ ڏني هئي، تہ اهو سلسلو جاري بہ

رکي ۽ ڪوشش بہ ڪري، تہ اهو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي. ڇپيل تاريخ طور محفوظ ٿي پوي. ڇو تہ ان سلسلي مان تمام گهڻي سٺي معلومات ملي رهي آهي. هن سلسلي کي هر پڙهندڙ، پنهنجي پنهنجي اوليت جي بنياد تي پئي ڏٺو. ان ۾ حصو پئي ورتو. منهنجو وڏ ۾ وڏ ڏيان شاعر جي تعليم ۽ ان جي عمر ڏانهن، شاعر جي ڪرت يا پيشي ڏانهن پاڻمرادو هليو ويندو آهي. ڪجهہ شاعرن جو تعارف پڙهي، آئون تمام گهڻو منتشر ٿي، پاڻ نہ سنڀالي سگهيو آهيان، پر گهڻو ڪري ظبط ۾ بہ رهيو آهيان! هن تعارفي سلسلي معرفت اهو ڄاڻي سگهجي پيو، تہ ننڍي عمر جو نوجوان، جنهن جي عمر سندس تعليم تي توجهہ ڏيڻ جي آهي، اهو تعليم سان ايترو سنجيدو آهي، جيترو ڪو عام ماڻهو! تعليم حاصل ڪرڻ ڏکيو پنهنجي جاءِ تي، پر سولو بہ تمام گهڻو آهي. خانگي طور امتحان ڏئي، ڪاپي ڪري ميٽرڪ ڪرڻ، انٽر ڪرڻ، بي اي ڪرڻ، ايم اي ڪرڻ ۽ پوءِ ٿورو جتائيندڙ شاعر ئي نہ، نثر نويس ۽ صحافي ٿي پوڻ، پاڻ وٽ "هر فن مولي" ڪي ٿورا نہ آهن! مون کي انهن تي حيرت آهي، جيڪي سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ، نوجوانن کي ڪا سهڻي صلاح ڏيڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن! جيتوڻيڪ احساس ميرل جي هن محنت، کان اڳ شاعريءَ جا گڏيل ڪتاب اچي چڪا آهن پرَ هن ڪتاب ۾ خاص ڳالهہ اها بہ آهي، تہ هن ۾ سينيئر شاعرن ۽ اديبن سان گڏوگڏ نون لکندڙن کي پڻ منظر تي آندو ويو آهي، ۽ هن سلسلي ۾ شامل شاعر ۽ شاعرائون، هڪ ٻن ياچئن علائقن يا ضلعن جا نہ، پر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جي ليکارين کي گڏ ڪيو ويو آهي، جيڪا نئين ڳالهہ آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو، تہ هي ڪتاب، هي مجموعو، اڳ ۾ آيل ڪتابن جي قطار ۾ رکڻ جهڙو ڪتاب آهي. هي ڪتاب ڏسي، تڪي توري، اهو معلوم ڪرڻ جهڙو ڪتاب آهي، تہ ڪنهن ڪيئن ڪتاب آندو آهي؟ احساس ميرل هي ڪتاب ڪيئن ڇپرائي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائي، ڪهڙو تاريخي ڪم ڪيو آهي، اها معلومات بہ وقت تي ظاهر ٿي بيهندي. آئون هڪ دفعو وري بہ احساس ميرل جي جذبي کي ساراهيندي، ڪيس اهڙو بهترين ڪم ڪرڻ، ان کي ڪتابي صورت ڏيڻ تي دل جي گهرائين مان شاباسون ڏيان ٿو.

مٺل جسڪاڻي
ٽنڊو ڄام
اڱارو 20 جون 2017ع





ادب درياهہ جيان وهندڙ شئي آهي انڪري اهو زندگي جي اهم ضرورت بڻجي ويو آهي اهو وهندڙ انڪري آهي جو ان ۾ هر وقت نواڻ جا وهڪرا شامل ٿيندا رهن ٿا نواڻ ادب کي سونهن بخشي ٿي ان سونهن کي دوام بخشڻ لاء پنهنجي انداز سان منفرد ۽ انوکي انداز سان نڀائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي احساس ميرل سنڌي ٻوليء جو خوبرو شاعر ڪهاڻيڪار آهي فڪري طور سندس لاڙو ريئلزم ڏانهن آهي انڪري سندس تخليقي عمل سماجي الميئن ۽ داخلي پيڙائن جو گڏيل مظهر آهي احساس ميرل جو شمار سنڌي ٻوليء جي اهڙن جاکوڙي ۽ محنتي تخليقڪارن ۾ ٿئي ٿو جيڪي واندي ويهڻ ۾ بيچين ٿي ويندا آهن احساس ميرل بہ انهن اديبن مان آهي جيڪو مسلسل پنهنجي ٻوليء سان سرگرم نظر اچي ٿو اهو سندس پنهنجي ٻوليء سان چاهہ ۽ محبت ئي آهي جو هي ڏکيو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کڻي انکي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو ساهس ساري همٿ جو ڪم ڪيو آهي سندس ترتيب ڏنل ڪتاب تاريخي حوالي سان بہ اهم آهي هي ڪتاب نہ صرف منفرد پر ڪارائتو پڻ ثابت ٿيندو جيڪو سنڌي ادب سان چاهہ رکندڙ اديبن ۽ شاگردن لاء بہ لاڀائتو ثابت ٿيندو.

فرزانا شاهين
تاريخ
2017-7-7

## دل جي ڳالھ

ڪنهن پڇيو تہ احساس ڏي خبر شاعري ڪي نڪارڻ لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ضرورت هوندي آهي..؟ چيم ! ادا منهنجي خيال ۾ ذات خدا جي طرفان ملندي آهي، باقي ڏانءُ سکڻو پوندو آهي. مثال هڪ پٿر آهي، جنهن کي هيرو چئجي ٿو، اگر اوهان کي هٿ اچي تہ اوهان جي لاء پٿر ئي هوندو، پر جيڪڏهن اوهان اُن کي تراشي هيري جي شڪل ۾ آندو تہ هو قيمتي بنجي ويندو. ائين ئي تخليق کي تراشڻ لاءِ اوهانکي اُن جا گُر ۽ هنر سکڻا پوندا. انهن گُرن ۾ شاعريءَ جي حوالي سان سڀ کان ضروري آهي علمِ عُروض. اسان کي تہ اڃان علمِ عُروض جي "ع" جي بہ خبر ناهي پئي، بس سکڻ جو عمل جاري آهي، آئون بہ ادب جي شاگرد جي حيثيت ۾ هن رستي جو راهي آهيان. جيستائين زندگي ساٿ ڏنو اِهو سفر جاري رهندو. دوستو دنيا ۾ جتي ٻين ٻولين جي ادب آسمان کي ڇُهيو آهي، اتي سنڌي ادب بہ ٻُلندين کي عُبور ڪيو آهي. اڄ جي دور ۾ جڏهن دنيا گلوبن ڳوٺ ٿي وئي آهي، پر آئون سمجهان ٿو تہ دنيا گلوبل ڳوٺ بہ نہ، پر گلوبل گهر ٿي وئي آهي. سوشل ميڊيا تي اسان کا لکٽي رکون ٿا تہ ان کي پوري دنيا پڙهي رهي آهي. فيس بڪ جو صحيح استمال ڪرڻ بہ وڏو فائديمند آهي. آئون سمجهان ٿو فيس بڪ اسان سيني پيارن کي ويجهو ڪري ڇڏيو آهي. مونکي هر وقت اِها اٽڻ هوندي آهي تہ هن گلوبل گهر مان ڪجھ فائدا وٺجن. مون 2015 ۾ "عالمي ساس" نالي سان هڪ واٽس ائپ گروپ ٺاهيو، جنهن ۾ ٽيہ کان چاله دوست شامل آهن جيڪو بلڪل منظم طريقي سان اڃان جاري آهي. جنهن ۾ مشاعرا ۽ ليڪچر پروگرام ٿين ٿا. آئون ائين سمجندو آهيان تہ هر ماڻهوءَ تي پنهنجي حصي جو ڪم رکيل آهي، پوءِ ڇو نہ پنهنجو حصو سمجهي اهڙو ڪم ڪجي، جنهن سان هڪ تاريخ جڙي پئي. اصل ۾ مون تعارفي سلسلو شروع ڪرڻ چاهيو ٿي، جنهن سان اسان جي لکندڙن کي ميڄتا بہ ملندي ۽ اسان جي هڪ ٻئي سان سڃاڻپ بہ وڌندي، سو مون پڪو ارادو ڪيو تہ بس هي ڪم لازمي ڪرڻو آهي. ٿورو ٻڌتر ۾ هئس تہ شروعات ڪنهن کان ڪيان؟ شايد 20مارچ 2017 رات جا شايد اٺ ساڍا اٺ ٿيا هوندا تہ پنهجي دلبر دوست، پياري ڀاءُ ۽ ٽنڊي الهيارجي تمام خوبصورت شاعر محمد





علي ميرجت کي فون ڪيم. چيومانس ادا پنهجو مڪمل تعارف موڪلي ڏي پر اڄ ئي هن منهنجي ڳاله کي اهميت ڏني ۽ ڪلاڪ ٻن کان پوء پنهنجو تعارف موڪلي ڏنائين. ٻئي ڏينهن مون بہ اهو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو. جيڪو اڃان تائين جاري آهي ۽ انشاءالله جاري رهندو. پوءِ هرروز شاعرن ۽ شاعرائن کي ميسج ڪري تعارف گهرائڻ منهنجو معمول بنجي ويو. جڏهن تعارفي سلسلي جا ڪجھ نمبر هليا تہ دوستن پاران ڀرپور موٽ ملڻ شروع ٿي. منهنجي دل مطمئن ٿي شڪر الله جو جيڪو ڪم مون شروع ڪيو آهي، اهو دوستن کي پسند پيو اچي. اها ئي منهنجي ڪاميابي آهي. ڪجھ دوستن مشورا ڏنا تہ هن تعارفي مواد کي ڪتاب جي صورت ۾ آڻڻ گهرجي. منهجو تہ پهرين ئي اهو پرگرام هو، پر پوءِ ان ڳاله تي وڌيڪ غور ڪيم ۽ محسوس ڪيم تہ واقعي جي هي سلسلو ڪتابي صورت ۾ ڇپجي تہ منهنجو پوهريو تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ٿي ويندو... پر هاڻ مسئلو هو ڪتاب ڇپجڻ جو... مطلب تہ خرچ جو... پهرين منهنجي ذهن ۾ هڪ ڳالھ هئي تہ منهنجي هن محنت کي ڏسي ڪو خدا جو بندو اٿندو ۽ چوندو تہ هي ڪتاب آئون يا اسين ٿا ڇپرايون پر اهو شايد ديواني جو خواب هو. سوچيم تہ هاڻ هڪڙو ميسج ٺاهي، هر ان اديب، شاعر ۽ شاعرائَن کي موڪليان، جنهن جو تعارف هليو آهي تہ سائين يا سائڻ آئون هن تعارفي سلسلي جو ڪتاب ٿو ڇپرائڻ چاهيان. سو اوهين پنهنجو حصو موڪلي ڏيو... پر سچي ڳالھ اها آهي تہ مونکي پنهنجي اندر جي احساس اجازت نہ ڏني... سوچيم هو ڇا سوچيندا جيڪڏهن ائين ڪرڻو آهي تہ پوءِ مون ڪهڙو وڏو ڪارنامو ڪري ڇڏيو؟؟ هون بہ ڳڌيل ڪتاب ڇپبا رهندا آهن ۽ ماڻهون ٿي چار يا پنج هزار تائين بہ وٺندا آهن، مون پاڻ بہ ڏنا آهن، پر مونکان پنج سو گهرڻ جي بہ همٿ نہ ٿي.. ذهن ۾ هڪ طوفان برپا هو تہ ڪٿي سڀ دوست ائين نہ سوچين تہ احساس هي سلسلو صرف پئسن لاءِ شروع ڪيو آهي.. بس پوءِ اِهو طئہ ڪيم تہ ڪتاب ضرور ڇپائبو ۽ پاڻ ئي خرچ ڪري ڇپائبو... ها، باقي ڪتاب اچڻ کان پوءِ اُن ڪاوش ۾ شامل ٿيندڙ اديبن، شاعرن، سيني ڀائرن ۽ ڀينرن کي اهو عرض ڪبو تہ "جي ٿي سگهي تہ اوهان صرف ڪتاب جون بہ ڪاپيون خريد ڪيو تہ لک قرب..." دوستو اڄ ڪتاب اوهانجي پيارن ڀائرن ڀينئر بزرگن جي هٿن ۾ آهي، مونکي يقين آهي تہ اوهان جون محبتون موسان گڏ

هونديون... دوستو اِهي ڪجھ دل جون ڳالهيون هيون، جيڪي اوهان آڏو رکيون اٿم. هڪ عرض ڪندو هلان ته هن ڪتاب کان پهرين به گڏيل شاعري جا ڪافي ڪتاب اچي چڪا آهن پر هن ڪتاب ۾ ڪجھ ڳالهيون نيون آهن.. مثال طور هن ڪتاب ۾ ٻن پنجن يا ڏهن ضلعن جا شاعر يا شاعرائون شامل ناهن بلڪ هن ۾ پوري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا سخنور شامل آهن ۽ هن ڪتاب ۾ سنڌ جا تمام وڏا نالا به شامل آهن... آئون ڪنهنجو به نالو نٿو ڪڻان ان لاءِ ته سڀ منهنجي سِر جا سائين آهن ۽ اتي وري مون جهڙا نوان لکندڙ به شامل آهن... مونکي ڪجھ دوستن چيو ته سينيارٽي جو خيال رکو... پر مون کين جواب ڏنو ته يار ڏسو جيڪي بلڪل جونيئر آهن، اُهي ٿوري ئي عرصي ۾ ڪافي سٺو لکي رهيا آهن.. جن وٽ ڪتاب ڇپائڻ جا وسائل به ناهن، اسين گهٽ ۾ گهٽ انهن کي ڪو موقعو ته ڏيون... انهن جي ڪجھ حوصلا افزائي ته ڪيون... متان به هن ننڍڙي ڪوشش جي ڪري ڪي دوست اڳتي نڪري اچن... ان ڪري مون سڀني کي گڏائي پيش ڪيو آهي ۽ جئين ئي فيس بڪ تي تعارف نمبر هليو آهي، مون اُن ۾ ڪابه هير ڦير نه ڪئي آهي. هن ڪتاب 150 شاعر ۽ شاعرائون شامل آهن. اوهان سڀڻن جو ساٿ رهيو ته انشاءالله هي سلسو به هلندو ئي رهندو... هر سو نمبر کان پوءِ ڪتاب ڇپجندو رهندو... آخر ۾ آئون سامروٽي پبليڪش جي سرواڻ پاء پرڪاش ڪرمواڻي جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جنهن پائرن وانگر ساٿ ڏنو هڪ نماڻو عرض پنهنجي قيمتي راء سان ضرور نوازجو... جتي به هجو... خوش هجو... سدائين مهڪندا ۽ ٻهڪندا رهو...

سُک اوهانجي حياتي جو سينگا

سُک اوهانجي حياتي جو سينگار هجن... ڏک اوهانجي پر مان به نه گذرن آمين يارب العالمين...

جئي سنڌ...

جئي سنڌي ٻولي...

احساس ميرل
03013516393
03462476673
اڏيرو لال اسٽيشن ضلعو مٽياري

⊙⊙







**تعارف نمبر(1)**

[شاعر]

نالو: محمد علي

ادبي نالو: محمدعلي جت

والد جو نالو: حاجي خان

ذات: ميرجت

رهائش :ٽنڊو الهيار

رابطو: (0300_3242344)

تعليم: بي اي

لکڻ جي شروعات: 1998ع

ڇپيل مواد: ادب، امرتا، هالار، صبوح، عبرت ميگزين عوامي آواز، ڪاوش گيلري، شعراءِ ٽنڊو الهيار

لکيل صنفون: غزل،نظم، چوسٽا، ڏيڍ سٽا، ٻه سٽا/ فرد سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**نظم**

**ڪلا**

اندر جا درد ڏوئڻ لئه،
گڏيل آ لوڻ پاڻي سان،
ڪُنو يا ڏول چاڙهيل آ ،
هينئون پيو ٻاڦ تي ٿهڪي،
اکين جي جهيل جي پرسان،
اچي ڪو ڏابڙو رکجي،
ڪٽي ڪو پُور جو ڊنگهر،
ٻٽي کي واءُ جا جهوٽا،
پري ڪو اُس جو پاڪر،
لٽا سڀ درد جا ڏوئي،
نپوڙي ۽ ڇنڊي سارا،
سُڪائي هاڻ سڀ ڇڏجن.
نڊاڪا خواب سڀ ڳولي،
اکين جي اوڏڙا رکجن،
گُلن مان مُرڪ ڪجھ ڳولي،
ڇپن جي ويجهڙي رکجي،

ڪِلن مان مال جان ڪولي،
سُمورا ٽهڪ جي ڇڏجن،
ٻڏي ڪنهن ٽار سان پوِتي،
اَندر جي ٻار ڪي ڇڏجي،
ٻهاني ٽار هڪڙي جي،
لُڏي وڻ ٻار سان وينو.
ٻُڏي ڪو ڇير جو ڇمڪو،
ڪُڏي پئي دل ڇري ڪيڏي،
اِجهو! هي اوچتو ئي ڏِس،
هندوري هانءُ منهنجي ۾،
بدن کي لوڏ ڏيئي ڪا،
اِڇي ڪا اپسرا ويني،
ڦُٽين جا گُل سيئي ڇُوندي،
جواني جو پري ڪانبو،
پشم جهڙيون ڳنڍيون ڪولي،
پڇي پئي آرسون مون ۾،
عجب لالاڻ لبڙن جي،
ڪري پئي ماڪ گُلڙن تي،
متي اَميت ماڪيءَ ڪان،
غضب جي چا گهڙي ڇئجي،
شرم ٻُوٽي جيان مونکي،
وڪوڙي وئي صفا آهي،
ڪلِي ۾ چا ڪَلا آهي،
عجب آ زهر ماڻهوءَ ۾،!
ڏنگيو چوري بلا آهي،
خوشين ۾ چا ٽري ماڻهو،
بچي ويو آ مري ماڻهو،
خوشين ۾ چا ٽُري ماڻهو،
خوشين ۾ چا ٽُري ماڻهون...!!!

**چؤسِتو**

ڏکن ۾ دل هي ڇڪار آهي.
غمن جي ڳاڏي اُلار آهي.
جُتيءَ بنا ڪو لُڇي پيو نندڙو،
مِتيءَ کي آيل بُخار آهي.

⊙⊙







**تعارف نمبر(2)**

[ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره]

اصل نالو :فرزانا شاهين

ادبي نالو :فرزانا شاهين

والد جو نالو :عبدالرشيد

ذات: مگڻيجو

رهائش :سکر

تعليم :ايم .ايس .سي( ڪيمسٽري) ايم اي سنڌي

لکڻ جي شروعات : 1987ع

ڇپيل مواد: نئين زندگي، مهراڻ، سرتيون، بختاور، مرڪ، پرھ، عبرت ميگزين، سگهڙين سٿ، نئين آس، همسري، سنڌ رآٽي، پوپٽ

صنفون: غزل، وائي، نظم، نثري نظم، بيت، نئين ڪويتا، گيت

ڇپيل ڪتاب:

(1) وجود جي ڳولا (ڪهاڻيون)

(2) پهڻ پيرَ پٽون ڪيا (شاعري)

(3) .نيڻ آسائتا (شاعري)

اُن ڪان علاوه اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود.

سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ:

**وائي**

ڌرتيءَ لئہ جيئندي،
ڏيءَ "عروبا" هرقدم!
ڏِسندي ڏنجهَ ڏُکائتا،
ڏُکندن ڏي سُرندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!
ڳوڙها ساري سنڌُ جا،
ماءُ جيان اُگهندي.
ڏيءَ "عروبا" هر قدم!
ياڳوَندي هِن پونءِ جا،

ڳائي ڳُڻ لکندي.
ڌيءَ "عروبا" هر قدم!
اَيِرن سين انياءُ چو!؟
ڏاڍ اڳيان ڪُڇندي.
ڌيءَ "عروبا" هر قدم!
"فرزانہ" هر گام تي،
مون وانگر وڌندي،
ڌيءَ "عروبا" هر قدم!

**غزل**

سور ڌرتيءَ ۾ سار ڌرتيءَ ۾،
پاڻ سان انتظار ڌرتيءَ ۾.
آس تنهنجي ڪٽي هليا آهيون،
هاڻي ملجان بهار! ڌرتيءَ ۾.
تذڪرو تن جو قلب سان ليڪن،
سنڌ تان جا نثار ڌرتيءَ ۾.
جي وفائون ڪندا هئا جڳ ۾،
سي ستا چپ ميهار ڌرتيءَ ۾.
زندگي آسرن ۾ اُلجهي وئي،
تي رڪان پاڪ پيار ڌرتيءَ ۾.
ڪونہ شاهين سوچ آ ڪائي،
جيت ڌرتيءَ ۾ هار ڌرتيءَ ۾.

**چؤسٽو**

عنوانِ دؤرِ حاضر تحرير سنڌ جي
احساس تو ٻڌائي تصويرسنڌ جي
شاهين دل منهنجيءَ ڏي ڪوئي متان ڏسي
هرجاءِ تي رهِي دل جاگيرسنڌ جي
⊙⊙







**تعارف نمبر(3)**
[شاعر]
اصل نالو: عبدالرحيم
ادبي نالو: عبدالرحيم عبد ڪنير
والد جو نالو: محمد دائود
ذات: ڪنيار
رهائش: ڳوٺ محمد دائود ڪنيار- تعلقو چمبڙ- ضلع ٽنڊو الهيار
رابطو: (0332_7472134)
تعليم: بي اي
لکڻ جي شروعات: 1998ع کان.
ڇپيل مواد : هالار، هزار داستان، نئين زندگي، ادب/اديب، امرتا، صبوح، عبرت مئگزين، ڪينجهر، ينگ جنريشن، امرتا غزل رنگ، شعراءِ ٽنڊوالهيار، هلال پاڪستان، ڪاوش گئلري وغيره صنفون غزل، بيت، وايون، چوسٽا، نظم، گيت، ڏيڍ سٽا، گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "هر گل جي خوشبو پنهنجي" ۽ "ادب آب حيات" ۾ شاعري ڇپيل.
اڻ ڇپيل: ٻن ڪتابن جيترو مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ.

**غزل**

اوهان کي ڏسڻ لئہ نماڻيون اکيون
هوائن ۾ جڻ پئي اڏاڻيون اکيون

اوهان جون ئي راهون تڪيندي صنم
ٿيون هن اچي نيٺ ساڻيون اکيون!

نقابن جي پهري ۾ اچ مون ڏٺيون
هيون آشنا کي پراڻيون اکيون!

پڙهي ڪير، ڪيئي ڪنيو ٿيون وتن،
ڏکن ۽ سکن جون ڪهاڻيون اکيون!

هــتــن ســان بــنــائــي پَــنـي تــي پــريــن!
ٻُـڌائـي تـہ ڇـو تـو امـاڻـيـون اکـيـون؟

اوهـان جـي پـڄـاڻـان رهـيـون هـن سـدا،
خوشيءَ ۾ بہ هي لُڙڪ هاڻيون اکيون!

ٻِتا تِـيرَ ڄڻ تي هنيئي "عبد"کي.
غضب جي ادا سان تو تاڻيون اکيون!

**غزل**

گھُرج تنهنجي، سانوڻيءَ جهڙي لڳي
اُڄ منهنجي ڪنهن ٿَريءَ جهڙي لڳي

واٽ ويندي مُرڪ جو تحفو ڏنئي،
مُرڪ تنهنجِي يي چُمِيءَ جهڙي لڳي

تنهنجي پيشاني پگهر ۾ ڇا پِني؟
ماڪ ۾ وهنتل ڪَليءَ جهڙي لڳي.

ڪالهہ تنهنجي شهر مان ڇا ٿيو گذر؟
هر گلِي تنهنجي گلِيءَجهڙي لڳي!

دل جڏهن تنهنجي اشارن تي نچي،
دل بہ مون کي ناچڻيءَ جهڙي لڳي.

هر خوشِي واري بہ محفل تو سوا،
"عبد" مونکي آ غميءَ جهڙي لڳي!
⊙⊙







**تعارف نمبر(4)**
[ڪهاڻيڪار، شاعر]
اصل نالو: تصوّر علي
ادبي نالو:تصوّر ابڙو
والد جو نالو:فقير بخش علي
ذات: ابڙو
رهائش: لاڙڪاڻو
رابطو: (0331_2452310)
جنم: پهرين مارچ 1977ع
تعليم: گريجوئيٽ سول انجنيئرنگ / ماسٽرس اردو ادب
لکڻ جي شروعات: 1991ع
ڇپيل ڪتاب: تشنگي جو سفر (شاعري)، وجدان (شاعري)، منڪر نہ ٿي پوان (شاعري)، کچھ تو دوش تیرا ہے(اردو شاعري)
لکيل صنفون :غزل، وائي، نظم، بيت، دوها، ٽيڙو، گيت
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ:

**غزل**

انا کي هٽ فنا آهي، فقر مشهور ٿيندو آ
رياضت سان ملي جيڪو، ثمر مشهور ٿيندو آ

قلندر لال سيوهڻ کي، رڱي ويو رات هڪڙي ۾
جتي مجذوب رهندو سو، شهر مشهور ٿيندو آ

زهر يي بي اثر هتڙي پِيَل بوتل اندر جيڪو
لڳي عاشق لبن سان پوءِ زهر مشهور ٿيندو آ

سموري زندگي جو هت سفر بيڪار ٿو گذري
نجف ڏي پيرڙا کڄندي سفر مشهور ٿيندو آ

زمانو پل ڪري ڪاوڙ فرق ڪوئي نہ پوڻو آ
رڻو محبوب جي هيڪر ڏمر مشهور ٿيندو آ

نہ ڪا قيمت ڪري سگهندا جواهر ڪنڊ ۾ رکيل
شرافين هٿ اچي پو ئي وڪر مشهور ٿيندو آ

ٻہ ٽي گز مس ڪفن ٽڪرو هتان ويندي مهل هوندو
عياشي لئہ تصوّر بس سمر مشهور ٿيندو آ

**اردو غزل**

مختصر سی حیات باقی ہے
زندگی سے نجات باقی ہے

میں فنا سے بقا طرف جاؤں
کچھ انا کی ثبات باقی ھے

روز لکھتا رہا قصیدے میں
آج بھی کچھ دوات باقی ہے

شرمندہ کل امام کے آگے
آج تک بھی فرات باقی ہے

سو گیا چاند اوڑھ کے چادر
پر ستاروں برات باقی ہے

ہر تصور تجھے بتایا ہے
پھر نہ کہنا کہ بات باقی ہے

⊙⊙







**تعارف نمبر(5)**
[ڪهاڻيڪار ، شاعر]
اصل نالو: امتياز علي
ادبي نالو: امتياز دانش
والد جو نالو: فيض محمد
ذات: پناڻ
ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ سيهڙ وليج، تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو
موجوده رهائش: ڪراچي
رابطو: (0306_2803837)
تعليم: پوسٽ گريجوئيشن
لکڻ جي شروعات: ننڍپڻ کان
ڇپيل مواد: عبرت ميگزين، ڪاوش ميگزين، سوجهرو، سارس، همرچو، نئين آس، لوڪ، هالار، سنڌو ڊائجسٽ، ڪاوش ، عوامي آواز، هلال پاڪستان، سوپ، ڪوشش، عبرت، نجات، خبرون وغيره
اردو ۾ ڇپيل مضمون . جنگ، خبرين، نيا اخبار، امروز، ڪراچي وغيره
صنفون: نظم، غزل، ڪافي ، وائي، چوسٽا
ڇپيل ڪتاب: پرين جو عڪس (شاعري)
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غزل**

درد گهارڻ ڪمال جيون جو
روح آهي وشال جيون جو

سپ فنا سرحدن کي اورانگهي
ايئن آهي خيال جيون جو

بي حسي پوڳجي اجا ڪيسين؟
روز آهي سوال جيون جو

عمر گھارڻ جدو جھد ۾ سک!
نيلسن آ مثال جيون جو

موڙ جيون جو موت دانش آ !
موت ناهي زوال جيون جو

**نظم**

سوجھرن جا سپنا ..!!

روز سپنا ڏسون سوجھرن جا اسين
آٿيون انت تا ڏوجھرن جا اسين
روح رمتو پرين آهي گھايل اجا !
تو متائي وجود پنهنجو قاتل اجا
توڙي جو سختيون ساهه هر پل سهن
پوءِ بہ ڪارونجھر حوصلا تا رهن
پوءِ چا تي پيو ڏور منزل جي آ
جستجو آهي پوءِ ڏور منزل نہ آ
جستجو جو سفر جستجو ۾ رهي
آرزو جو سفر آرزو ۾ رهي
ديس جي درد ڪان ڪير موڙي تو منهن
ديس جي عشق ڪان ڪير توڙي تو سُهن
ديس جي دلبري جان ڪان آ عزيز
ديس جي زندگي جان ڪان آ عزيز
دلبري ـ زندگي لاءِ ووڙيون اسين
ديس دشمن سان هر پل تا جھيڙيون اسين
پٽريلا پٽريلا سيئي رستا پرين !
ها ! انهن تي هلي پير تي ويا پٽون
پوءِ بہ اڳتي وکون ! پوءِ بہ اڳتي وکون !

⊙⊙







**تعارف نمبر(6)**

[شاعر ،ڪهاڻيڪار ،مضمون نگار]
اصل نالو :محمود احمد
ادبي نالو: ريحان ابڙو
والد جو نالو: برڪت علي
ذات : ابڙو
جنم 1980ع
رهائش : نصرپور
رابطو: (0301_2564718)
تعليم : ايم.اي سنڌي - ايم.ايڊ
ڪرت: اسڪول ٽيچر
لکڻ جي شروعات: 1993ع
ڇپيل مواد: عبرت ميگزين، ڪاوش ، تخيل، سنڌ راڻي، سوپ وغيره
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ٽيڙو، هائيڪو، ڏيڍ سٽا، دوها، بيت . نثر ۾ ڪهاڻيون، ڪالم، ڪتابن تي تبصرا وغيره
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ:

**ترائيل**

او آرائين، او آرائين!
گل ورچيندين ڪيسين آخر؟
پيليندڙ بس پھتا سائين!
او آرائين، او آرائين!
واڙ ڪي ويڙهو ڪين ٿو پائين!
ويل وچي پئي وس ڪان ٻاهر،
او آرائين، او آرائين!
گل ورچيندين ڪيسين آخر؟

**اردو غزل**

سوئی آنکھیں، جاگا خواب
امیدوں میں پلتا خواب

حیرت کا دریا پُرشور
خاموشی سے تکتا خواب

بس چہرے پر لایا دھول
تیری تلاش میں نکلا خواب

عارضہء دل کیوں ہو تمام
چاہت روگ، مسیحا خواب

وعدہ ہے، لوٹے گا، خوب
کیا کہنے! کیا اچھا خواب

خلوت کے لمحات عجیب
کمرے میں ہے ہنستا خواب

اس کو کیا دیکھا "ریحان"
خوشبو سے ہے مہکا خواب

**پنجڪڙو**

حسرتن جو ورائي ڪفن چو سمهان؟
چا رهيو ناهي مقصد ڪو سنسار ۾؟
زندگي هٽ هڻ پئي اجا تار ۾،
چو نہ نظرون ڪناري تي ڪوڙي چڏيان!
حسرتن جو ورائي ڪفن چو سمهان!
⊙⊙





**تعارف نمبر(07)**



[شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو : محمد منل جسڪاڻي
ادبي نالو : منل جسڪاڻي
والد جو نالو: محمد عمر جسڪاڻي
ذات : جسڪاڻي
جنم: 15 جنوري 1961ع، ٽنڊوڄام لڳ ڳوٺ ٽؤنر خان جسڪاڻي ۾ ٿيو
رهائش: ٽنڊوڄام لڳ ڳوٺ ٽؤنر خان جسڪاڻي
رابطو: (0300_3088996)
تعليم : ايم.ايس.سي ايگريڪلچر (ٻوٽن جي بيمارين جو شعبو، پلانٽ پيٿالاجي)
ڪرت: استاد، محقق
لکڻ جي شروعات: 1975ع
ڇپيل مواد : هلال پاڪستان، جاڳو، عوامي آواز، برسات، عبرت، ڪاوش، سنڌ ايڪسپريس، مهراڻ، تعمير سنڌ، سرواڻ آفتاب، سنڌو، خادم وطن، وغيره
صنفون : آزاد نظم، نثري نظم، غزل، وائي، ٽيڙو (هڪيتو، هڪ نئين صنف متعارف ڪرائي، جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترا ئي شاعر لکي رهيا آهن)،نثر ۾ مضمون ۽ تجزيا تمام گهڻا لکيا آهن، سؤ سوا لکٽيون انگريزي ۾، پنجاهہ کن اردوءَ ۾، سڀ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن.
زرعي تحقيقي مقالا بہ 700 کان وڌيڪ بين الاقوامي معيار جي تحقيقي جرنلس ۾ شايع ٿيل آهن. ٿيهارو کن پروفائيل انٽرويو، ٿيهارو کن ڪتابن تي تبصرا، مختلف ڪتابن ۾ مهاڳ نما تفصيلي رايا،ڪهاڻيون وغيره/ڇپيل ڪتاب زرعي معلوماتي ڪتاب ويهارو کن ڇپيا آهن. هڪ انگريزي ۾ آهي. هڪ سنڌي ۾ سفرنامو ۽ بہ انگريزي ڪتاب. اُن کان علاوه سنڌيءَ ۾ هڪ ڪهاڻين جو مجموعو، هڪ سفرنامو ۽ هڪ شاعري جو مجموعو ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهي،
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ:

**غزل**

کھڙو ٻڌايان حال دل جو؟
تمام گهڻي بي قرار آهي!

جنهن جو ڪيو ناهي ڪڏهن،
صرف اُن جو انتظار آهي!

موت ته بر حق آهي جاني،
ڪڏهن ڪيو انڪار آهي!

انتظار به چو ۽ چا لاءِ،
اهو ته خاص اسرار آهي!

جهڙو آهيان تهڙو رهندس،
اهو ئي منهنجو اقرار آهي!

**نثري نظم**

اوهان کي جيئڻ وٽي،
ڪري گُذرو!
هونئن به،
ماڻهُو ايترو،
ڄاڻن ڪٿي ٿا،
جيترو اوهان،
ڄاڻو ٿا!
اوهان ئي مڪمل،
اوهان ڄاڻو سڀ ڪُجھ،
ماڻهُن کي،
مڃڻو به پوندو،
قبولڻو به پوندو،
جيئڻ به چئو اوهان،
جيئڻ به ڪريو اوهان،
ٻيو آهي به ڪٿي،
جهڙا آهيو اوهان!

**نثري نظم**

ياد ڪر!
سيارو موڪلائي ويو هو،
انبن ۾ ٻُور هو،
ٻيرون چانگيل هيون،
ٻبرن ۾ پلڙا پئي لڙڪيا،
برسيم پلو ٿيو هو،
گاهه جو پاڻ ڪي،
ڪو فڪر نه هو،
ڪچهري ڪندي،
هر هر لوُڏا هڻندي،
تو چيو هو:
"ڪو ڏسي نه وٺي"،
مون وراڻيو هو:
"ٻيو ڪير ڏسي نه ڏسي،
مون سڀ ڪجھ ڏسي
ورتو"!
ياد ڪر..
اُهي ڏينهن،
هي ڏينهن،
ويا سال گُذري،
تون آهين ڪٿي؟

⊙
⊙







**تعارف نمبر(08)**

ڪهاڻيڪار ، شاعر
اصل نالو : پير غلام مجدّد سرهندي
ادبي نالو : پير مجدّد
والد جو نالو: پير شاهه غلام رسول سرهندي رح
ذات : سرهندي فاروقي
جنم: 1966ع
رهائش : سجاده نشين هائوس درگاهه پير سرهندي
مٽياري سنڌ
رابطو: (0300_4177867)
تعليم : گريجوئيٽ، ڪجھ مدرسن جي تعليم عربي ۽ فارسي.
پاڻ پهريون شعر نائين درجي ۾ پڙهندي لکيائون.
بحر وزن جا استاد: پير بهاءُالدّين سرهندي "بها سرهندي"
لکيل صنفون: غزل، وائي، ڪافي، گيت، نظم، نثري نظم، ٽيڙو.
ڇپيل ڪتاب : هڪ ڪتاب "ٿر سُڪ جو سفر" نثر ۾ ڇپيل ٿرجي مهمان نوازيءَ، محبت ۽ والد سڳوري جي صوفيانه رَوِش ڪچهرين تي مشتمل آهي.
ٻن ڪتابن "ڏات جا هي ڏيئا" ۽ "آڪاس کي وٽي ٿو" جو مواد ڇپائيءَ لاءِ تيار آهي، جيڪو انشاءَ الله جلد ڇپجندو.
سنڌن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ:

**ٻه شعر**

يا حُور يا پرِي هئي، يا مُشڪ جي پَرِي هئي..!!
غريب هئي ضرور پر عجيب ڇوڪري هئي..!!

هُو چنڊ جي چهل پهل ۽ پِيرَ جي لکيل غزل
ڪان معتبر ۽ منفرد، اڃا به مٽيرِي هُئي..!!

**نظـــم**

شيشي جو شهر..!!

پٿر جي زماني جو ماڻهو
شيشي جي شهر ۾ آيو آ..!!
شيشي جي شهر جي رهواسين
تي خوف انوکو ڇانيو آ..!!
پٿر جي زماني جو ماڻهو
شيشي جي شهر ۾ ڪيئن رهندو؟
جنهن کي تو ڇُهي
شيشو ٿو پڃي
شيشا تي ٽُٽا، شيشن تي جڙهن،
پٿر جي زماني جي ماڻهوءَ
شيشي جي شهر ۾ ڊوڙ ڪئي،
شيشو ٿي لڳس
شيشو ٿي ڪَنيَڙِين
شيشي کي ڪٽي
شيشي تي هَنيَڙِين
ڪا جاءِ بہ شيشي جي نہ ڇڏيَڙِين
شيشي جو شهر شيشو شيشو ..!!
پٿر جي زماني جو ماڻهو
شيشي جي شهر ۾ آيو هو
شيشي جي شهر جي رهواسين
تي خوف انوکو ڇانيو هو..!!

**نظـــم**

اڏ ڪلو اٽو..!!

منهنجي سوچن کي ساهمي ۾
وجهي
ڪالهہ هڪڙي ڪباڙئي توري
مونکي واپس ڪيون
۽ مونکي چيئين
تنهنجيون سوچون صفا نَيُون
آهن..!!
هي تہ بلڪل لڳن ٿيون امپورٽيڊ،
آئون ڪباڙيو آهيان خريديندس،
پر پراڻي ڪباڙ جي اگهہ ۾..!!
مون ذرو ٻي نہ ان تي ويچاريو
مونکي افسوس ڪونہ ٿيو بلڪل
هن کي ڪهڙي خبر تہ ڙين دنيا،
مفلسي، بک جي شڪار آهي..!!
ڇا ڪندو تن کي تنهنجو انٽرنيٽ"
پيٽ "ايميل" سان نٿو پرجي
ڪهڙي ڪم جو پلا هي "ائٽم بم"
"فيڪس" مون لئي اجهو لٽو ناهن
هن کي ڪهڙي خبر تہ منهنجي لئہ
قيمتي آهي "اڏ ڪلو اَٽو..!!"

⊙
⊙







**تعارف نمبر(9)**
[شاعر]
اصل نالو: سعيد احمد
ادبي نالو: هيڪل سومرو
والد جو نالو: عبدالغفور سومرو
ذات: سومرو
جنم : 2فيبروري 1980ع
رهائش: شهر وارهہ، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ
رابطو: (0333_3424085)
ڪرت: سرڪاري ملازم
لکيل صنفون :غزل، گيت، وائي، دوها، نظم
ڇپيل مواد: مختلف اخبارن، رسالن ۽ مئگزينن ۾.
تقريبن ٻن ڪتابن جو مواد موجود
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ:

**غـــزل**

هَر ڳالهہ ڳُجهي رهندي
پَرَ عشقُ عَيان رهندو
ڪايا جَي نہ ڪينجهرَ تي
نُوريءَ جو نشان رهندو
وئي عمر ڪسي جوڀن
جذبو تہ جوان رهندو
جَنتَ نہ سهِي دوزخ
ڪوئي تہ مڪان رهندو
تي خاڪ ويندو ساڌُو
ڇا ڪوئي مُلان رهندو
ڪو شَڪُ نہ خِلجي تي
پنهنجَي تي گُمان رهندو
جَي ڏيندين رَڻ ’هيڪل‘
سِنڌُو تہ روان رهندو

## نظم

سُور بڻجي سنگِدل
جيڪا رهَي تي روحَ ۾
جيءَ منهنجي ۾ جلَي تي
جاڳ بڻجي جا خُدا
ڪجُهه گهڙيون تِنهن ڪي
سُمهاري ڏي خُدا،
منهنجي اندرَ ۾ جُڳن ڪان
تِي اجان تائين جيئي
جامُ سمجهي جا لهُو
منهنجي جِسم مان تي پيئي
تنهن ڪي ماري ڏي خُدا،
هُوءَ پلي هِن دل اندر
تِي پئي دفن،
مَنَ اندرَ جي ديسَ مان
ڪر بيوفا جي ياد ڪي جلاوطن،
هِي جهان ناهي رهيو
ڪو چاهتن وارو چمَن
بِره جي هِن باهه ۾
ڪيسين جلَي منهنجو بدَن
ڪاش هيڪل`
عشق جي هيءَ
آڳ نارَي ڏي خُدا
جيءَ منهنجي ۾ جلَي تي
جاڳ بڻجي جا خُدا
ڪجُهه گهڙيون تنهن ڪي
سُمهاري ڏي خُدا...!

⊙⊙







**تعارف نمبر(10)**
[شاعر، ڪاڻيڪار]
اصل نالو .لڇمڻ
ادبي نالو: لڇمڻ داس
والد جو نالو: نٿو مل
ذات : جنڊاوڙو
جنم : 1986
تعليم: مڊل
ڪرت: رازڪو ڪم
لکڻ جي شروعات: 2009ع
راهئش: رُڪن بُرڙا، ضلعو سانگهڙ
رابطو: (0340_0804084)
چپيل مواد: گڏيل ڪتاب ( هرگل جي خوشبو پنهنجي) ۾، هڪ اردو انتخاب (موج تہ آب ) ۾ شاعري چپيل ۽ اُن ڪان علاوه امرتا، سنڌو، سوجهرو، بياض، ننڊي آگ ، ارزنگ، شعروسُخن وغيره ۾ بہ مواد چپيل.
صنفون .غزل . نظم . چوسٽا ۽ نثر.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ:

**چؤسٽو**

سرساهه ڪيان صدقو ۽ پيار بہ حاضر آ
توڪاڻ صنم سارو سنسار بہ حاضرآ

گر ڏوهه محبت آ ڏي يار سزا مونکي
مان ڪنڌ جهڪايان ٿو تلوار بہ حاضرآ

**غزل**

جڳ هي اونداهي واٽ جهڙو آ
سات سپرين جو لاٽ جهڙو آ

ماڻهون توڪان تڏهن لنوائن ٿا
تنهنجو لهجو لپاٽ جهڙو آ

سر تي ڪاتيون ٽنگيل زماني جون
سچ مگر اوچي ڳاٽ جهڙو آ

هن تي تعمير ڪر محبت جي
من هي خالي پلاٽ جهڙو آ

ڪيئن هن سان ڪو هم ڪلام ٿئي
هن جو هر لفظ چاٽ جهڙو آ

داس دل جي پرئي ترئي گهر ۾
هي وڇوڙ تہ ڪاٽ جهڙو آ

**اردو غزل**

اشک آئے تو بیشمار آئے
بوجھ پلکوں سے ہم اُتار آئے

خواہشیں روز مارتی تھیں ہمیں
آج ہم خواہشوں کو مار آئے

مستحق آپ ٹھہرے پھولوں کے
اپنے حصے میں صرف خار آئے

زندگی کشمکش میں ہے یارو
اس سے کہنا کہ ایک بار آئے

آج اس کی گلی سے گذرے تھے
آج پھر ہو کے بیقرار آئے

بوجھ سانسوں کا اپنے سر پہ لئے
زندگانی تو ہم گذار آئے

داس خواہش بسنت کی کیا ہو؟
جب خزاں کی طرح بہار آئے







**تعارف نمبر(11)**

[شاعر، ڪهاڻيڪار]

اصل نالو : مجيب الرحمان
ادبي نالو : مجيب سنڌي
والد جو نالو : محمد حيات
جنم: 5مارچ 1983ع
ذات : ڪورائي
رهائش : عمر مارئي ڳوٺ قائد آباد، بن قاسم ٽائون ڪراچي
رابطو: (0300_0203006)
تعليم : مئٽرڪ
ڪرت : پنهنجو ڪاروبار
لکڻ جي شروعات : 1998ع
ڇپيل مواد : سنڌي مئگزين، رسالن ۽ اخبارن ۾ مختلف وقتن تي تخليقون ڇپجنديون رهن ٿيون.
صنفون : غزل، گيت، وائي، ڪافي، بيت، نظم، مضمون ۽ ڪجهه ڪهاڻيون وغيره
ڇپيل ڪتاب : تياري جي مرحلي ۾ آهي
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ:

**غزل**

ڇا جي چاهت ڇا جي ياري
هر ڪنهن وٽ آ دنيا داري

رشتن جو ڪو مان نہ آهي
سڀ ڪي پياري ناماچاري

هر ڪو ساڙ سڙيو ٿو ڏسجي
هر ڪنهن وٽ آ مارا ماري

مفلس ماڻهو سورن ۾ آ
آهي تماشو دنيا ساري

نيت مجيب ايرڙو آهي
مون جنهن سچ جي راهه نهاري.

**غـــزل**

شاهه گداگر تنهنجي در تي
ڪيئي گوهر تنهنجي در تي

آئون به دل جو دان رکان ٿو
منهنجا دلبر تنهنجي در تي

مون جهڙا سَوَ شاعر آهن
سڀ ثنا گر تنهنجي در تي

هيڪر ٻيهر ٽيهر ڇا لئه
ايندس هر هر تنهنجي در تي

**وائـــي**

هاڻي آءُ هلي،
آيا ساونڻ مينهنڙا
تر بر آ سائو ٿيو
مهڪي مند پلي
آيا ساونڻ مينهنڙا
موسم ڏس ملهار جي
ڪنوڻين ساڻ ڪلي
آيا ساونڻ مينهنڙا
رنگ نرالا مينهن جا
ڌرتيءَ جهول جهلي
آيا ساونڻ مينهنڙا

**غـــزل**

پيار ۾ هر اڪ ٻڏل لڳي ٿي
پر چو دل دل پگهل لڳي ٿي

جنهن جنهن جڳ ۾ پيار ڪيو آ
دنيا ان کي خوار ڪيو آ

تہ بہ اڪ اڪ هت اڙيل لڳي ٿي
مست ملنگن جو هي ٽولو

سپنو پرت پريل ڪو چولو
گهڙي گهڙي هر اٿل لڳي ٿي

حسن عجب ۽ پيار عجب آ
هر ڪنهن جو وهنوار عجب آ

الڳ الڳ پت اڏيل لڳي ٿي
محبت ماريل اڪ نماڻي

مجيب هر دم لڳي اياڻي
پنهنجو پاڻ کان رنل لڳي ٿي

⊙
⊙







**تعارف نمبر(12)**
[شاعر]
اصل نالو : غلام رسول
ادبي نالو : ساحل خاصخيلي
والد جو نالو : حاجي محمد
ذات : خاصخيلي
جنم : 5 مارچ 1987ع
رهائش : ڪنري ضلع عمرڪوٽ
رابطو: (0331_2367243)
تعليم : پرائمري
ڪِرت: اسٽار لائٽ ڊرائي ڪلينرز، فوٽو گرافي، ويڊيو ايڊيٽنگ.
لکڻ جي شروعات : 2015ع
ڇپيل مواد : سوپ، عبرت مئگزين، سنڌ ايڪسپريس وغيره
لکيل صنفون: گيت، غزل، نظم، چؤسٽا.
اڻ ڇپيل مواد : هڪ ڪتاب جيترو موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**چئوسٽـــو**

ڪٽي اڪ ڏسين ها تہ چاتي پوَئي ها
پلا جي ملين ها تہ چاتي پوَئي ها

گناهن جو پُتلو تون ساحل کي سمجهي
جي بخشي ڇڏين ها تہ چاتي پوَئي ها

**چئوسٽـــو**

وقت وٽندڙ هُيو هر خوشيءَ جي پُٺيان
پر وڃائي ڇڏيم دوستيءَ جي پُٺيان

بي حيائي وئي آ دنيا ۾ وڌي
لوفرن جو جَٿو ڇوڪريءَ جي پُٺيان

نظـــم

## بابا

تنهنجي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ
ڏنا ڏک سور مون بابا
نہ کو هو پرجهلو منهنجو
نہ ڀي کا واهہ هئي منهنجي
صفا معصوم قدمن سان
جبل جهاڳڻ ڏکيو هو پر
وني نالو مني رب جو
کنيم پنهنجا قدم اڳتي
سهارو هو فقط رب جو
اچي منزل پڳس آخر
امڙ جون پي دعائون هون
اوهان جو پيار پي گڏ هو
خدا جي مهربانيءَ سان
ويا ڏک ڏور تي سارا
رهان تو هاڻ خوش ڏاڍو
مگر تنهنجي وڇوڙي جو
مليو جو اوچتو صدمو
اهو ڪٿ تو سگهي وسري
ويو تون پار آن ان ڏي
جتان واپس نہ ڪو ورندو
دعاڳو هان سدا تولئہ
ڪندئي رب ٻاجهہ پيو پنهنجي
ڪٽي پرور اڳيان هتڙا
گهري ساحل دعا هي تو
قيامت ۾ منو مرسل
ڪندو توتي نظر پنهنجي
ڪندو توتي نظر پنهنجي

⊙⊙







**تعارف نمبر(13)**

[شاعر]

اصل: نالو محمد حسن
ادبي: نالو حسن پنهيار
والد :جو نالو محمد اسماعيل
جنم: 1973ع
ذات :پنهيار
رهائش: ڳوٺ حاجي محمد رمضان خان پنهيار, ڪنڊڪوٽ
رابطو: (0300_3612113)
تعليم: گريجوئيٽ ايگريڪلچر,ايم. اي سنڌي
لکڻ جي شروعات: 1990ع کان
ڳائڻ ۾ هڪ البم :2005ع
جن فنڪارن شاعري ڳائي ،قبلا سيد سخاوت حضور بخاري , شريف عباسي, نذير فقير ،ڪجهہ اسم حسن پنهيار پاڻ بہ ڳايا
شاعري جو استاد محترم بشير احمد تعبير سومرو
پنجون درجو :استاد محترم نور محمد چاچڙ پڙهايو
ڇهون ستون درجو :استاد محترم خوش محمد سرڪي وٽ پڙهيو
اٺون نائون درجو :استاد محترم شفيع محمد سرڪي وٽ پڙهيو
ڏهون درجو :مرحوم استاد محترم ارباب علي چنا وٽ پڙهيو
ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺُل مان ڪئي، انٽر ڪلاس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٺُل مان ڪئي.
ڇپيل مواد .عبرت مئگزين.ادب مهراڻ .ڪاوش. سوپ.
صنفون . غزل. گيت. وائي . نظم .ڇوَسٽا. دوها . بيت.
ڇپيل ڪتاب: پهر پيار جا 2005ع، نظر ناز پرين جو 2007ع.
اڻ ڇپيل ڪتاب: "نيڻ نهارن پيچرا"، "پيچ پاڳارا چوندو آ" "هڪ نيڻ تنهنجا ٻيو جيجل سنڌ"، "رهجي ويل ڇُمي" ، "تنهنجي ڏنل ڇُمي".

سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ:

اردو غزل

دلوں میں گھر بنالے جو محبت ہو تو ایسی ہو
ہنسی لب پر سجالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

مجازی مام کا مطلب اگر حاصل عیاں یوں بھی
خدا سے بھی ملالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

زمانے میں ھزاروں لوگ بڑے ہی نام رکھتے ہیں
گرے کو گر اٹھالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

الف سی میم نکلا ھے مگر وہ میم جانے کیا!
کسی کو وہ سکھالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

نظارے بہت ہیں لیکن عجب انداز نینوں کا
ملا کے آنکھ پلالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

نہ کر ظاھر محبت کو چُپی مانگوں تو کیا ھوگا؟
بنا مانگے ہی پالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

حسن ہی نام کافی ہے عنایت یہ تیری مولا
تجھے اپنا بنالے جو محبت ہو تو ایسی ہو

**وائي**

اکيون سي ئي پسن
جن سان ناتو نيهن جو

عاديون ٿيون جن لاءِ هي
ٻئي کي ڪيئن ڏسن
جن سان ناتو نيهن جو

اگڻ مون احسان تي
پرين شال اچن
جن سان ناتو نيهن جو

سدا منهنجي من ۾
ساهن جيئن رهن
جن سان ناتو نيهن جو

ڇُمي پائي پيار سان
پاڪر ساڻ چمن
جن سان ناتو نيهن جو

دم دم حُسن ڪان ڪڏهن
پري پل نہ ٿين
جن سان ناتو نيهن جو

**هائيڪا**

پاتو تو پاڪر
ڇُمي سان دک دور ٿيا
تي ويس مٽ ۾ پُر
تنهنجو نانءُ غزل
آءُ تہ توکي ڳايان
پائي قربَ ڪجل







**تعارف نمبر(14)**

[شاعر،ڪهاڻيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو :محبوب علي
ادبي نالو: محبوب سنڌي
والد : غلام مصطفيٰ شاهين (شاعر)
ڄمڻ جو هنڌ : تاريخ 24 مارچ 1982 سورج آباد محلا ڪنير پاڙو دادو شهر
لکڻ جي شروعات: 1994/95ع
موجوده رهائش: ڪوٽڙي، ضلعو ڄامشورو.
رابطو: (0308_2493121)
ادبي استاد : مخدوم احمد مجتبيٰ غالب، سائين الله نواز "نواز رڪٽائي" ۽ عاشق دادوي.
لکيل صنفون : ڊراما، ڪهاڻيون، ناول، شاعري، مضمون، شخصيتن جا خاڪا.
ڪي ٽي اين تي هليل ڊراما: (وري ورندو واءُ، ڏوهاري،لڄ)
لکيل فلمون: (حيوان، واسينگ نانگ)
فلمن ۾ ڪم ڪيو: زهريلو دشمن، رت جوويري، غيرت جو سوال.
لکيل اسٽيج ناٽڪ: (جيئي عشق)، هڻ تہ ڇٽي (مزاحيا ڊرامو)
اسٽيج ڊرامن جي شروعات: 1997ع ۾
اسٽيج استاد : استاد حضور بخش گوپانگ
تقريباً 70 کان 80 اسٽيج ڊراما ڪيا.
ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليل، تازو ساس سنڌ پاران سرٽيفڪيٽ ۽ بزمِ غالب ۽ قلندر شهباز ايوارڊ پڻ مليل.
مواد مختلف اخبارن رسالن ۾ ڇپيل.
ڇپيل ڪتاب: ٽڙيا ٽارين گل(گڏيل شاعري جو مجموعو)
اڻ ڇپيل : ناول، ڪهاڻيون، مضمون، شخصيتن جا خاڪا ۽ شاعري.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ:

**غـــزل**

ڪي گل گلزار جون اکيون
ڪي هن اغيار جون اکيون

تڪن ماني ڳپي ڪي پيون
بکايل ٻار جون اکيون

انڌيون ٿي هن پيون شايد،
ستل سرڪار جون اکيون

ڪڇي ماڻهو ڀلا ڪئين جو
ڏسي پوتار جون اکيون

ٿمڻ ڪم آهي انهن جو
هجن چڻ نار جون اکيون

اسان کان اڄ ويون مٽجي
اسان جي يار جون اکيون

نہ ٿيون محبوب کان وسرن
مٺي مننار جون اکيون

**نظـــم**

روپ هوشو جو وٺي دودي جيان ڏڏڪار ڪندي
سنڌ جاڳي آ اٿي اغيار کي للڪار ڪندي
سونهن سنڌو جي سمائي روپلا هيمون اچن پيا
دولهہ دريا ۽ بلاول ديس خاطر اڄ اٿن پيا
شاهہ حيدر هو عنايت باهہ جو مچ ٿي مچن پيا
سولي گهاٽا تير تلوارن کي چميو هي چمن پيا
سر ڏين مرڪي نرالا ڏيهہ ۾ نروار ڪندي
سنڌ جاڳي آ اٿي اغيار کي للڪار ڪندي
⊙⊙





**تعارف نمبر(15)**



[شاعر]
اصل نالو: محمد امين
ادبي نالو: امين پٿو
والد جو نالو: سومرو خان
جنم: پهرين اپريل 1986
ذات: پٿو
رهائش: عبدالله ڳوٺ، نزد نيشنل هاءِ وي، فيز 1. گلي نمبر21، گهر نمبر 580، بن قاسم ٽائون ڪراچي
رابطو: (0300_3447891)
تعليم: ايم.اي بي.ايڊ، ڊي .آءِ. ٽي ڪورس.
لکڻ جي شروعات: 2000ع اداس پرديسي پٿو جي نالي سان.
ڇپيل مواد: مهراڻ، سوجهرو، هالار، هزار داستان، عبرت مئگزين، ڪاوش، شام، ڪوشش، عبرت، سنڌو وغيره.
لکيل صنفون: غزل، گيت، وائي، نظم، چوسٽا وغيره.
اڻ ڇپيل : 33 ڪتابن جو مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ:

**غـــزل**

هجرت ڪدي جان لهجا خانہ بدوش آئون
مون ۾ ڊڪن ٿا رستا خانہ بدوش آئون

هن پنڌ ۾ بيهاري مون کان ڪيو پڇاڻو
دک درد ڏکيسين رهندا خانہ بدوش آئون

رستو هي رڄ جهڙو پيرن ۾ آهي قاتل
آهي ڪا گڏ هلي جا خانہ بدوش آئون

ٻيڙي ندي ڪنڌ ي تي ٻيلي جي آهي پرسان
پنڇي بہ هي آوارا خانہ بدوش آئون

منزل هي مئڪدي جان مونکي ڇڪي رهي آ
روڪيندا ڪيسين لمحا خانہ بدوش آئون

**نظم**

(پنڌ ڪهڙو خوف جهڙي زندگي جو)

زندگي خوف آهي خواب آهي
چوڙين جو چنڊ آهي منڊ آهي ڪنڊ آهي
هي حياتي هي مماتي
الڪي جهڙي سڏڪي جهڙي
پور جهڙي سور جهڙي هجر جهڙي
وڻ تتل ڪنهن
لام جهڙي جهرڪين جي گهر جيان ٿر جيان
بر جيان ڪنهن ندي جي شور وانگر جڻ جبل تي
ڪنهن ڪڪاوين جهوپڙي ۾ ڪوئي ٻرندڙ
ديپ آهي ڪنهن ڪنواري جي اکين ۾
لڙڪ پهرين پيار جو آ
هي حياتي موت جهڙي ماٺ آهي
ڏيل جو ڪو سڏ آهي يا پڳل ڪو هڏ آهي
خوف ۾ گذري سدائين خوف ڪهڙو خوف چاجو
سو پتو آهي ٻـ ناهي خوف چاجو
عمر جا ڏاڳا ڪچا سپ اٽسبيل ڪپڙي جيان ئي
روز ادڙي روز ڳنڍجن روز اڌڙن روز اڌڙن
زندگي ڪنهن شهر ٻـي ۾
اجنبي جي وک آهي لاپتا ڪنهن ديس اندر
ڪنهن سڄاڻپ جو سنيهو ڪنهن جي ڳولا
جي مجاور جڻ تـ ڪائي آ مزار
الڪو الڪو پنڌ آهي پنڌ ڪهڙو ڏُنڌ جهڙو
ڪنهن وڻن جي خامشي ۾ جڻ پکين جو
ديس آهي جهنگ آهي ٻيلو آهي چارو آهي
پنڌ ڪهڙو خوف جهڙي زندگي جو

⊙⊙








**تعارف نمبر(16)**

[شاعر، محقق، مضمون نگار]
اصل نالو : ابوبڪر
ادبي نالو: آزاد ابوبڪر
والد جو نالو : ميان بخش
ذات :چڱو
جنم: 1985ع
تعليم: انٽر
ڪرت :هاري
رهائش: ڳوٺ صيفل خان چڱو، لڳ اڏيرولعل اسٽيشن
رابطو: (0346_8902135)
لکڻ جي شرعات: 1999ع

لکيل صنفون: تحقيق، غزل، وائي، بيت، گيت، چوسٽا، هائڪا، مقالا، مضمون، خاص ڪري شاهه عبدالطيف ڀٽائي تي تحقيق ڪري رهيو آهي. سندس هڪ ڪتاب (ڀٽ جو ڀٽائي ) گنج بخش ڪتاب گهر طرفان ڇپيل آهي. ان ڪان سواء ڇئن ڪتابن جو مواد موجود اٿن، جيڪي پڻ شاهه عبدالطيف ڀٽائي تي لکيل آهن ان ڪان علاوه ،سنڌ جي تاريخ تي ٻـ تحقيقي 3ڪتاب لکيا اٿس جيڪي مالي حالات جي ڪري اجان ڇپائي ناهن سگهيا.

سندن شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**چوسٽو**

ڳالهہ ڳالهہ تي جهيڙو آهي
دور الائي ڪهڙو آهي

نفرت جا ٿو نانگ نپائي
محبت ڪان چو ٿيڙو آهي

**بيت**

پرينءَ سندي پار ڏي آ ڪيو پَنڌُ
آذاد عجيب لئہ ٿو سڪي سَنڌُ سَنڌُ
ڪوري ڏيان ڪَنڌُ، جي پرين پرچڻ جون ڪري

**غــــزل**

ڏي نہ پلي تون ڪَک اسان کي
ويجهو پنهنجي رَک اسان کي

اُڏري پار پرينءَ جي پهچون
پَروَر ڏي کي پَک اسان کي

ماندي مَن کي مانُ ملي بس
کونہ کپي ٿو لَک اسان کي

سِڪَ ۾ دل جا تارَ ٽُٽَن ٿا
ڏيڪاري وچ اَک اسان کي

منزل آزاد ملي ويندي
ڀاڳ ڏنو جي ٻَک اسان کي

**غــــزل**

شهر سندا هي سارا ماڻهو
منهنجا آهن مارا ماڻهو

جن تان واري وينس جندڙي
دل جا نڪتا ڪارا ماڻهو

ڏاڍن اڳيان يار ٻُڏا تون
ڇا تہ ڪندا ويچارا ماڻهو

جن سان تنهنجو چاهه رهي ٿو
سي ئي ٿيا سوپارا ماڻهو

تنهنجي ٻانهُن منجهہ مرڻ جا
ڪو تہ هٽي پيو نعرا ماڻهو

دل آزاد ڪسي ويا منهنجي
ڪارن وارن وارا ماڻهو

⊙⊙







**تعارف نمبر(17)**

[شاعر]

اصل نالو: عبدالرحمٰن

ادبي نالو : ساحر راهو

ولد: احمد خان راهو

ذات : راهو

تاريخ پيدائش: 1-آڪٽوبر-1963ع

ڳوٺ: شهمير راهو، موجوده ضلعو مٽياري، تعلقو نيو سعيد آباد.

تعليم: انٽر

رابطو: (0300_8862567)

ڪرت :سرڪاري نوڪري

ڇپيل ڪتاب:

1. خواب ڪٿوري چنڊ (غزل) 2. سانوري شام (غزل )، 3. نيڻ سجدي ۾ (غزل)،4. خوابن جي خودڪشين ڪان پوءِ (غزل ۽ نظم گڏيل)، 5-وہی پت جھڑ ہے آنکھوں میں(اردو. غزل)، 6. دل جي ڳلي (غزل)

ڪتاب اڻ جهاڳ اڪيلائي (غزل) ڇپائيءَ هيٺ.

مليل ايوارڊ : سوجهرو ايوارڊ ،ڊاڪٽر تنوير عباسي شليڊ ،ڄام خان جمالي شيلڊ سڪرنڊ ،حاجي علام نبي رند شيلڊ سڪرنڊ ٻہ پيرا، سنڌ راڻي ايوارڊ حيدر آباد، ماهوار ناٽڪ شيلڊ ڪراچي ،اڻ مُلهہ اثاثو اعزاز ايوارڊ.

سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غــــزل**

بادل پهاڙ جُگنُو رستا رباب جهرڻا
ڪنهنجي تلاش ۾ ها درياهه گلاب جهرڻا

مسلڪ هُجي مٿانهون جنهن جاءِ تي بندي ڪان
کهڙي وقعت رکن ٿا اُن جاءِ ڪتاب جهرڻا

رُج جي فصيل فطري صحرا نديءَ جي وچ ۾

محرم نه دوست تر جا چشما حُباب جهرڻا

تنهنجي نفيس لهجي پل ۾ ڪري ڇڏيا هن
محبُوب دل جا بنجر جل ٿل خواب جهرڻا

ترديد ڪا نه ٿيندي ميخاني ۾ وڃڻ جي
تجديد لئه پيون ٿا زاهد شراب جهرڻا

چوڪي جي چاهه موهيا پلڪُن ۾ جاڳ پوئي
جهُوپن جي پر ۾ ڇڏيا ڪجلا شباب جهرڻا

آڪاس ۽ زمين جي پر بي وٿي ته ڪڏهين
سوراخ سنگ مان پيي ڪيندا جناب جهرڻا

چهرا پڙهي شهر جا بنجر ها ياد آيا
واهڻ جا صافُ اُجرا ساحر حجاب جهرڻا

**غـــــزل.**

پُرڪيف دلبرايون دلڪش خواب رستا.
مدهوش مهه جبينيون ميڪش خواب رستا.

انجيل جهڙيون اکيون توريت جهڙا چهرا.
سانوڻ جي شام ناسي ترڪش خواب رستا.

ويٽيءَ ۾ ويڙهي گجرا ماتي تي تلڪ ناهي.
ڪجري گُجر ڪيا تو پُرڪش خواب رستا.

توسان ته ڇچيسُ ته چرڪيا مخمور خواب چارا.
توسان مليسُ ته مهڪيا سرڪش خواب رستا.

خاموشيون خريدي هڪ مُرڪ ۾ ملايا.
مايُوس ماٽڪين ۾ مُنڪش خواب رستا.

رُڪجي ته روڪجن ٿا سنوري ته گهورجن ٿا.
منظر هوائون ساگر گردش خواب رستا.

لُوٽيات ۾ لپيٽيل پاٽيات ۾ پُسايل.
ميلاپ جي اڌوري خواهش خواب رستا.

ايمان ۾ وجهن ٿا مومن جي ڌار ساحر.
چورين جا سينا ڇُلڪي بارش خواب رستا.

⊙⊙





**تعارف نمبر(18)**



[شاعر]
اصل نالو: صلاح الدين
ادبي نالو: صلاح
والد جو نالو: جادم علي
جنم: 1998ع
ذات: راهمون
رهائش: ڳوٺ صلحاٽي تعلقه ڏاهلي ٿر
رابطو: (0341_0347001)
تعليم: انٽر

لکڻ جي شروعات: 2012ع، لکيل صنفون : غزل، وائي، نظم، هائيڪا، گيت، چوسٽو، بيت، هڪ ڪتاب جو مواد اڻ ڇپيل موجود.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**وائـــي**

تو سواءِ زندگي
هر گهڙي جيل جي
ڪا وَرڻ جي نه ڪر..!!
ياد آگم ڪيان
ٿورَ جڻ ڊيل جي
ڪا وَرڻ جي نه ڪر..!!
مُرڪ تنهنجيءَ ۾
مهڪَ رابيل جي
ڪا وَرڻ جي نه ڪر..!!
منهنجي لُڙڪن ڪَتا
آ لِڪِي هيلَ جي
ڪا وَرڻ جي نه ڪر..!!
عشق شروعات آ
عشق جي ڪيلَ جي

ڪا وَرڻ جي بہ ڪر..!!

**غـــــزل**

عشق سندو الهام اکين تي رکنداسين
روح ۾ رَسَندو رام اکين تي رکنداسين

تو ڏني پڪ پرين پنهنجي هجڻ جي
تنهنجو آچيل جام اکين تي رکنداسين

پنهنجي شهر جي هر هڪ در تي
ڏيئو ٻاري شام اکين تي رکنداسين

روز نوان الزام لڳن ٿا چونڪن تي
سارا سڀ الزام اکين تي رکنداسين

پنهنجي دل جي آڳر تي هڪ ڪعبو جوڙي
تنهنجي صورت نام اکين تي رکنداسين

هر هڪ پاسي ڏُنڌ مگر ڏس هن پاسي
روشن آهي مام اکين تي رکنداسين

شعر سڀاجها نيت تہ "صلاح" نهندا ويندا
لفظن جو الهام اکين تي رکنداسين

**چؤسٽـــو**

ڳوٺ اورانگهي شهر پهتو هُيو
ڪنهن اڻ ڄاتي نگر پهتو هُيو

حُسن پُوڄا پاٽ پاسي تي رکي
مورتيون ڪٽي پٽر پهتو هُيو







**تعارف نمبر(19)**
[شاعر . ڪهاڻيڪار. مضمون نگار]
اصل نالو : محمد امين
ادبي نالو ؛ امين اُڏيرائي
ولد ؛ لال خان
ذات؛ ڪوڪر
جنم : 05 نومبر 1964ع
تعليم ايم اي (سنڌي ادب) بي ايڊ
رهائش : اُڏيرو لعل اسٽيشن
رابطو: (0345_3846359)
ڪرت : اسڪول ٽيچر
لکڻ جي شرعات: 1982
تصنيف ڪيل ڪتاب؛ 13
ترتيب ڏنل: سنڌي ڪتاب 8، سنڌي شاعري جا 5 ڪتاب، سنڌي ڪهاڻين جا 2 ڪتاب، اردو شاعري جا 3 ڪتاب، اردو ڪهاڻين جا 2 ڪتاب ۽ پنجابي شاعري جو1 ڪتاب.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**ٻہ شعـــر**

جيڪڏهن ڪنهنجي ڪم نہ آئي آ
سمجهہ پوءِ زندگي اَجائي آ

چند خطڙا، ڪتاب، تصويرون
هي منهنجي عمر جي ڪمائي آ

**ٻہ شعـــر**

جيستائين هي زندگي هوندي
درد مندن سان دوستي هوندي

ڳهگهہ اوندهہ ۾ تون پڙهي ڏسجان
منهنجي لفظن ۾ روشني هوندي

اردو دو شعر

ایک صحرا سے ہو کے آیا ہوں
اب سمندر کو پار کرنا ہے

پھر ہتھیلی پہ جان رکھنی ہے
پھر ترا اعتبار کرنا ہے

دو شعر

جانے کیوں پھر لگا سراب مجھے
پھر سمندر سے لوٹ آیا ہوں

اس سے پہلے کہ تُو نہ پہچانے
میں ترے در سے لوٹ آیا ہوں

پنجابی دو شعر

ایسے لئی خوش رہنے آں
ساڈا ہویا سانجھا دکھ

کسراں وکھ کرے کوئی سانوں
میں آں ہیر تے رانجھا دکھ

⊙⊙







**تعارف نمبر 20**

[شاعر]

اصل نالو : غلام رضا
ادبي نالو : مخمور رضا
والد جو نالو: علي گوهر
جنم: 2 مارچ 1996ع
ذات: ميمڻ
تعليم : گريجوئيشن
رهائش : اللهؐ آباد لاڙڪاڻو
رابطو: (0300_4300687)
لکڻ جي شروعات: 2013ع کان
ڇپيل مواد : ڪاوش سنڌي مئگزين، سوڀ سنڌي مئگزين، عوامي آواز سنڌي مئگزين، سنڌ ايڪسپريس سنڌي مئگزين، فاسٽ اخبار. سڦلتا مئگزين. نئين آس مئگزين ۽ عبرت مئگزين.
لکيل صنفون :غزل ۽ وائي وغيره
ڇپيل ڪتاب: " هينئڙي منجهه هڳاءُ" شاعري 2016ع ۾، ۽ "درد جو آڪاس" شاعري 2017ع ۾.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ.

**غزل**

هنڌ، هنڌ ڪان پيو ٿٿي من آ
آسمانن تان پيو ڪِري من آ

تنهنجي نڪري پناهه مان، سچ آ
منهنجو اجڙي ويو سڪي! من آ

عشق جي ڪنهن وشال صحرا ۾
منهنجو ننڊڙو ويو رُلي من آ

تنهنجي! سهڻين، حسين ساروڻين
جي سهاري رهيو هي جي من آ

خوابَ خوشين سندا ڏسي سُرها
ڪيترو هي پيو تڪي من آ

چيچ پڪڙي هليو محبت جي
زندگاني خدا! سڄي من آ

سنڌڙيءَ کي ڏسي عذابن ۾
پنهنجو پوندو صفا لُڇي من آ

ڏڪ ڳِهرو لڳڻ سبب منهنجو
اڄ مخمور ويو مري من آ

## غزل

ڪيترا ظلم سهندي رهي سنڌ آ
اذيتن ۾ ازل کان ونئي سنڌ آ

ايترا نيري اُڀ ۾ به تارا نه هن
جيترا نير رَت جا رُني سنڌ آ

هوڏانهن دشمن هٿيارن سان آهن سوين
هيڏانهن خالي هٿين هيڪلي سنڌ آ

آهي تاريخ شاهد، ڪڏهن ظلم ۾
ڏاڍِ آڏو نه پنهنجي جُهڪي سنڌ آ

لاش ڍوئي جوارن ۾ جوڌن سندا
ڪيڏو مظلوم تڪجي پئي سنڌ آ

گهر، ٻنيءَ ۾ ونيءَ، ٻارڙن، جند ڪان
مونکي مولا ڏسي تو مني سنڌ آ

ڪيئن نه تڙپان، لُڇان ۾ جُهران آنُ هيئن
منهنجي مخمور چئي جو ڏکي سنڌ آ
⊙⊙







## تعارف نمبر(21)
[شاعر]
اصل نالو: اياز حُسين شاهه
ادبي نالو: اياز رِضوي
ولد: امداد حُسين شاهه
جنم : 1آڪٽوبر 1971ع
ذات : سيد
تعليم: ايم.اي سنڌي
رهائش : روشن آباد، تعلقو جُهڏو، ضلعو ميرپورخاص
رابطو: (0300_3317337)
ڇپيل مواد : سوجهرو، ساجاهه، عبرت ميگ، ڪاوش، عوامي آواز، همرچو، آفتاب، هالار وغيره
صنفون : غزل، وائي، بيت، نظم وغيره
ڇپيل ڪتاب: 1. اُڳهي ڪيرڳوڙها شاعري،2. بهارون سوڳواريءَ ۾
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غزل

ڪيڏي تنهنجي ٻاڙ اکين کي
ڏور رهي نه ساڙ اکين کي

تنهنجو وڇوڙو روز ڪندو آ
سچ پرين پيلاڙ اکين کي

سپنا رات جو ڏيندا آهن
دردن جي مسواڙ اکين کي

پائي نه هلجان رنگ پکين جا
باز جيان آ تاڙ اکين کي

هرڪو رستو شيشي جهڙو
پترُاُجلي قاڙ اکين کي

ڏاڍيون تڙپيون پٽڪيون آهن
هاڻ ته رضوي واڙ اکين کي

## غـــــزل

مُٺ ۾ آهي ساهه اسان جو
خيرڪجان الله اسان جو

برفيلا احساس تا گھرجن
عضووعضوو باھ اسان جو

وڻ سان جيڏوپيارپڪي جو
ايڏو توسان چاھ اسان جو

تنهاين ۾ توڪان پوءِ
دردن سان ٿيو ناھ اسان جو

قوم ڪيئن منزل ماڻي سگھندي
رهبر هر گمراھ اسان جو

سنڌ سڄي ۾ پارس جهڙو
هڪڙو مرشد شاھ اسان جو

پٽر جهڙي شهر ۾ رضوي
وڪري ويو ويساھ اسان جو

## غـــــزل

مُک تو مٽي ڇڏيو آ
صدمن سٽي ڇڏيوآ

دل جي مٽي تي سُڏڪي
غم تو چٽي ڇڏيو آ

سچائي جو زماني
ڪنڌ ئي ڪٽي ڇڏيوآ

بيوڪجھ بہ يادناهي
توڪي رٽي ڇڏيوآ

بي دردتووفا جو
هر گُل پٽي ڇڏيوآ

سُوليءَ تي دل کي چاڙهي
تنهنجي ڏٺي ڇڏيوآ

ريتن جي مم رضوي
جيون چٽي ڇڏيو آ

⊙⊙







**تعارف نمبر(22)**

[شاعر]

اصل نالو : سجاد علي
ادبي نالو : تنها شورو
والد جو نالو : درياءَ خان
ذات : شورو
جنم : 8 آگسٽ 1987
رهائش : شهر خانوٽ ضلع ڄام شورو
رابطو: (0311_3783199)
تعليم : مڊَل پاس
لکڻ جي شروعات :2003
ڇپيل مواد : سنڌو ۽ عبرت .
صنفون : غزل، نظم، وائي، چؤسٽا وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ:

## نظـــم

يادن جا بادل ڇانيل هئا
منهنجي من مٿان ،،،
وسيا پئي گجگوڙ ڪري
ڀنا نيڻ نماڻا منهنجا ؛؛
هنُ جا ڏنل سور ساري
جليا جگر جيرا منهنجا
جڏهن ماضي ۾ نڪتل
تصويرون هنُ جون هئيون
ڊائري ۾ ڏسي تن کي دل
زارو زار رُني
نہ هئي خبر ائين بہ ڪندو
پنهنجو چئي من کي چير ڏيندو
ڇا؟ ٻڌايان زماني وارؤ اوهان کي
تہ ڪيڏي تڪليف ٿيندي آ ؛؛؛

جڏهن ڪو پنهنجو ڇڏي، پوءِ
ناتو ڇني بيوفائي ڪندو آ
تڏهن جيءُ جُهرندو آ'
روحُ تڙپندو آ
سچو سور ٿي انسان
حياتيءَ ۾،
ڏيئي وانگي ٻرندو آ ؛؛
نہ جِي سگهبو آ ، نہ مرِي سگهبو آ
بس سڪرات جيان ، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي
موت جو انتظار ڪبو آ..!!

**غـــزل**

نازڪ حالت آ بيـــمار دل جي
ڪا تہ لهي وڃُ ســـار دل جي

ڇو نٿو ٻڌي ڪا پڪار تـــون
هن بيوس ۽ لاچار دل جـــي

توسواءَ هيڪلو آ ســنـــسار ۾
لڳي ناساز حياتي يار دل جي

ڪر ڪا موٽڻ واري او سائيـــن
من ڪي طلب آ تنوار دل جـــي

مرڻ کان اڳُ هنُ ڪي ڏســـان
خواهشُ آخري اٿم يار دل جي
⊙⊙







**تعارف نمبر(23)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار، مضون نگار]
اصل نالو: غلام حسن
ادبي نالو: سائل پيرزادو
والد جو نالو: هادي بخش
ذات: پيرزادو
جمڻ جي تاريخ : 4 اپريل 1978ع
جمڻ جو هنڌ: تعلقو سڪرنڊ، ضلعو شهيد بينظير آباد
رهائش: سڪرنڊ
رابطو: (0342_3524041)
تعليم: اسٽاڪ اسسٽنٽ ڊپلوما
لکڻ جي شروعات: 1992ع
ڇپيل مواد: عبرت ميگزين، ڪاوش ميگزين، سوجهرو، ريڪائون، همرچو، پرهہ، مومل، پرڪ، سنڌو ڊائجسٽ، مهراڻ، تخيل، مسيحا سڪرنڊ، ساک سڪرنڊ، هزار داستان، ڪينجهر، ادب، امرتا، رمجهم، نئين زندگي، سنڌ لائين، برسات، جاڳو، ڪاوش ، عوامي آواز، هلال پاڪستان، سوپ، ڪوشش، عبرت، وغيره
صنفون: نظم، غزل، بيت، وائي، گيت، دوها، ترائيل، هائڪو، نثري نظم، آزاد نظم
ڪجھ ڪهاڻيون، مضمونَ ڇپيل.
شاعري جا 3 ڪتاب ڇپيل : 1. سمنڊ ڪناري ڪوڏ، 2. خوشيون پرڏيهہ جا پنڇي، 3. اکين ۾ مند مينهوڳي.
ٽاڻيان تنڌُ نہ نبري ترتيب ثناءُ الله خاصخيليءَ جا مضمون اڻ ڇپيل ڪتاب: ٻہ مضمونن جا ۽ هڪ شاعريءَ جو.

سندن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــــزل

جي بہ مليا تڪ اُتس کي پنڌ ۾
ساڻ آيو، آ ڪٽي، سَنڌَ سَنڌَ ۾

هُو اُتي، آفيس هليو آ ويو
ماءُ ويڙهي خواب رکيا هَنڌَ ۾

ديس کي ڇا لاءِ ڀيا آهن اَڇي
هيل ڀي مهمان ڪيئي ڪَنڌَ ۾

هُوءَ ڪري ويران ڪيئي گهَرَ وئي
ڇا تہ پنهنجي حُسن جي آ اَنڌَ ۾

هيل ساونڻ خوب برسيو آ پرين
ٻار مورن سان نچيا آڳنڌَ ۾

## غـــــزل

ڪاغذن جان چار ٿيندي، پوءِ ايندين؟
هي حياتي سار ٿيندي، پوءِ ايندين؟

جيل مان آهي اُماڻيو هن سنيهو،
پنهنجي منزل دار ٿيندي، پوءِ ايندين؟

پوپٽن جو موت ايندو ديس ۾، يا
دل گلن مان خار ٿيندي، پوءِ ايندين؟

ڇو امن! منهنجي وطن تي ڪونہ آئين،
سنڌ سڄي آثار ٿيندي، پوءِ ايندين؟

هي جدائي روح جي لئہ او! پريتم،
نانگ جا ڪي وار ٿيندي، پوءِ ايندين؟

⊙⊙







**تعارف نمبر (24)**

[شاعر]

اصل نالو: علي نواز
ادبي نالو:آڪاش علي نواز
والد جو نالو:نبي بخش
ذات:چانديو
رهائش : ڳوٺ حاجي عيسن چانديو
رابطو: (0306_2123430)
تعلقو : ڏيپلو
ضلع : ٿرپارڪر
تعليم : ميٽرڪ
لکڻ جي شروعات: 2014ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، چوسٽا وغيره.
ڇپيل مواد :هزارداستان، عبرت مئگزين وغيره.
ڇپيل ڪتاب :گڏيل ڪتاب "هر گل جي خوشبو پنهنجي"
هڪ ڪتاب جو مواد موجود اٿس.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــــزل

تنهنجي طرفان محبت ڪونهي
منهنجي طرفان نفرت ڪونهي

دردن جي جاگير ملي آ
مون وٽ هاٽي غربت ڪونهي

ڪنهنجي ڪاميابي تی پچرون
يار اسان جی عادت ڪونهي

گهر جو ڀاتي دشمن ٿئي جي
ان کان وڌ ڀي عبرت ڪونهي

بد نصيب اهو آ جنهن وٽ
ماءُ جي حاصل شفقت ڪونهي

مان تہ مٽيءَ جو پتلو آهيان
منهنجي ڪائي حيثيت ڪونهي

دل جو ڪٿ فرياد ٻڌايون
اهڙي ڪٿ بہ عدالت ڪونهي

ٻچڙن لئہ هو ڪيئن ڪمائي
هاڻ بدن ۾ طاقت ڪونهي

دل اُجري آڪاش هجي بس
ڇا ٿيو سهڻي صورت ڪونهي

**غـــــزل**

ڳالهہ ساري ڇو ڪجي
بي معياري ڇو ڪجي

پاڻ جي آهيون اگر
بيو ڏوهاري ڇو ڪجي

ملڪ جي دشمن سندي
طرفداري ڇو ڪجي

سوچ پنهنجيءَ کي ڪڏهن
رات ڪاري ڇو ڪجي

پنهنجي قسمت تي سدا
اشڪباري ڇو ڪجي

هو نہ اچڻو آهي پوءِ
انتظاري ڇو ڪجي
⊙⊙





**تعارف نمبر(25).**



[شاعر، ڪهاڻيڪار]
اصل نالو ؛ غلام حيدر
ادبي نالو ؛ اياز عمراڻي
والد جو نالو ؛ محمد يعقوب
ذات ؛ عمراڻي
جنم ؛ 01 جنوري 1969ع
رهائش ؛ گلشن حيدر ٽائون ميرپورخاص
رابطو: (0331_2763335)
تعليم ؛ ايم اي ايم ايڊ
لکڻ جي شروعات 1990 کان ڪئي ؛
ميرپورخاص مان [پڙاڏو پبليڪيشن ] جا بہ پرچا ڪڍيا ؛
ڇپيل مواد ؛ برسات ؛ پروڙ ؛ پرک ؛ عبرت مئگزين ؛ ادب ؛ ٽماهي مهراڻ سوجهرو ۽ ٻين رسالن ڪانسواء مختلف اخبارن عبرت ؛ پاڪ ؛ هلال پاڪستان ؛ تعمير سنڌ ؛ مهراڻ سنڌ ايڪسپريس وغيره
لکيل صنفون: غزل، گيت، وائي، نظم، ترائيل وغيره.
ڇپيل ڪتاب :1. لڪاڪي ۾ چنڊ (شاعري )
اڻ ڇپيل ڪتاب: 1. ڪهاڻيون ، 2. پروفائيل خاڪا ۽ خط، 3. سفرنامو ايران ۽ عراق جو ، 4. شاعري.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**نظـــــم**

ڪلاچي ڏسو ڪُن ڏسو مورڙا
ڪُتو ڪيئن چوان ؛ باوفا ڪونهي ؛
چتو آ ٽيو ؛ ۽ پؤنڪي پيو ؛
رڳو هن گدڙ پيڪيون ؛ پورڙا ؛
اچو ۽ مڙي مٽُ ٽيون پورڙا
لڳايون لنئون ۽ لياري ٽئي
غزالہ بتول ؛ بختاور جيان ؛
پيار و پلاند نہ پُراڻو ٽئي ؛

بلاول هجون ۽ نہ گهاٽو ٿئي ؟
پُڇون تہ ؛ ڪٿان پاڻ پنهنجي پٽين ؛
ڪن ياد ماضي ؛ پُڇن پاڻ ڪان
ڇئون تہ پٽين اڪ سياڻا ٿين ؛
ڏسن سنڌ ؛ سمونڊ نہ پڇاڙوڪري ؛
اياز نہ اياڻا ٿجو ؛ عرب ٻيا
هي ارغون اٿئو ؛ عيار رت پياڪ هي ؛
نباھ نيتن ۾ نہ ئي ڪا وفا؛
دغاباز دهليءَ جا رولاڪ هي
دغاباز دهليءَ جا رولاڪ هي

## غــــزل

نيڻ ٻئي چار ڪري بينا ها
دنيا ڏار ڪري بينا ها

پل ۾ ٻريا ۽ نريا پئي
ڪو تڪرار ڪري بينا ها

آيا تہ الائي ٻہ ڪٿان ٿئي
لڙڪ قطار ڪري بينا ها

هجر عطا ڪيا ؛ پل ۾ زمانا
وصل شمار ڪري بينا ها

ڌنڌ ۾ عرش ڏنو فرش نٿي
سوال غبار ڪري بينا ها

⊙⊙





**تعارف نمبر(26)**



[شاعر ، ڪالم نگار]
اصل نالو : عبدالرّحمٰن
ادبي نالو : ساگر ميمڻ
والد جو نالو : محمد ابراهيم
جنم : 01 اپريل 1982ع
ذات : ميمڻ
رهائش : شهر چوهڙجمالي تعلقو شاھ بندر ضلعو سجاول
رابطو: (0312_8042723)
تعليم : بي.اي، بي اي.ايڊ، لکڻ جي شروعات : 2003ع
ڇپيل مواد : ٻارڙن جي رسالن، سُرهاڻ، امرتا، عبرت، سنڌو ڊائجسٽ اخبارن، عوامي آواز، جيجل، سوڀ، هلال پاڪستان، ڪاوش، خبرون، تعميرِ سنڌ، پاڪ، سُڪار، شام، سنڌ ايڪسپريس، لکيل صنفون : غزل ، وائي ، چوسٽا ، پنج ڪڙا ، ٻہ سٽا ، نثري نظم، آزاد نظم، نثر، مختلف موضوعن تي ڪالم ، مضمون، ڪتابن تي تبصرا، مقالا ۽ تاثر لکيا اٿس.اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غــــزل

تنهنجي چپن تي دُعا رهجي وئي
سخي ڪان ڇڻ سخا رهجي وئي

اسان لئہ تہ تقدير هئي اِها
اوهانجي جا عطا رهجي وئي

ڇڏي سات سارا ، اوهين ويا هليا
اوهانجي اسان وٽ ،جفا رهجي وئي

جي اوهين ناهيو، اسان تہ پانيو
هر گهڙي توبن ، قضا رهجي وئي

سنڌ تنهنجو فرض ، لاهي نہ سگهيس
منهنجي سا تہ خطا رهجي وئي

"ساگر" جي ملڪ جو ، دستور اِهو آ ،
اظهار خيال تي سزا رهجي وئي

**نثري نظـــــم**

أجڙيل آکيرو

حُسناڪين جا منظر ،
سندس من موهي وجهندا هئا،
ڳوٺ ۾ نم جي وڻ تي ،
جهرڪين جو آکيرو ،
قدرت جو شاهڪار لڳندو
هوس،
آکيرو ڏسڻ،
روز جو معمول هوس،
وڻ ڪان پريان،
ڳوٺ جي أن گهٽي طرف
وڃڻ بہ،
جتي روح کي
تازگي مُهيا ڪندڙ،
چوڪري رهندي هئي،
جنهن نہ فقط من کي موهيو ،
پر سندس دل ۾ ،
جهرڪين جهڙو ،
خوبصورت محبت جو آکيرو
ٺاهيو هو،
جڏهن أن چوڪري جو،
غير فطري موت تي ويو
هو..!!
ساڳئي طرح ،
نم واري وڻ جي هينان ،
اچي ويهندو آهي ،
پر هاڻي ،
نم جي وڻ تي جهرڪين جو،
أهو آکيرو ناهي رهيو،
وڻ بہ ٺلهو ڪانيون،
ٻڄي چڪو آهي،
جڏهن ڳوٺ جا ٻار،
ڪيس تنگ ڪندا آهن تہ ،
رڙيون ڪندو ،
أن گهٽي طرف ڊوڙندو آهي ،
جنهن ۾ رهندڙ چوڪري ،
سندس دل ۾ ،
محبت جو آکيرو ناهيو هو،
پر هاڻي،
آکيرو جوڙڻ واري چوڪري،
جهرڪين جيان أڏامي وئي آهي ،
هُو بہ نم جي وڻ وانگر،
رڳو ڪانيون ٻڄي چڪو
آهي..........!!

**نثري نظـــم**

پکين جي اکين ۾،
گليل جي خوف جيئن،
سندس دل ۾ بہ،
گولي جو خوف،
رهي ٿو..!!
هاڻي تہ هُن جون اکيون،
پيار جو صبح،
ڏسڻ کان اڳ،
رات جي چادر،
اوڙهي سمهي رهيون آهن..!!
اوڙهي سمهي رهيون آهن..!!







**تعارف نمبر(27)**

[شاعره]

اصل نالو: فهميده

ادبي نالو : فهميده شرف بلوچ

بنت : شرف بلوچ

ذات ؛ جاگيراڻي بلوچ

رهائش : ڪراچي

تعليم. ايم.اي، بي.ايڊ

لکڻ جي شرعات: 1994ع

ڇپيل مواد؛ سنڌو، عبرت، ڪاوش، سنڌايڪسپرس، امرتا، اديب، هالار، هزار داستان وغيره.

لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ترائيل، ٽيڙو، چوسٽا.

ڇپيل ڪتاب : أماس راتيون اداس رستا.

اڻ ڇپيل : هڪ ڪتاب "محبت مانُ گهرندي آ " تياريءَ جي مرحلي ۾

سندن شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــــزل**

سپنا نہ رهيا ساڳيا، ۽ ساڻ نہ سرهائي
هڪ آءِ ہي گڏ مون سان آ منهنجي اڪيلائي

سوچيان تي پئي هاڻي ان وقت تي مان ساجن
چاپريت هئي پنهنجي ۽ ڪهڙي شناسائي؟

توکان پوءِ هميشہ لئہ هن منهنجي حياتي تي
هر ٿهڪ ٺٺولي آ ، هر لڙڪ تماشائي

مون پي نہ تمناڪئي ،موٽي نہ اها خود پي
ڪجهہ وقت خوشي مون کي جا راس هئي آئي

تو چنڊ لڳي وياڪل مايوس ستارا پي
جنهن وقت پيا تنهنجي تي سار اڇي ڪائي

**وائـــــي**

جنهن لاءِ مان تڙپان پئي
سرتيون سو ساجن
نڪتو هرجائي..!!
ڇڏي مون کي هيڪلو
ترسي هو پل کن
نڪتو هرجائي..!!
منڙي،منڙي لهجي سان
موهي منهنجو من
نڪتو هرجائي..!!
جيڪو هيو زندگي
دل جي هو ڌڙڪن
نڪتو هرجائي..!!
لڙکن سان منهنجو
پري هو دامن
نڪتو هرجائي..!!
ڏسي مون کي هيڪلو
ڇيو ٿي رستن
نڪتو هرجائي..!!
⊙⊙







**تعارف نمبر(28)**
[شاعر]
اصل نالو: راحب علي
ادبي نالو : راحب ميمڻ
والد : قلو خان
ذات : ميمڻ
پيدائش تاريخ : 1986ع
تعليم : ميٽرڪ
رهائش: ڳوٺ ڄام محمد علي لکڻ ضلع و تعلقہ گهوٽڪي
رابطو: (00923027584129)
لکڻ جي شرعات: 2007ع ، ٻن ڪتابن جو مواد موجود.
لکيل صنفون: غزل، گيت، نظم، آزاد نظم، وائي، چوسٽا، ٽيڙو وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــــزل**

عشق حُسن مليو نينهن نکري پيو
پيار جي نانءُ جو سج اڀري پيو

اک اکين سان ملي چپ چپن سان مليا
هي نظارو ڏسڻ چنڊ نکري پيو

گل جهومن پيا ڀنورا ڳائڻ پيا
سارو باغ گلن جو بہ اجري پيو

گل ڳلاتيون وجهي ڇاتيون جيئن مليون
هوش ٻنهي ڄڻن کان تہ وسري ويو

سونهن وارا مليا جيئن پيارا مليا
روح راحت ۾ هر ڪنهن جو نسري پيو

عشق اصرار ڪيو دل پنهنجي يار سان
اڄ راحب ملڻ لاءِ بہ سنيري پيو

**نظـــــم**

مـگـر انسـان ويـا مـٿـجي
فـنـا جي فـرش تـي ويـهـي
انـا جـي عـرش ۾ اڪـيـون
اسـان پـلـجـي ويـا آهـيـون
اسـان تــي مـوت اچـڻـو آ
اسان جيئڻ ٿيا آهيون پيدا
ائـيـن واپـس بـہ ورڻـو آ
اسان جا ڪم سچا ڪوجها
سچـا ڪـردار هـن ڪـوجـهـا
سڏايون ٿا اسيـن مسـلـم
مـگـر اعـمـال ڪـهـڙا هـن
رهـون ٿـا ديـن ڪـان پـاسـي
اسـان جـا خـيـال هـن ڪـهـڙا
چئون ٿا سچ اگر ڪنهن کي
اهــو چـريـو سـڏيــنـدو آ
هتي آ ڪنڌ جهڪيل سچ جو
مـگـر آ ڪـوڙ کـي مڱـي
نـہ ڪـوئـي احـتـرام آهـي
رڳـو ڏوڪـو رڳـو ٺڳـي
اگر ڪنهن کي چئون ڪجھ ٿا
سين جا خيال پنهنجا هن
چـون ٿـا پـيـا ٻـڌو آهـي
زمـانـو ويـو بـدلـجـي آ
مـگر اهڙي نـہ ڪا ڳالهہ آ
زمـانـو سـاڳـيـو ئـي آهـي
اهـا سـج جـي تـپـش آهـي
اهــو ئـي چـنـڊ روشـن آ

اهو ئي ڏينهن نڪري ٿو
اهـا ئـي شـام ٿـيـنـدي آ
وري جي شام ٿي گذري
تـہ پـوءِ رات ٿـيـنـدي آ
اهـا ئـي آسـمـان کـان
ڏسـو بـرسـات ٿـيـنـدي آ
اهـا گـلـڙن ۾ خـوشـبـو آ
هوائون پيي گهلن ساڳيون
زمين کي جي کيڙيون ٿا
اهـا انـاج ڏيـنـدي آ،
ڏسيو مون کي اوهان يارو
تـہ بـدلـيـو ڇـا هـتـي آهـي
جڏهن کان ٿي زمين پيدا
جـڏهـن کـان آسـمـان بـڻـيـو
جڏهن جن، جيت ٿيا پيدا
جڏهن کان هي جهان بڻيو
جـڏهـن آدم کـي لاٿـو ويـو
جـڏهـن انـسـان ٿـيـا پـيـدا
جـڏهـن انـسـان لـئہ جڳ ۾
پـکـي حـيـوان ٿـيـا پـيـدا
اهـي حـيـوان سـاڳـيـا هـن
مـگـر انـسـان ويـا مـٿـجـي
اسان جون دليون ويون مٿجي
اسان جا ڏيان ويا مـٿـجـي
زمـانـو سـاڳـيـو ئـي آهـي
مـگـر انـسـان ويـا مـٿـجـي
مـگـر انـسـان ويـا مـٿـجـي

⊙
⊙







**تعارف نمبر(29)**
[شاعر]
اصل نالو : دين محمد
ادبي نالو : انجم قاضي
ولد : گل حسن
ذات : قاضي
رهائش : سِٽِي نئون ديرو ، ضلعو لاڙڪاڻو
رابطو: (0334_2778935)
لکڻ جي شروعات : 95-1994ع
ڇپيل مواد : تقريبن سنڌ جي سيني ، رسالن، مئگزين، اخبارن ۾
لکيل صنفون : غزل، وائي ، بيت ، نظم ، ڏيڍ سٽا ۽ هائيڪا وغيره
ڇپيل ڪتاب : 1. ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾ ، 2.نئون نئون مڌ آ ( گڏيل شعري مجموعو ). ٽيون ڪتاب اچڻ وارو.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــــزل**

ٿـي رات وَئـي ڪـيـڏي ، لـمـحـن ۾ اُداسـي آ
ٿـو چـنـڊُ ڏئـي پـهـرو ، رسـتـن ۾ اُداسـي آ

تنيوءَ جي مٿان بيٺو ، اي سنڌ اَمان تنهنجو
ڦڙڪي ٿو پَپو پرچم ،جهونڪن ۾ اُداسي آ

ڇو راس اچي ڪوئي ،منظر نہ اسانکي ٿو
جنمن کان وٺي پنهنجي ، دلين ۾ اُداسي آ

رستي ۾ اچانڪ اَڄُ ، جئن پاڻَ مليا آهيون
پنهنجي ٻنهي جي لفظن ، لهجن ۾ اُداسي آ

ڪو خوابُ حقيقت آ ماڻي نہ سگهيو انجم!
تڏهين تہ وَئي رهجي ، نيڻن ۾ اُداسي آ

**غـــــزل**

دل جي لڳيءَ جو منظر، وسري نہ ٿو اجان
هِڪَ عاشقيءَ جو منظر، وسري نہ ٿو اجان

خاموش شهرَ جي هر رستي تي چنڊَ جِي
آوارگيءَ جو منظر، وسري نہ ٿو اجان

ڇاتيءَ مَٽان جا هُنَ جي ، ويئي چُمي ڏئي
تنهن مينهَن ڪٽيءَ جو منظر، وسري نہ ٿو اجان

رنگينِ شامَ ، اُپَ تي اُڏندا پکي رهيا
سامهون نَديءَ جو منظر، وسري نہ ٿو اجان

گُذري صَديون وَيون پر ، اَڄُ ڏينهَن تائين پيِ
هڪڙي گهڙيءَ جو منظر ، وسري نہ ٿو اجان

انجم ! اُداسُ گمُ سمُ ، پارڪَ ۾ هيڪلي
ڪنهن ڪامڻيءَ جو منظر، وسري نہ ٿو اجان

**غـــــزل**

باک ويلي چميو جنئن گلن جو بدن
واسجي ويو سَجُو پوپٽن جو بدن

پوڙهي وَرَ سان سُتلَ نينگريءَ جي پيو
ٿو سدائين سَڙي خواهِشن جو بدن

بندِ ڪمري ۾ پيلَ ڪِن ڪتابن ۾ جَڻ
لفظَ چُمندا رهيا ڪاغذن جو بدن

زندگيءَ جو سَمورو لهي ٿَڪُ وَڃي
هِڪِڙو پيرو چمڻ ڏي چپن جو بدن

مون ڏِٺو اُپ تي شامَ ڌاري ڇُهي
واءُ پيو عاجزيءَ مان پکين جو بدن

⊙⊙





**تعارف نمبر (30)**



[شاعر]
اصل نالو : اقبال گل
ادبي نالو : اقبال گل مينگل
ولد : علي گل
ذات : مينگل
جنم : 6 سيپٽمبر 1988ع
رهائش : نظر محلہ لاڙڪاڻو
رابطو: (0346_2847020)
تعليم : ايم.اي اڪانامڪس
لکڻ جي شروعات :2012ع
ڇپيل مواد : سنڌ جي مختلف اخبارن، رسالن ۽ مئگزينن ۾.
لکيل صنفون : غزل، نظم ۽ چوسٽا.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ:

**چـوسـتـو**

ايـئـن پـري ڪـان نـہ تـاڙ دل ڪـي
آء پـلا تـون بـہ سـاڙ دل ڪـي

ڪـاريـگـري ۾ مـجـيـل هـيـو پـر
ڪـري نـہ سـگـهـيـو جُڳـاڙ دل ڪـي

**چؤسـتـو**

اگر ڪجهہ چوڻ جي اجازت هجي ها
نہ اچ زيرِ لَب ڪا شڪايت هجي ها

غمن جو نہ پهرو هجي ها اسان تي
اوهان جي اگر ڪجهہ عنايت هجي ها

## غزل

گهر گهر ۾ سردار وڏي ويا
تڏهن آهن تڪرار وڏي ويا

لفظن مان بہ مِناس هلي وئي
هر جاءِ هن ڳندگار وڏي ويا

مسڪينن جي محنت مان ئي
ميرن جا ڪمدار وڏي ويا

ناهي شوق رڪڻ ڪو سولو
شوقن جا ملهہ يار وڏي ويا

## غزل جا ڪجھ شعر

لڳي ٻئي ڪنهن سان ناهي دل،ٽُتل آهي اجان تائين
سوا تو زندگي منهنجي، ڪُتل آهي اجان تائين

رڳو چوري، رڳو رشوت ، رڳو دهشت آهي هر جا
منهنجي هن ملڪ جو سستم، قِتل آهي اجان تائين

هلايا تم ڳهٽا هيلا ، مجائڻ لاءِ مينگل چئي
مگر پرچيو نہ آ دلبر ، رُنل آهي اجان تائين

⊙⊙







**تعارف نمبر (31)**

[شاعر: ڪهاڻيڪار]

اصل نالو : انورعلي
ادبي نالو : انورسانول
ولد : شير محمد
جنم: 5 مئي 1981ع
ذات : ابڙو
رهائش : ضلعو خيرپر ميرس
رابطو: (0303_2738506)
تعلقو ڪنگري، ڪولاب جيئل
تعليم : انٽر سائنس
لکڻ جي شروعات : 1999ع
ڇپيل مواد : خبرون، سوپ ، عبرت ميگزين ، سنڌو ڊائجسٽ، هزار داستان ميگزين.
لکيل. صنفون غزل ، گيت ، وائي ، ڪهاڻي.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

اوهان جي سار ڪي سهڻا وسارڻ لاءِ نڪتو هان
سڄي سنسار ڪي سهڻا وسارڻ لاءِ نڪتو هان

ڪٽي دردن سندي صندوق پنهنجي يار هٿڙن ۾
غمن جي بار ڪي سهڻا وسارڻ لاءِ نڪتو هان

نڪي يادون رڪان تنهنجون ، نڪو تصور ٿئي جانان
پراڻي پيار ڪي سهڻا وسارڻ لاءِ نڪتو هان

هليو هان ديس ڪهڙي تي پتو ڪوئي رهيو ناهي
انهي اسرار ڪي سهڻا وسارڻ لاءِ نڪتو هان

وڇوڙي ڳهاو ڳهرا سي ڏنا سانول تہ تحفي ۾
هجر جي هار ڪي سهڻا وسارڻ لاءِ نڪتو هان

**وائـــــي**

تو وڏي حق ڏي قدم ،
راهه جو روڪيو پيا..!!
ٻاٽ ۾ ٻارڻ سندو ،
لاٽ جو آهي عزم ،
راهه جو روڪيو پيا..!!
سچ اندر ۾ ، سچ ٻاهر ،
سچ لکي منهنجو قلم ،
راهه جو روڪيو پيا..!!
مون ته رکيو آ سدا ،
امن جو اوچو علم ،
راهه جو روڪيو پيا..!!
چٽنگ جا چولي لڳي ،
شل رکان ان جو پرم ،
راهه جو روڪيو پيا..!!
ساڻ سانول نينهن جو ،
آ رکيو ناتو صنم ،
راهه جو روڪيو پيا..!!

**گيـــت**

جيءَ جياري سنڌي ٻولي
ساهه کان پياري سنڌي ٻولي
جنهن ۾ سچل شاهه سامي
جنهن ۾ عنايت بيدل حامي
سهڻي ساري سنڌي ٻولي
جيجل جي آ تڃ ۾ شامل
ٻاروتڻ ۾ جا تي حاصل
محبت واري سنڌي ٻولي
سهڻا سهڻا لفظ جڙن ٿا
مطلب جنهن جا کوڙ ٿين ٿا
سونهن سونهاري سنڌي ٻولي
شل سداشاد رهي سانول
دنيا ۾ آباد رهي سانول
پياري پياري سنڌي ٻولي

**نظـــم**

امـن جـا کـبـوتـر
وري روح زخـمـي
کـري ويـا اسـانـجـو
اسـان جـو نـگـر آ
امـن آسـتـانـو
ڌمـالـن ۾ رقصان
جـتـي هـو قـلـنـدر
اتـي لاش پـنـهـنـجـي
اکـيـن اڄ ڏٺـا هـن
اهـي لاش جـيـکـي
اسـان اڄ کـنـيـا هـن
انـهـن جـي شـهـادت
۽ سيـوهـڻ جـي نـگـري
امـن ۽ صـوفـيـت تـي
سـڌو وار چـئـبـو
امـن جـا کـبـوتـر
رتـو رت ويـا ٿـي
ٻـمـن سـان اڏاريـا
ويـا جـي کـبـوتـر
نـه مـوتـيـا نـه مـوتـيـا
ائـيـن مـاريـا ويـا هـن

⊙
⊙







**تعارف نمبر(32)**

[شاعر]

اصل نالو: عبدالله

ادبي نالو: عبدالله آس هنگورجو

ولد: محمد سانوڻ هنگورجو

جنم: 23 فيبروري 1989ع

ذات :هنگورجو

تعليم : ايم.اي سنڌي

رهائش : ڳوٺ ٻگهار تعلقہ مٺي ضلع ٿرپارڪر

رابطو: (0315_3137240)

ڇپيل مواد: سنڌ راڻي، عبرت ميگ، ڪاوش دنيا، هزار داستان، سڦلتا، گلشن لاڙ، عوامي آواز وغيره.

لکيل صنفون : غزل، بيت، نظم.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـــزل**

ڏسي کي ماتمي منظر ستارا سوڳواريءَ ۾
وطن ويران ۽ ويڙها نظارا سوڳواريءَ ۾

نکا نوري نکو آيو تماچي چام ڪينجهر تي،
ڪنڌي تي ڪير ڪُوماٽا؟ ڪنارا سوڳواريءَ ۾

سموري باغ کي پيلي اُڏامي ڌُور ويا پنڇي،
اڃي ڏس نيڻ مالهي جا اُجارا سوڳواريءَ ۾.

ڪٽي مورن ٿهوڪا سي ٻُڌي جو ننڊ آئي ٿي،
ڏناسين سيم جا اڪثر سهارا سوڳواريءَ ۾.

چڙيو تو راڄ پاڙو جو، اسان سمجهيو اڃا ناهي؟
مري ويا ڳوٺ جا ڳيرو وچارا سوڳواريءَ ۾.

**غـــزل**

آيـو آهـي کـيـر گـڏي تـي
چمڪي پئي ٿي چير گڏي تي

منظر مهڪيا خوب مني جا
ڌريا هُن جو پير گڏي تي

هُن جي آئي هر ڪنهن پاسي
وکريون خوشيون ڍير گڏي تي

سانوڻ سان گڏ ساجن ايندو
ڪرڻ سنجهي مان سير گڏي تي

آس اسان پي وينا هئاسين
دلبر سان ڳچ دير گڏي تي.

**غـــزل**

غـم ڏنـڌوڙي ڇاٽـي ڇـڏ.
مُرڪ ڇپـن تـي آٽـي ڇـڏ.

مُرڪن جا مينهن وسائي،
رُتـبـا اعـلـيٰ مـاٽـي ڇـڏ.

مـنـد مـلـڻ جـي آئـي آ،
تـون پـي رُساما هاٽـي ڇـڏ.

مُک جي ڪٿ گُلابي تي،
واڻ ڇڳُن سـان واٽـي ڇـڏ.

مايوسين آ من کي گهيريو،
آٿـت ڪـا تـہ اُمـاٽـي ڇـڏ.

رولاڪ اکين کي آس ڪٽي،
هڪڙي ڪنهن تہ نڪاٽي ڇڏ.

**غـــزل**

روپ پَـرِيـن جـو ڏاري آئـي
چانـدوڪـي کـي مـاري آئـي

سونهن سندءِ پيٽيون ڪنهن سان
چوڏس چـنـڊ اُيـاري آئـي

تون ڇا ڄاڻين ساڻ گهڙي سان؟
ڪـهـڙا ڪـهـڙا تـاري آئـي؟

ڇيـچ جـهـلي انسان هزارين
ريـتـا رڻ اُڪـاري آئـي

سانوڻ جهڙي مرڪ ڇپن تي
سـڏ ڪـري هُـو واري آئـي

آس نـراس جـي ويـلا نـاهـي
مـنـد مـلـڻ جـي ساري آئـي







**تعارف نمبر(33)**
[شاعر]
اصل : نالو سڪندر
ادبي نالو : سڪندر علي
ولد : محمدابراهيم
ذات : اوٺو
جنم: 05 فيبروري 1985ع
ڪرت : پرائيويٽ نوڪري
رهائش : ڪراچي عارضي. رابطو: (0345_8767010)
تعليم: انٽر. لکڻ جي شروعات: 2013ع
ڇپيل مواد : سامروٽي مئگزين، ننڍڙا ليکڪ مئگزين، ٻاهياري مئگزين، سنڌ راڻي مئگزين، سنڌ ايڪسپريس، شام اخبار وغيره.
لکيل صنفون : غزل، نظم، بيت، وائي، چؤسٽا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

انتظاري جو مزو مون ڪان نہ پڇ
بيقراري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

ڪالھ سنڌوءَ تي سنواريا وار جنهن
ناز واري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

ديد جنهن جي سان منهنجي آ عيد تي
تنهن تون پياري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

ٽر پٽن تي کيل تي ڪنوٽن ڪيا
خوش گواري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

روهيڙي جي گل جو جنهن تي ٽڙڻ
ان تون ٽاري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

ساھ ۾ جنهن پل سميٽيو تو ڪٽي
ڪيف طاري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

سات جيڪو آ ڏنو " سڪندر " سدا
ان جي ياري جو مزو مون ڪان نہ پڇ

## نظم

پهريون پيو سال گُذري ويو
ٻيو هي سال گذري پيو
پرين پوءِ الائي ڇو
اچڻ ۾ دير ڪئي آ تو
سفا هي رٿ ٻہ آ سهڻي
سياري جي جواني ۾
سرد راتيون
ننڍا ڏينهنڙا رهيا هن
زندگاني ۾
گهاريان پيو چاهہ مان گهڙيون
انهيءَ ئي آشياني ۾
ٽڙي جت ٽهڪ تنهنجن تي
فضا کي رونقون بخشيون
گلابي گوُنچ ڪلين مان
فتا تي دل اندر جانا
جڏهن لفظن جي ڳنڙي کي
کولي تو خيال هئا اوريا
اتي وچنن ۽ وکڙن ۾
ينيا جي وار هئا کوليا
پريو هُوَم ياڪرن ۾ مون
لاڙيو جيئن ڪنڌ تو لالڻ

ڇُميم رخسار پبڙين کي
گلابي لال لبڙن کي
ڇلڪندڙ جام پي پيتو
نشا تي نيهن جا نڪتا
خماريل نيڻ تنهنجن مان
انهي پل پيار تنهنجا پي
گرم سي ساهہ تنهنجا پي
ڪيا هئا قيد مون دل ۾
اڃان محفوظ آهن سي
ڇڏيا هئا لاشعوري ۾
ٽٽل لفظن سندا جملا
اڌوريون ڳالهڙيون اوريل
اهي ئي پيار جون ڇوريل
اڃان سی ياد آهن مون
نہ وسريون وقت ويو گذري
اڃان پي انتظاری آ
منهنجي ناچيز اکڙين جي
سجايل خواب سيني کي
سڪندر سانپيان ڏيئي
اسان جي سار لهي وڃ تون
پرين هاڻي ملي وڃ تون
پرين هاڻي ملي وڃ تون

⊙
⊙





**تعارف نمبر(34)**



[شاعر]
اصل نالو: عمران علي
ادبي نالو : فدا لغاري
ولد : تاج محمد
ذات : لغاري
جنم: 1994ع
رهائش :
رابطو: (0341_4450405)
تعليم : مڊل
لکڻ جي شرعات : 2014ع
ڇپيل مواد: هزار دستان
لکيل صنفون: غزل، چؤسٽا، پنج ڪڙا وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

اميد هر ڪا چاڪ هئي
حيات دردناڪ هئي

نہ گل اڳي ها جهول ۾
اڏي پئي جا خاڪ هئي

حسين شام جي طرف
تري منجهند تاڪ هئي

ڪو عيب هو نہ سونهن ۾
نگاهہ عيبناڪ هئي

نفيس ڪيڏو ڏيک هو
گلن مٿان پئي ماڪ هئي

چون ٿا ناهين پاڪ تون
مٿي تہ تنهنجي پاڪ هئي

**غزل**

هوريان هوريان پرڙو آ
پاڻ فنا ڏي سرڙو آ

لڙڪن جا چنڊا تہ نہ هڻ
جيءُ چئي تو، ڪرڙو آ

چُپ جا ڪرف تنڻ تي هن
گيت چپن تي ٻرڙو آ

توسان گهاريل هر لمحو
روز هنئين ۾ هرڙو آ

سايان جنهن ڪي ڪانہ ملي،
خواب اکين ۾ جهرڙو آ.

اونداهين جي نگري ڏي،
نيٺ سويرو ترڙو آ.

**غزل**

ڪوڙ ذهنن تي ويئي جمي ڌوڙ آ،
ڪيتري جاهليت جي وسي ڌوڙ آ.

تيز رفتار گاڏي لتاڙي ويس،
ڪئي زريون تي هوا ۾ اڏي ڌوڙ آ.

ڪجهه سجهي ئي نٿو، ويون اکيون پورجي،
چئني پاسي رڳو ڌوڙ ئي ڌوڙ آ.

منهنجي جذبن ڪي پاڪيزگي وئي ملي،
ديس جي مون پوتر چمي ڌوڙ آ.

جيءَ جي ڪٻٽ ۾ خواهشن جا ڪتاب،
جن ڪي پوري ڇڏيو وقت جي ڌوڙ آ.

تو تہ ڏيکاءُ جا ڪوڙ ڦوڪا ڏنا،
تنهنجي هستي مٿان ڪٽ لٿي ڌوڙ آ.

⊙⊙





**تعارف نمبر(35)**



[شاعر]
اصل نالو: فقير عبدالعزيز
ادبي نالو: عزيز "مهراڻ" سومرو
ولد : حافظ غلام حسين
جنم : 01 مارچ 1993ع
ذات : سومرو
رهائش : ڳوٺ ماڇيلو مومل جي ماڙي ضلعو،تعلقو گهوٽڪي
رابطو: (0300_3164064)
تعليم: انٽر ۽ حافظِ قرآن.
لکڻ جي شروعات: جنوري 2016ع
ڇپيل مواد: عوامي آواز، سوپ ، سنڌي مئگزين وغيره
لکيل صنفون :غزل،نظم،چارسٽا وغيره
هڪ ڪتاب جو اڻ ڇپيل مواد موجود آهي.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غزل**

ياد آئينءَ مني، درد پَڙِڪي پيو
سار جي سيءُ ۾ جيءُ سَڙِڪي پيو

تو اچڻ جو ٻُڌِي نيڻ در ۾ کُتا
۽ ڪڙي جان مِني ساهُ لَڙِڪي پيو

سونهن هانِيل هُئِي،مون نہ تاتيو هينئون
عِشقُ جائو ڪُڪُڙ، نيٺ ڦَڙِڪي پيو

منهنجي من جي ڇَپَرڙي مٿان دوستو
وِڄُ وانگي وڇوڙو آ ڪڙڪي پيو

هاءِ! جيجل پجاڻان تہ مهراڻُ جو
آرسِي جان ڪِري ڀاڳ ٽَڙِڪي پيو

**چؤسِٽا**

ڪاوڙيل آ تہ پو ٻَڪ چو ٿو وجهي؟
بيوفائي مٿان، ڪَڪ چو ٿو وجهي؟

جي نهاري تہ ٿي پيو ڏوهي عزيز!
پاڻ مهراڻ ۾، اَڪ چو ٿو وجهي؟

رئيس، پوتار جي چاپلُوسِي نہ ڪر
تون جُتي ناس سان ڪابہ نُوسِي نہ ڪر

هٿ ڏنا ٿي خدا، ڪاءُ ڪمائي عزيز!
ڪا ٻچايل هَڏِي مُور چُوسِي نہ ڪر

**غزل**

وڇوڙي هِي جِيوَن، ڇِڇوڙيو گهڻو آ
اڪيلي اوهان ٻن، مون لوڙيو گهڻو آ

پَڄان ها اگر آرسِي جان تہ بِهتر!
اوهانجي غمن مونکي ٽوڙيو گهڻو آ

ڏُعا دستگيري گهُرِي ڪيرُ تاري؟
دنيا منهنجي ٻيڙِي کي ٻوڙيو گهڻو آ

سڄو ڳوٺ ويو آ مِٺِي واسجي تَڏ،
اڳِي ڪان تو زُلفن کي چوڙيو گهڻو آ

نڪوئي ٿو مونکي سندس ڏس پتو ڏي،
وفا کي تلاشيو، مون ووڙيو گهڻو آ

مَڳِي وَئِي مَرِي آهِ مهراڻ تُنهنجي!
اندر عِشقُ تُنهنجو نِچوڙيو گهڻو آ

⊙⊙






**تعارف نمبر(36)**



[شاعر، ڪمپيئر]
اصل نالو: امتياز علي
ادبي نالو: امتياز خاصخيلي
ولد: علي مراد
ذات: خاصخيلي
جنم : 14مارچ 1985ع. تعليم : ايم.اي سنڌي ادب، ايم.ايڊ
رهائش : شهر ٻيراني، ضلعو سانگهڙ
رابطو: (0303_2376763) لکڻ جي شروعات: 2001ع
وجهِ شهرت ڪمپيئر : ايف ايم 91 ٽنڊو آدم
ڇپيل مواد : سنڌو، امرتا، نئين زندگي، سوجهرو، ادب، اديب هزار داستان، سلسليوار عڪس وغيره. سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غزل**

بيوفا ٿي وئين
چو جدا ٿي وئين

ڪالهہ ڇا تون هئين
اڄ تہ ڇا ٿي وئين

مان تہ سهڻي هيس
تون درياءُ ٿي وئين

ڪالهہ پرتو هئين
اڄ جدا ٿي وئين
ڪنهن نہ مونکان پڇيو
چو فنا ٿي وئين
ابتدا مان هيس
انتها ٿي وئين
تون بہ اڄ مطلبي
چوڪرا ! ٿي وئين

**نظم**

ڊسمبر جون ڏکيون راتيون
اسان کان ايئن نہ گذرن ٿيون
جدائي جون منيون ڪاتيون
عتابن جيئن الرن ٿيون
اسان جي دل جي آڳر تي
ڪڏهن مهمان ٿي ايندئن
دکن جي درد جو ڪڏهين
پلا درمان ٿي ايندئن
نچي ٿو نينهن نانگو ٿيو
جوانيءَ آر وانگر آ
حياتي پر سوا ڪنهن جي
نڌڪي ٻار وانگر آ
عمر جا پير راهن ۾
ٿي نکري واٽ واٽن مان
صديون گذريون پڇائن ۾
ڪديو غم کو نہ ٻانهن مان
اکيون گونگيون ايامن کان
پڇائن پار ٿيون تنهنجا
مسافر سال ويو گذري
پرين من هيل ٿيون تنهنجا
پرين من هيل ٿيون تنهنجا
⊙⊙





**تعارف نمبر (37)**



[شاعر، ڪهاڻيڪار ، ناول نگار، ڪالم نويس]
اصل نالو : نورمحمد.
ادبي نالو: راجا ڪٽي
ولد : حاجي عبدالقادر
ذات : ڪٽي
جنم : 25 ڊسمبر 1972ع . رهائش : چوهڙ جمالي.
رابطو: (0311_3148308). تعليم : انٽر
لکڻ جي شروعات : 2015 ع
ڇپيل مواد : عقيق مئگزين، هزار داستان، ڊائجسٽ وغيره
ڇپيل مواد : غزل، گيت، وائي، نظم، ڪهاڻيون، ناولَ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾. هڪ ڪتاب " گلن ڪي سزا " شاعري ڇپيل.
اڻ ڇپيل مواد : هڪ ڪتاب " آخري ڏمال" ناول، هڪ ڪهاڻين جو مجموعو تيار آهي ۽ هڪ شاعريءَ جو، اجا هڪ ناول "پڳ عشق جي مصلّي تي" جو ڪم جاري آهي. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**نظم**

حقيقت حال جِي ڏسندين، منا ماڻهو مري ويندين
اسان کان ڏار جَي ٿيندين، منا ماڻهو مري ويندين
لڪائي دل رکيو آهي ڪرڻ ظاهر نٿي چاهي
چري ناهي هُو سمجهي ٿي اوهان ۾ سهپ ئي ناهي
اشارا پيا ملن اهڙا هوا تي مٽ ڳَري آهي
ڇهين حس پئي ڏَسي مون کي هوا هي راز کوليندين
انهي کان سور سي سُٽندين، منا ماڻهو مري ويندين
اسان کان ڏار جي ٿيندين منا ماڻهون مري ويندين
اوهان سان پيار جو ڪاتو انگن اکرن کان ٻاهر آ
وري اهڙو جڙيو ناتو انگن اکرن کان ٻاهر آ
اسان کي درد ڪيئن ڇاتو انگن اکرن کان ٻاهر آ
شاهاڻي درد کي ڏَسَندي! جبل پرزا ٿيا سارا

اُتان جي شاهدي ونندين، منا ماڻهو مري ويندين
اسان کان ڏار جي ٿيندين منا ماڻهو مري ويندين
وڏي ڪوشش ڪئي آهي، مونکان پر جهل نٿي جهلجي
اوهان جي ياد کان خالي گهڙي ڪا پل نٿي جهلجي
عجب منظر ڏسان وينو ڏسڻ سان ڪِل نٿي جهلجي
ڪبوتر باز جي پويان لڳو آهي شڪاري تي
چريائپ پاڻ سان رکندين منا ماڻهو مري ويندين
اسان کان ڏار جي ٿيندين منا ماڻهو مري ويندين

**غـــزل**

اسان عاشق آهيون ليڪن اوهان جي ڳالهه ٻي آهي
هٽي چالون پلي هرٽي اوهان جي چال ٻي آهي

وڏا ماهر ڪَهي آيا کُڏڻ لئه راند شطرنج جي
پيادا سڀ ويا پٽجي اوهان جي چال ٻي آهي

نه گولي ڪا هلي ڪنهن تي نه بوءِ بارود جي آئي
مگر جنهن تي ڪيا زخمي! اُها دونال ٻي آهي

ثناءَ محبوب تنهنجي مان ڪيان جيڏي لڳي ٿوري
اسان جا سُر وجن وکريو اوهان جي تال ٻي آهي

ڏکن پنهنجن تي روئان ٿو! تڏهن آهن اکيون ڳاڙهيون
اوهان جي ڪيف ۾ ٿيندي، اکين جي لال ٻي آهي

گهٽائي ڏينهن ويا گذري ڪتي راجا ڪا واهر ڪر
هزارين ٿيون اچن ليڪن اوهان جي ڪال ٻي آهي

⊙⊙







**تعارف نمبر(38)**
[شاعر]
اصل نالو: مولابخش
ادبي نالو: مفلس ٻگهيو
ولد : محمد ادريس
جنم : 11 ڊسمبر 1994ع
ذات : ٻگهيو
رهائش: نوابشاهه
رابطو: (0323_3646868)
تعليم: انٽر
لکڻ جي شروعات : 2016ع
لکيل صنفون: غزل،نظم، گيت،چارسٽا، قطعا، وائي وغيره
هڪ ڪتاب جو مواد موجود. سنڌس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـــزل**

توکي دولت ڏن جون سوچون
مونکي مارن من جون سوچون

ڪونه مريدن جي لئه سوچي
مرشد کي بس ڏن جون سوچون

ونڻ ٻي چاٽي ويندي آهي
کهڙيون خزان کي پن جون سوچون

صاف پلا ڪيئن هونديون يارو
رهبر جانِ، رهزن جون سوچون

سَينَ هٽي تو پينو در تي
ان کي آهن ڪَنَ جون سوچون

سوچي ڳاڏين ڪاڻ وڏيرو
مفلس کي هن ان جون سوچون

**غـــزل**

هن سنڌ جي ڏکڙن مـتـان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر
مسڪين جي ڪکڙن متان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر

محبوب جي واکاڻ تون هر شعر ۾ آهين ڪندو
مزدور جي هـٿڙن مـتـان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر

گرمي هجي سردي هجي محتاج وٽ ساڳيا وڳا
تن ڦاٽلن ڪپڙن متان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر

رئندي رهي ساري عمر ٻچڙا رهيا جنهن کان پري
ان ماءُ جي ڳوڙهن متان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر

سٽ سٽ هجي سورن سندي خود شاعري دانهون ڪري
تون واقعن اهڙن متان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر

جن سنڌ کي آهي لٽيو ڪائي سڄي "مفلس" ويا
ها تون انهن مڪڙن متان شاعر ڪڏهن لکندو بہ ڪر

**غـــزل**

رهون ٿا سدائين محبت جي ويجهو
نہ ڏسندين اسان کي تون نفرت جي ويجهو

ڪپي ماءُ جو تو ڳلو پٽ بہ هاڻي
لڳي تو پڳا هون قيامت جي ويجهو

گناهن جي پنيان مسلمان آهي
هجڻ جنهن کي گهرجي عبادت جي ويجهو

حياتي هي گذري رڳو خواب ڏسندين
نہ پهتا اڃان هون حقيقت جي ويجهو

اڙي حڪمرانو اوهان جي بدولت
وڃين قوم پهتي آ غربت جي ويجهو

نہ گل آڻ سهڻا ڪندا ئي ڪٽي آ
رڳو ويهہ مفلس جي تربت جي ويجهو

⊙⊙







**تعارف نمبر(39)**
[شاعر]
اصل نالو : فياض احمد
ادبي نالو : فياض سمائر
ولد : شمس الدين
ذات : سمائر
جنم: 8 مئي 1985ع
رهائش : ڳوٺ سلطانپور، تعلقو پنوعاقل سکر
رابطو: (0304_3462825)
تعليم : ايم.اي سنڌي. ڪرت : سرڪاري استاد
لکڻ جي شروعات : 2005ع
لکيل صنفون : غزل، نظم، چوسٽا ۽ نثر.
ڇپيل مواد : سنڌو، عبرت ميگزين، گل ڦل، ڪاوش، ڪوشش.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

ديد اچ روبرو ڪري وٺجي
يار سان گفتگو ڪري وٺجي

ڳالهہ دل جي زبان تي آڻي
هر عيان آرزو ڪري وٺجي

وار محبوب جا وري چوڙي
گهر سڄو نازبو ڪري وٺجي

سنڌ ڌرتيءَ ۾ پڳا آهيون
ترس پهريان وضو ڪري وٺجي

هوءَ پل جان ملي، ملي نہ ملي
پوءِ بہ ڪا جستجو ڪري وٺجي

جنگ جوٽي فياض جابر سان
سِر سندو سرخرو ڪري وٺجي

**نثري نظم**

## "پيار"

ابا...
مان تہ جيڪو پني آيس
روز جيان
اهي پئسا مونکان کسي!!!
چرس پيئندين.. !
مونکي بہ بک لڳندي آ
مان ڇا کائيندس...؟؟؟
ابا........
پر واري پڪي ۾
پڇندڙ ماني جي خوشبو
مونکي سمهڻ نٿي ڏي..!!

**غزل**

الفت کي ڇاڪاڻ ڪيون
قلب منجهان ڪاراڻ ڪيون

ڌاريا ڌنگ لتاڙن پيا
حد جو ليکو هاڻ ڪيون

پاڻ پرين جي پرچي پئي
ڪنهنجي ڇالئہ ڪاڻ ڪيون؟

خوشحالي جا خيما ڪوڙي
غربت جي ڳدلاڻ ڪيون

ڪين وٺي چڪتاڻ جنم
من مان جي ميراڻ ڪيون

مرڪ پکيڙي مک، مک تي
اڪڙين مان آلاڻ ڪيون

⊙⊙







**تعارف نمبر(40)**
[شاعر]
اصل نالو: سائينداد مڱريو
ادبي نالو: ساڳيو
ولد: جمال دين مڱريو
جنم: 04 مارچ 1984ع
تعليم: گريجوئيٽ
رهائش: امرڪوٽ
رابطو: (0345_3572004)
ڇپيل مواد: ڪاوش دنيا، هلال پاڪستان، عوامي آواز ۽ ٻيا سنڌي رسالا ۽ اخبارون.
صنفون: غزل۽نظم
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غزل**

ڪهڙا ميگهہ ملهار، آئون سوچيان ٿو
توبن منهنجا يار آئون سوچيان ٿو

دنيا جو سوچي تنهنجي باري ۾
ساري جڳ کان ڌار آئون سوچيان ٿو

تون جڻ رانديڪو توکي ماڻڻ لئہ
ٻڻجي ننڍڙو ٻار آئون سوچيان ٿو

موت نہ ماريو آ ماڻهو کي ڪڏهن
ماريو آهي ميار آئون سوچيان ٿو

ٿي آ رات ختم پنهنجي ليکي ئي
ياتو ويڙهيا وار آئون سوچيان ٿو

ٻارڻ ٻاريندي مونکي ماريندي
ساجن تنهنجي سار آئون سوچيان ٿو

### غـــــزل

ڪاڪُلن ڪان روز تو ڪڪجي غزل
ٻانهن تنهنجي ساڻ تو ٻڪجي غزل

چنڊ جان تو چاهه ۾ چمڪي پوي
مُرڪ تنهنجي ساڻ تو مڪجي غزل

گيت سپ تنهنجي گلي تان گهورجن
روز تنهنجي راهه ۾ رڪجي غزل

ڇير جي ڇم ڇم جيان چمڪي نه جو
جڪ وانگر ڇو ڀلا جڪجي غزل

### غـــــزل

هڪڙو گُل سئو خار اسانجي ڪاتي ۾
دردن جا انبار اسانجي ڪاتي ۾

توسان ئي جوين آ توسان جيون آ
توبن چاهي يار اسانجي ڪاتي ۾

تنهنجي سوپ ۽ سوپيا خاطر او ساتي
هر هر آئي هار اسانجي ڪاتي ۾

ڪاش وٺين سئو بار جنم تون دنيا ۾
ڪاش اچين سئو بار اسانجي ڪاتي ۾

پل تون پنهنجي دنيا ۾ ئي رهندو ڪر
چار گهڙيون ڪي گهار اسانجي ڪاتي ۾

تنهنجون سوچون تنهنجون ڳالهيون ۽ ٻيو ڇا؟
۽ ٻيو تنهنجي سار اسانجي ڪاتي ۾

⊙⊙







**تعارف نمبر (41)**
[شاعره، ڪهاڻيڪار]
اصل نالو: صفيه
ادبي نالو: صفيه ڪنول
ولد: محمد طيّب
ذات : ابڙو
تعليم: بي.اي
رهائش: نصرپور
لکڻ جي شروعات : ننڍپڻ
ڇپيل مواد: عبرت مئگزين، پرهه، بختاور، ڪاڪ مئگزين، ڪاوش، سرتيون، امن اخبار، هلال پاڪستان، خادمِ وطن، جاڳوغيره.
لکيل صنفون: غزل، نظم، گيت، وائي وغيره
هڪ شاعريءَ جو ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ. اُن ڪان علاوه اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

### غـــــزل

بي اعتبار دنيا، بي اعتبار ماڻهو
بيوس ڪي وڏيڪ ڪن ٿا لاچار ماڻهو

جذبا احساس ڪچلن ٿا ايئن
ڄڻ ته هجن تکي تلوار ماڻهو

سون جي روپ ۾ ڪچو ڪائو
مري ويا جي هيا مٽيادار ماڻهو

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ جو اندر ڪارو
مرون مُهاندا ٻين لاءِ آزار ماڻهو

ڪيترن رنگن جا نقاب وٺن آهن گهٽا
ڪامياب به دنيا ۾ اهڙا فنڪار ماڻهو

ڪنول تو جهڙن لاءِ چو ٻٽيل آهن
اهڙا ڪِريل انسان ڄڻ للڪار ماڻهو

**نثري نظــــم**

**منهنجا سپنا..!!**

بهار جي
حسين رنگ سان رتل
او منهنجا سپنا..!!
اڄ تہ گلي ملي
روئي موڪلايون..!!
جو وڇوڙي جو وقت
ڪاريهر جيان
اچي رهيو آهي..!!
ماٺ جي ميدان ۾
اکين جو شمعون
ميلاپ جي ساري روشني
وڃائي وينيون آهن
۽ اونداهين ۾
سموريون واٽون
وڃائجي ويون آهن..!!
چاهنائون، حسرتن جو
رَئو اوڍي
سمهي رهيون آهن..!!
دل جي هر ڌڙڪن
ساهن جي سرگم تي

⊙⊙





**تعارف نمبر(42)**



[شاعر، مضمون نگار]
اصل نالو : ڊاڪٽر عبدالغفار
ادبي نالو : عبدالغفار "عبد" جوڻيجو
ولد : عبدالرزاق . ذات : جوڻيجو
جنم : 20 مئي 1967ع
رهائش : سول اسپتال ڪالوني، مٺي ٿرپارڪر.
رابطو: (0320_2644798)
تعليم : بيچلر آف ڊينٽل سرجري، لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو، ڊپلوما ان ڪميونٽي هيلٿ مينجمنٽ اسلام آباد.
لکڻ جي شروعات : 1993ع
ڇپيل ڪتاب : "نيٽن نند اکوڙ ۾" پٺائي سائين تي مقالو ڇپيل
ڇپيل مواد : مختلف، اخبارن ۽ رسالن ۾.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم وغيره.
اڻ ڇپيل : هڪ ڪتاب جو مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غــــزل**

زندگي ڇڻ ڪو فسانو آ
وحشتون ۽ بس ويرانو آ

دل دردن جو آ ڪو مسڪن
چاهہ ڇريو ۽ ديوانو آ

ڪوئي ڪنري وڃي تہ وڃي
نينهن نبريو واهہ زمانو آ

هي پندار اٿم يادن جا
ڪهڙو ڪو پيو خزانو آ

ڪيڏو سُڏڪي ساهہ صحرا ۾
عبد ئي ڇو تہ نشانو آ،

## غزل

پراڻا پيار ڪي ساري
الائي اڄ آڏيءَ ڏاري

وري هن سار ساروڻيون
جدا ڪيئن ڪو گهاري

رخ تي وار وڪريا پئي
وئي هوءُ مفت ۾ ماري

چيم چنري نه ڪسڪايو
سڄو پيو لوڪ ته نهاري

اکين جي زير زبرن سان
وجهو ٿا ورهه جي واري

ڪِريو ڪو عبد آ ڪُن ۾
تون ئي آ ڪيس ڪو تاري

## نظم

پتڻ جي پار تي پهچي،
جڏهن سوچن ۾ ساري ڪو،
واري ڪنڌ نهاري ٿو،
اهو لمحو ته ماري ٿو.
اتر جا هن اوهيرا ڪي،
لڳي ٿو سار جا پنڇي،
اونهي آڪاش۾ اڏري،
ڏڳن ڪان دور هن ڪيڏا،
ٿڪل ڪي چور هن ڪيڏا،
وڻن ڪي واءُ ٿو ويڙهي،
پنن جي پهچ ئي پٽ تي،
چٽڻ جو چا ڪجي آخر،
ذهن ڪي سوچ ٿي رهڙي.
اسان جي آس آڪيرا،
هئا لٽڪيل ته لامن ۾،
زخمي زرد شامن ۾،
وڏا ڪي وڻ هئا واقعي،
ٿر جي ٿاڪ جا منظر،
منجهند ٿاڪ جا منظر.
دلڙي درد بس هاڻي،
ڏڙن تي ديد نه دلبر،
ملندو ڪير رب جاڻي.
سڪايل جون صدائون هن،
تماچي تو بنا تڙ تي،
نوريءَ جون نگاهون هن.
وڇڙي هُن وڃڻ وايون،
وڪيريا جذبا جيون جا،
چري دلڙي چا ڌرايون.
مڙئي پيا پاڻ پرچايون.
ڪٿي ڪونجون،ڪٿي آڙيون،
ولرڪان جا وئي وڇڙي،
اياڳڻ سا ڪيئن واريون.
پکين جي پريت پيا ساريون.
شفق ۽ شام جو ايندا،
متا مهراڻ چولين ۾،
ڪٿي پيار جهولين ۾،
ڪٿي پيار جهولين ۾.

⊙
⊙







**تعارف نمبر (43)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار]
اصل نالو: عبدالسلام
ادبي نالو:عبدالسلام ٿهيم
ولد : محمد مبارڪ
ذات: ٿهيم
رهائش : جاتي ٽائون، تعلقوجاتي، ضلعو سجاول.
رابطو: (0333_2565570)
تعليم :ايم.اي (سنڌي)، ايم.ايڊ
لکڻ جي شروعات : 1995ع
لکيل صنفون : غزل، ڪهاڻيون، ڪالم، مضمون، تاثر وغيره
ڇپيل مواد :هزارداستان، عبرت مئگزين، ڪاوش ميگزين، ڪاوش گئلري، شام، تخيّل، سنڌو، سنڌ ايڪسپريس، هلال پاڪستان، عوامي آواز، جاڳو، گل ڦل، سوجهرو.
ڇپيل ڪتاب : اوسيئڙي ۾ جڙيل آس (ڪهاڻيون) ڪنول پبليڪيشن 2013ع، مينهن آيو ٻوڙي (ٻاراڻيون ڪهاڻيون) ۽ "نورالدّين نفيس جو فن ۽ شخصيت" تياري مرحلي ۾.
سندس تخليق مان هڪ ونڊ.

## ڪهاڻي

### (سرپرائيز)

مير صاحب رٽائرڊ پروفيسر هو،درس و تدريس دوران هو ڪالم به لکندو هو،تنهنڪري سندس علمي توڙي ادبي فيلڊ ۾ چڱي موچاري سڃاڻپ هئي.
اڄ اجا ننڊ مان سندس اک ڪونه کُلي هئي،تيستائين سندس موبائل جي ٽون وڳي ۽ سجاڳ ٿي ويو،هن اکيون مهٽيندي ڪال اٽينڊ ڪئي ته آواز آيو
"سر توهانکي مبارڪون....."
هي خير مبارڪ ڪري سوچڻ لڳو "هي واڌايون ڇا جون،اڄ نه عيد نه برات...پليو هوندو پڪ سان.....!"
هو اٿيو،تيار ٿيڻ لڳو ته ٻيهر ڪيس ڪال آئي،آواز ٻيو ڳالهه ساڳي...
" آخر هي سڀ ڇا پيو ٿئي....اڄ تاريخ...پهرين اپريل....مطلب ته مونسان پيا اپريل فول ملهائين....هون بيوقوف....!؟"
هن سان ائين ٿيندو رهيو،ڪي ڄاڻ سڃاڻ وارا ته ڪي اڻڄاڻ هنڪي

واڌايون ڏيندا رهيا ۽ هي خوش اسلوبيءَ سان ڪين جواب ڏئي پنهنجي پڙهڻ ۾ هنن کي بنائي رهيو هو،منجهند تائين هن کي پنج ڪالز اچي چڪيون هيون،مارڪيٽ کان گهر وڃي رهيو هو ته ڪيس ٻيهر فون ڪال آئي،گرميءَ سبب سندس مزاج ۾ ڪجهه تيزي هئي،ڪال اٽينڊ ڪيائين

"واڌايون سر.....توهانجي وڏي حياتي لاءِ دعاگو آهيان....."

هن ڌيرج سان وراڻيو

"مهرباني پٽ....پر توکي حياءُ ڪرڻ گهرجي...."

سامهون وارو نوجوان پريشان ٿي ويو

"حياء.....سر ڇو مون ڇا ڪيو.....!؟"

هن جذباتي ٿيندي وراڻيو

" پنهنجي پيءُ جيڏي سان مذاق ڪرڻ توکي زيب ڏي ٿو ته ڀلي ڪر......باقي پٽ تون اپريل فول مونسان ڇا ملهائيندين....مون تو جهڙا ڪيئي اُٺ پڙهائي ڇڏيا....."

وش ڪرڻ واري نوجوان کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي،تنهن چيو

"سر آئون اڪين وارو آهيان،توهان منهنجا بزرگ آهيو....مونکي شرم ڪونه ٿيندو جو توهان سان......"

پروفيسر سندس ڳالهه ڪٽيندي طنزيه لهجي ۾ وراڻيو

"پوءِ ڇا پٽين جو پيريءَ ۾ پٽ ڄائو آهي،جو واڌايون......"

نوجوان مسڪرائيندي وراڻيو

"او نو سر.....اڄ توهانجو برٿڊي.....فيسبوڪ تي......!!"

"منهنجو برٿڊي..........فيسبوڪ.......!...او او سوري ينگ مين....ٿينڪ يو......"

پروفيسر کي ڪجه افسوس ٿيو،سوچڻ لڳو

" پر آئون ته فيسبوڪ تي ناهيان....پوءِ هي سڀ.....!!....پڪ سان مون واري پوٽي خرم جي شرارت آهي....بس گهر پهچان ته ڪن پٽيانس...."

پروفيسر کي ڪالز تي واڌاين جو سبب ملي ويو،تڪڙو تڪڙو گهر ڏانهن ويو،هن دروازي تي بيل جو بٽڻ دٻايو،نوڪر آيو،

جيئن دروازو کليو،ته اندران خوشيءَ مان آواز آيا

"هيپي برٿڊي ڊيئر گرانڊ فادر....هيپي برٿڊي بيلوڊ ابو....."

هن کان سرپرائيز جي خوشيءَ ۾ شڪايت وسري وئي .

⊙⊙





**تعارف نمبر (44)**



[شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار]

اصل نالو: نبي بخش

ادبي نالو: اداس سولنگي

ولد : خالق ڏنو

جنم: 15 جنوري 1970ع

رهائش : ڳوٺ لال ٻاٽي، اسٽيشن پليجاڻي، ضلعو مٽياري.

رابطو: (0307_3096402). تعليم : بي.اي

ڪرت : پرائمري استاد. لکڻ جي شروعات : 1985ع

لکيل صنفون: غزل، گيت، بيت، وائي، ڪافي، نظم، نثري، نظم، ٽيڙو، قطعه، قصيده، نوحا، منقبت، ڪهاڻيون، مضمون، ڊائري، ڪالم، رپورٽنگ وغيره.

ڇپيل مواد : ٽماهي مهراڻ، نئين زندگي، ڪاڪ، صبوح، امرتا، ڪينجهر، عبرت مئگزين، هالار، هزار دستان، پورب، سنڌ رنگ، سنڌ لائين، ادب، سنڌ روز، آواز ادب، عبرت، ڪاوش، آفتاب، سنڌ سجاڳ، سوڀ، برسات، سنڌو، مومل، ميرانپور، سنڌ سماچار، عوامي آواز، عرش، هاڪ.

ڳايل شاعري : فوزيه سومرو، ديبا سحر، ثمينه ڪنول، الهڏنو جوٽيجو، محبوب خاصخيلي، محمد رحيم سولنگي، زمان خاصخيلي، مولا بخش مري، پير پپو، عنايت مري.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**آزاد نظم**

چپن کي چمين جو لطف ياد ناهي
لڳل خامشيءَ جو سدائين هو پهرو
وسڪار جي رت آئي ته هئي پر
اجايل اميدن جي ڌرتي سڪل هئي
ڏڪارن جي ور هو سڄو ديس دل جو
نگاهن جو مهراڻ هو خشڪ بنجر
خيالن جا نازڪ پکيئڙا اجارا
چتيءَ اُ س ۾ آب جي ڍڪ خاطر
اڏامي اڏامي ٿي ساٽا ڪري پيا

مري نيت ويا ڦٽڪي ڦٽڪي ويچارا
سھارن جا گھنگھور بادل بہ برسيا
ھئي روح کي ڏاڍي رم جھم جي حسرت
ڪلي گل ٽيڻ لاء آتي بہ ھئي پر
وفائن جي ڏاڍي رتل سانوڻي ھئي
نہ پرتي نہ پرتي نہ برسي نہ برسي
نہ من تي مھربان ٿي ڪا بہ موسم
خفا عرش ھو پنھنجي ڌرتيءَ تي ڏاڍو
ھئي چنڊ کي روشنيءَ کان شڪايت
سنڌوءَ جا ڪنارا بہ ھئا گڏ ھميشہ
تڪيندا رھيا بس پري ئي پري کان
ڪڏھن ھئا مليا ڪنھن ڏٺا ڪير چوندو
ڪري خواب چرڪن حوالي چڙياسين
رناسين بہ اھڙو لڪائي لڪائي
نڪي ڪير جاڳي نڪي سوال ايرن
نصيبن جي ڪاري سڃي رات جاڳي
ستارن جي چتر بہ سھڻي پئي تي
شڪايت جي ھرگز اجازت نہ ھئي ڪا
لڳل خامشيءَ جو سدائين ھو پھرو
چپن کي چمين جو لطف ياد ناھي

**وائــــي**

اکڙيون آليون پيٽ بکايل ابھم ٻارن جا
ديس دلارن جا
در در دھشت ھيسيل چھرا مٽڙن مارن جا
ديس دلارن جا
ڦٽڪا کوڙا تن من گھايل مڙس متارن جا
ديس دلارن جا
مائن پيٽن چچريل لاشا ورتا پيارن جا
ديس دلارن جا
چنڊ اداس ۽ جھيڻا تارا سنڌڙيءَ وارن جا
ديس دلارن جا

⊙⊙





**تعارف نمبر (45)**



[شاعر]
اصل نالو : محمد شريف
ادبي نالو : فرھاد جروار
ولد : جمعون خان
ذات : جروار
رھائش : خير محمد جروار, تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊو الھيار.
رابطو: (0346_3901722)
جنم : 29 سيپٽمبر 1978ع
ڪرت : زميندار ۽ دڪاندار.
تعليم : بي.اي آنرس، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
لکڻ جي شروعات : 1994ع

سنڌ جي تقريبن سيني رسالن ۾ مواد ڇپيل اُن کان علاوه گڏيل شاعري جي مجموعي "پير پير جو پنھنجو پنڌ " ۾ شاعري ڇپيل ٻن ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود.

لکيل صنفون : غزل، نظم، وائي، چوسٽا، بيت، پنجڪڙا، دوھا .
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چوند.

**غـــــزل**

درد جي ديس ۾ ھر خوشي اوپري
تو سواءِ تي لڳي زندگي اوپري

ساٿ تنھنجو ھيو ڏيھ پنھنجو ھيو
تو پڄاڻان تي دنيا وئي اوپري

درد تو وٽ اگر جي نہ آھي ڪوي
بي بقا پو سڄي شاعري اوپري

جيئن دل ۾ لٿي مون بہ محسوس ڪئي
ھت تنھنجا ھئا ھئي چري اوپري

مائٽن جو پرم جنهن رکيو مات ۾
ان کي ور جي لڳي هر چمي اوپري

ڪولي البم پراڻا جو فوٽو ڏنئين
پاڻ کي پاڻ ئي هو لڳي اوپري

دوستن جا دلاسا لڳا عارضي
هيڪلو ٿي ڏنم دوستي اوپري

ڪالهه " فرهاد" کي جيڪا ڏسندي رهي
هون ته پنهنجي هئي پر لڳي اوپري

**غـــزل**

هو جي سجائي دار سمهي پيا
سچ ڪري نروار سمهي پيا

اڌ ۾ رهجي وئي آکاڻي
ٻڌندي ٻار سمهي پيا

پورو ٿي نه سگهيو ليکڪ کان
ناول جا ڪردار سمهي پيا

هن جي يادن جا ڪوڙيئڙا
مون ۾ ناهي چار سمهي پيا

گذريل لمحا نازڪ دل تي
ڪولي پنهنجا وار سمهي پيا

وڏڙا ننڍڙن کي ورثي ۾
خوني ڏيئي تڪرار سمهي پيا

پنڇي پنجري ۾ هو ساري
پنهنجي تيز اڏار سمهي پيا

⊙⊙







**تعارف نمبر(46)**

[شاعر]

اصل نالو: نديم حسين شيخ
ادبي نالو : شيخ نديم
ولد: عبدالستار
جنم: 07 فيبروري 1984ع
ذات :شيخ
رهائش : رند ڪالوني، سامهون الله آباد، لاڙڪاڻو سنڌ
رابطو: (0346_3399983)
تعليم: انٽر
لکڻ جي شروعات: 1998ع
ڇپيل مواد : ادب، هالار، پندرنهن روز عبرت مئگزين، سوجهرو، هزار داستان وغيره.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم.
گڏيل شاعري جو مجموعو "برکا بوند بهار جي" ۾ شاعري ڇپيل.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

ناهي ڪوئي نه گهر هوا وانگي
پيو ٿو گذري سفر هوا وانگي

جو ڏسڻ لئه نگاهه تڙپي ٿي
سو نه آيو نظر هوا وانگي

تو سوا دل جو گل آ ڪوماٽيل
سار ! ڪيو آ قهر هوا وانگي

منهنجي نيڻن مان ٿي وَسي بارش
غم جو آيو ڪڪر هوا وانگي

اپسرا هوءَ "نديم" وسري ڪيئن
ياد جو آ امر هوا وانگي

## غزل

هُن جي هر گام تي درد جو رقص آ
اڄ بہ انجام تي درد جو رقص آ

روز اڱ رات کان خون ٿو سج مَکي
۽ حسين شام تي درد جو رقص آ

خواب هن جا اڇي جاڳ مون کي ڏين
منهنجي آرام تي درد جو رقص آ

جنهن ٻہ وڻ تي پکي سُر سُرن ۾ ڪين
ڇڻ تہ اُن لام تي درد جو رقص آ

مون محبت جي مئخاني ۾ آ ڏٺو
عشق جي جام تي درد جو رقص آ

## غزل

روز مون احساس جا لاشا ڪنيا
پنهنجي زخمي آس جا لاشا ڪنيا

مئڪشي جو سمنڊ منهنجي پر ۾ هو
تہ بہ چپن پئي پياس جا لاشا ڪنيا

سنڌ تان قربان هر سرواڻ ٿيو
ايئن اسان اتهاس جا لاشا ڪنيا

ور خزان جي خواهشن جون سپ ڪليون
۽ گلن جي واس جا لاشا ڪنيا

درد اندر ڪي ڪندو ويو ڪوڪلو
ڪنهن نہ ان راڪاس جا لاشا ڪنيا

گل وفا جا هر دفعي پوکي نديم
مون تُتل وشواس جا لاشا ڪنيا

⊙⊙







**تعارف نمبر(47)**

[شاعر]

اصل نالو: حبدارعلي
ادبي نالو : حبدار علي
ولد : صيفل خان
ذات : ٽوٽاڻي
جنم : 1973ع
ڪرت : پرائمري استاد
تعليم: ايم.اي سنڌي ۽ بي.ايڊ
اصل رهائش : انور آباد، تعلقہ وارهہ، ضلع قمبر. موجوده. رهائش لاڙڪاڻو شهر
رابطو: (0341_2970201)
لکڻ جي شروعات : 1996ع کان.
ڇپيل مواد : ڪاوش، خبرون، ڪوشش، اخبار، نئين زندگي، اخبارِ جهان ۽ مختلف اخبارن ۾.
ڇپيل ڪتاب : اردو مان ٻہ ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪيا اٿن جيڪي اڻ ڇپيل آهن.
هڪ ڪتاب گڏيل شاعريءَ جو "ادب آب حيات" ۾ شاعري ڇپيل ٻن ڪتابن جو مواد اڻ ڇپيل موجود.
لکيل صنفون : بيت، وائي، ڪافي، چؤسٽا، غزل، نظم، سانيٽ، ترائيل، ٽيڙو، وغيره.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

ناڪام محبت جو الزام ڏيان ڪنهن کي
تقدير لکيو جيڪي بدنام ڪيان ڪنهن کي

جا آس اندر ۾ آ ،سا يار نہ تو سمجهي
اقرار ويو پلجي پيغام ڏيان ڪنهن کي

برباد ڪري مون ڪي ڇا محل اڏايا تي
بي درد نہ ڇو سوچيئہ ناڪام ڇڏيان ڪنهن ڪي

آواز آيو اي ڪان غافل نہ رهو انسان
ڪو غيب ٿيو ظاهر احڪام مڃان ڪنهن ڪي

هن پاڻ لکيو نالو گ نانءُ منهنجي سان هو
افسوس ويو وڇڙي گمنام ڏسان ڪنهن ڪي

اي شوخ نظر جانان ! هڻ تير ٿيان گهائل
تلوار تکي تيزي قتلام ڪجان ڪنهن ڪي

تون منهنجي پريتم آن مان ساحر هان تنهنجو
محبوب سوا منڙا گلفام چوان ڪنهن ڪي

حبدار حياتي هي دلدار ڪي هئي ارپي
جا نام ڪيم هن جي ٻئي نام ڪيان ڪنهن ڪي

**ترائيل**

منهنجو ننڍڙو ڳوٺ اباڻو
ان سان ڏاڍو پيار آهي
گذريو جاتي وقت ٻاراڻو
منهنجو ننڍڙو ڳوٺ اباڻو
اڄ پي آهي ساهہ سيباڻو
من جو جن منتار آهي
منهنجو ننڍڙو ڳوٺ اباڻو
جنهن سان مون ڪي پيار آهي
⊙⊙







**تعارف نمبر(48)**
[شاعر]
اصل نالو: عبدالخالق
ادبي نالو : عبدالخالق اسير. اي ڪي " اسير "
ولد: هوت خان
ذات: خاصخيلي
جنم : 20 مارچ 1961
تعليم : بي.اي.
ڪرت : ملازمت
رهائش : ڳوٺ غازي خان خاصخيلي، ٽنڊو آدم روڊ ميرپورخاص.
رابطو: (0333_2975356)
لکڻ جي شروعات : 1980ع.
لکيل صنفون :غزل،وائي،نظم،گيت ۽ مختلف موضوعن تي ڪالم.
ڇپيل مواد رسالا :- نئين زندگي ، ادب، پيغام، گل ڦل، برسات، امرتا، پورب، وينجهار، پچار، ڪچهري، سالار، عبرت مئيگزين، عوامي آواز، آفتاب، هلچل، عبرت، الڪ، تعمير سنڌ، سنڌو،هلال پاڪستان.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**نثري نظم**

**احساس**
مُون آئيني ۾ ڏٺو
آئينو مُرڪڻ لڳو
مُنهنجي وجود بجاءِ
عڪس تُنهنجو هُيو ...!!

**غــــزل**

سنگيت جي بدن مان هو تي ڦُٽي
هر گيت جي بدن مان هو تي ڦُٽي

چنگ چترا رکي کو هُن ۾ وئي
جگجيت جي بدن مان هو تي ڦُٽي

هُن جي هٿن وقت جي بازي جهٽي
هر جيت جي بدن مان هُو تي ڦُٽي

هر سُوءِ هُن منجهان مهڪي هئي
هر ميت جي بدن مان هُو تي ڦُٽي

مُون ڳوه ڳوڙهن کي ڏيئي ڏٺي
هر ڳيت جي بدن مان هُو تي ڦُٽي

**غــــزل**

آءُ اجـا احسـاس تـا جـاڳـن
مـون ۾ کـي وشـواس تـا جاڳـن

موکيءَ جهڙو موهه تو گهرجي
هـٿڙن منـجهه گلاس تا جاڳـن

جُگنو تُنهنجي جوت جيئي شل
رنـگ رتـا راڪـاس تـا جـاڳـن

رمجهم رمجهم روح جون رمزون
واهـونـدي جـا واس تـا جـاڳـن

مُنهنجي گيت غزل ۾ هر پل
عشـق سنـدا ايـيـاس تـا جـاڳـن

**نظــــم**

مون جڏهن ٻه

ڪجه لکڻ چاهيو

تُنهنجي نانءَ سواءِ

پيو ڪجهه ٻه ناهيان

لکي سگهيو .... !!

**وائـــــي**

ٿاري ٿاري ٿهڪَ
آءُ پکي پرڏيهي

سارون سارون سانڍ
ڪيڏي ساهن سهڪَ
آءُ پکي پرڏيهي

هيٺا هيٺا حال
کهڙي ڪنهنکي کهڪَ
آءُ پکي پرڏيهي

مُونکي تُنهنجو موهه
آئي آهي مهڪَ
آءُ پکي پرڏيهي

⊙
⊙





**تعارف نمبر(49)**



[شاعر]
اصل نالو : محمد جمن
ادبي نالو : خيال سنڌي
ولد : مير پاٽوجو
ذات : پاٽوجو
جنم : 1985ع
تعليم : انٽر
ڪرت : هاري
رهائش : ڳوٺ پنج مورو، تعلقو سعيد آباد.
رابطو: (0305_3873369)
ڇپيل مواد : هالار، ادب، عبرت مئگزين، هزار داستان، سرتيون، مهراڻ، دوستي، سوجهرو، تخيل وغيره.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غــــزل**

ڪپ چانهه ڊگهڙ ماني، ڪجهه ڪو نه تو گهران پيو
گهارڻ لاءِ زندگاني، ڪجهه ڪونه تو گهران پيو

لک پنهنجا پنهنجي ملڪيت رک پاڻ وٽ سنڀالي
بک قرب جي آ جاني، ڪجهه ڪونه تو گهران پيو

تقدير جا اي مالڪ ! ننڍڙو سوال آهي
يا هو يا هن جو ثاني، ڪجهه ڪونه تو گهران پيو

انڌن سان گڏ ٻه هلندس ليڪن آ شرط هڪڙو
انڌو هجي نه باني، ڪجهه ڪونه تو گهران پيو

**غزل**

پيار واري پنجوڙ ۾ آهيان
پاڪرن جي پڪوڙ ۾ آهيان

پنهنجي مرضي سان پئي ورهائي وندي
هن ڪان رڏجي ويو ٻوڙ ۾ آهيان

سچ تنهنجون حمايتون ئي ڪبيون
چوٽ پاڇن سان جوڙ ۾ آهيان

هيڪلائي هجوم جهڙي آ
ماٺ هوندي ٻه ڳوڙ ۾ آهيان

پاڻ کي پاڻ تو لتاڙي وڃان
نيٺ ڪهڙي ته ڊوڙ ۾ آهيان

خيال آهيان وڳو غريباڻو
۽ مسلسل ئي چوڙ ۾ آهيان

**غزل**

جسم مون ڏي ۽ جان توڏي آ
منهنجو سارو ڌيان توڏي آ

جيسين تو وٽ اُهيان اُهيان محفوظ
امن توڏي امان توڏي آ

آئون سرهو هان ان ورهاست تي
آ قلم مون ڏي ڪان توڏي آ

تنهنجي حصي جو ڪم اکين تي پر
منهنجي حصي جو نان توڏي آ

ڪوڙ ! تنهنجي چمڪ آ اڄ ٻه اها
اڄ ٻه سارو جهان توڏي آ

⊙⊙







**تعارف نمبر(50)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار]
اصل نالو: جان محمد
ادبي نالو : خاڪي جاني
ولد : نصيرمحمد
جنم: 03 مارچ 1978ع
ذات : نظاماڻي. رهائش: ڳوٺ بخشونظاماڻي
رابطو: (0346_3934512)
تعليم بي.اي، بي.ايڊ، ڊي.اي.اِي
لکڻ جي شروعات: 1994ع
ڇپيل مواد: پرھ،پرک، همرچو، سارنگا، سوجهرو، سامروٽي، ميگهه، ادب، ڪينجهر، امرتا، سنڌرنگ، هالار، سنڌو، عبرت، پيغام احمد،گلشن لاڙ وغيره ۾ مواد ڇپيو.
لکيل صنفون : ڪهاڻي، مضمون، تنقيد/اپياس ۽ شاعري.
ڇپيل ڪتاب: "امن تو ڳهران" شاعري 2011ع .
اڻ ڇپيل: 5 ڪتاب شاعري جا، 2 ڪهاڻين جا، هڪ مضمونن جو، هڪ تاريخ تي.
سنڌس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غزل**

اڌڙيل سوچن کي ڳنڍيان پيو
جملي جوتن کي ڳنڍيان پيو

ڌارڳڌاريلي.، خيالن ۾
توسان جوين کي ڳنڍيان پيو

دنيا جن کي آ ڌار ڪيو
مان تن جوڙن کي ڳنڍيان پيو

ڌاريان ڌن وارا، آءِ سنڌي
ڦاٽل نوٽن کي ڳنڍيان پيو

بس پنهنجي آ سنڌ شناخت
شهرن ڳوٺن کي ڳنڍيان پيو

تون هرهر توڙين تو ۽ مان
من جي موهن کي ڳنڍيان پيو

### غـــــزل

جي نہ آهن همّتون گهرڻ هلو
ٿامـلـن جت پيـار تـن درن هـلـو

عشق جي راهن رڪاوٽون رڳو
پيارجيئي نفرتون مرڻ هلو

زندگي جو جستجو تہ ناڻءُ آ
جيستائين هي اکيون ٺرڻ هلو

علم سان ئي روشني حيات ۾
هي ڪٽي مشعل ٽرن،ٻرن هلو

حوصلن ۾ مات آ نراس جي
آس جا خاڪي ڏيئا ٻرن هلو

### غـــــزل

وڏو امتحان زندگي هي
نہ پاڻي،پنهنجو پاڻ ڪي پي

خوشي ڪونہ هتڙا وڏايا
غمن جا ويا هٿ ڊگها ٿي

سوين راهہ آهن ڪٿيندڙ
نہ هڪڙو ڪٿي ٻانهن ٻيلي

اسان عمر ڪاٽي ڪنڊن تي
ڪٿي سيج آهي گلن جي؟

زبان تي اجان تائين تالا
اجان پئي وڪامي نياڻي

رڳو رنگ نسلن جا نعرا
پئي ڪيڏجي خون هولي

حقيقت ۾ آهيان تہ خاڪي
چون سڀ مگر يار جاني

⊙⊙





### تعارف نمبر (51)



[شاعره]
اصل نالو: شاهده پروين
ادبي نالو: شاهده ڪوڪر
والد جو نالو: امير بخش
ذات : ڪوڪر
رهائش: لاڙڪاڻو
تعليم : ايم.اي سنڌي ادب، ايم.اي ايڪانامڪس، ايم.اي اسلامڪ ڪلچر،ايم.اي صحافت
لکڻ جي شروعات: 1980ع
ڇپيل مواد :عبرت ميگزين، پره، ڪينجهر، سرتيون، هزار داستان، نئين زندگي، سنڌ سجاڳ، هلال پاڪستان، عوامي آواز، عبرت.
لکيل صنفون: غزل، وائي، بيت، گيت، چوسٽا، پنج ڪڙا.
ڪتاب ڇپيل: 1."ريشمي خواب ۽ تنهائي"، 2 . "هانءِ هاريو متان" اچڻ وارو. هڪ ڪهاڻين جو ڪتاب اڻ ڇپيل موجود.
سندن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

### غـــزل

قدرت قديم قائم مٽجي وڃي ٿو باقي
ٻيو وقت سان مٽيءَ ۾ لٽجي وڃي ٿو باقي

هڪ سور جو هي رستو آهي ڊگهو ازل کان
دم دانهن ويلَ، ويلو ڪٽجي وڃي ٿو باقي

ويساهہ ئي سدائين سائو رهي سفر ۾
هر ساهہ ڏيهہ ڏک ۾ ٽڪجي وڃي ٿو باقي

زنده ضمير جرڪي انسان جي عمل سان
پيئسو ۽ لوهہ لوڀي زنگجي وڃي ٿو باقي

ڪردار شاهده! هڪ دائم رهي دنيا ۾
هر پير ڪوڙ وارو پٽجي وڃي ٿو باقي

**غـــزل**

تـو کـونـہ اجـان ڇـاتـوهـن هـانـو جـي هـڏکـيءَ کـي
آ مـوت مـتـو پـهـتـو هـن هـانـو جـي هـڏکـيءَ کـي

سـک سـاءِ نـہ تـي سـنـيـران پـل پـل ۾ پـئـي پـجـران
تـي درد مـلـيـو تـحـفـو هـن هـانـو جـي هـڏکـيءَ کـي

ٻُـوسـاٽُ قـهـر آهـي هـر ويـل زهـر آهـي
تـون پـانـءِ نـہ کَـلُ کـوکـو هـن هـانـو جـي هـڏکـيءَ کـي

تـنـهـن ويـل وري ورنـديـن هـن جـيءَ جـيـاپـي ڏي
جـنـهـن ويـل بـہ تـو ڇـاتـو هـن هـانـو جـي هـڏکـيءَ کـي

شـاهـده کـي وسـاريـنـديـن احـسـاس کـي مـاريـنـديـن
آ نـيـنـهـن اجـان نـاتـو هـن هـانـو جـي هـڏکـيءَ کـي

**وائـــي**

سڏ سٽي ڪوئي
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!

سور جهليندي ڪيترا
لڳن جي لوئي
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!

سنڌوءَ جهڙا لڙڪ ها
ڇڏيا ڳل ڌوئي
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!

گذري ويندي شاهده
عمر اديون ! روئي
ڪوهن جي هن ڪاڪ ۾!







**تعارف نمبر(52)**

[شاعر]

اصل نالو: بشير احمد

ادبي نالو: خيال کتري

ولد : محمد حافظ

جنم: 6 جون 1970ع

ذات: کتري

رهائش: متياري

رابطو: (0300_3093973)

تعليم: B.Sc ،B.Ed

لکڻ جي شروعات: 1988ع

ڇپيل مواد: اخبارون: ڪوشش، عوامي آواز، ڪلياڻ، تعمير سنڌ، مهراڻ، فيصلو، پاڪ، هفت روزه دين، ماهوار ضياءَ اسلام وغيره

لکيل صنفون : مضمون، حمد، نعت، مناقب، غزل، بيت وغيره

چار ڪتاب ڇپيل

1. ذڪر پاڪ شاهِ لولاڪ 2. حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنہ. 3. سوال جواب 4. حضرت عثمان غني رضي الله عنہ.

سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

الائي ڇا پـئـي ڇـئـي، ڇـوري پـئـي ڇـپـن کـي
خـيـالـــــن کـي آٽـي، سـوري پـئـي ڇـپـن کـي

ڏمـرجـي پـئـي آ مـون تـي مـــتـي اجـايـــــو
اٿـس کـا تـہ کـاوڙ، کـوري پـئـي ڇـپـن کـي

سدا سرخ چپڙا، تيزاب سان ڪري تر
اجايو مکي مک، جهوري پئي چپن کي

سعادت ملي هڪ پيرو چپن چمڻ جي
ڪڏهن تو چمي ڏي، گهوري پئي چپن کي

ڪيو ترڪ ڳالهائڻ هو جنهن خيال سوئي
اڇي ويجهو هوري پئي چپن کي

## غزل

ڪرين تون ڇا پيو ، وڃي ڪک پن جي ڪر
هتان سڀ ڪو ويو ، وڃي ڪک پن جي ڪر

دنيا ڪيتي اتئي، ڪري وٺ ڪار ڪو
جيئڻ ڪارڻ جيو ، ڪک پن جي ڪر

ڪري جو موت ۾ پلائيءَ سان پلو
ڪٽي ڪنهن سان ٿيو ، وڃي ڪک پن جي ڪر

دنيا دو رنگ آ، وڏائي پر ڪتي
رڳو نيڪي نيو ، وڃي ڪک پن جي ڪر

سچو ساٿي خيال ، هِت آهي ڪتي
نہ آهي ڪو ٻيو ، وڃي ڪک پن جي ڪر

⊙⊙







**تعارف نمبر (53)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو: غلام مصطفيٰ
ادبي نالو : غلام مصطفيٰ سولنگي
ولد: احمد خان
ذات : سولنگي
جنم : 03 مارچ 1976ع
تعليم : بي.اي
اصل رهائش: پان سعيداباد، موجوده رهائش: حيدرآباد
رابطو: (0301_3492704)
لکڻ جي شروعات : 1984ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، چوسٽا، ڪهاڻيون، مضمون.
ڇپيل مواد : سنڌ مان نڪرندڙ سمورن رسالن، ميگزينن ۽ اخبارن ۾.
4 ڇئن ٻاراڻي ادب جي ڪتابن سميت چوڏهن ڪتاب ڇپيل.
1. درد جي موسم . شاعري
2. ڏاڻهون منهنجي ديس جون . مضمون
3. پيسو لٽيو پٽ تان . ٻارن جي شاعري
4. سنڌي ٻاراڻي ادب جي انتالاجي
5. چٽبو سچ طنزو مزاح
6. شاعري ڳالهائي ٿي . تحقيق
7. سنڌ جو ن شاعر عورتون . تحقيق
8. ناني نوران جون آکاڻيون . ٻارن جون ڪهاڻيون
9. اسيمبلي جو راڳ . محمد صديق مسافر جي سوانح حيات ۽ شاعري ۽ ٻيا ڪتاب.

سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

مـوتـيـن جـي هـار جـهـڙي چـوكـري
۽ سـنـڌو جـي پـار جـهـڙي چـوكـري

پـنـڊ پـهـڻ مـونـكـي كـري گـذري وئـي
ڦـوهِ ۾ گـلـزار جـهـڙي چـوكـري

هـر گـهـڙي نـاهـي ٿـي پـاڻ كـي
هـوءَ سـڳـنـڌ سـيـنـگـار جـهـڙي چـوكـري

مـن پـٽـر تـي يـاد ٿـي ان جـي اچـي
سـر سـنـگـيـت ۽ تـار جـهـڙي چـوكـري

كـاش مـنـهـنـجـي ٿـي پـوي اي مـصـطـفـيٰ
هـوءَ مـاكـيءَ لار جـهـڙي چـوكـري

**غـــزل**

نـئـوويـس پـاتـل كـنـوري بـدن تـي
بـلـيـو واهِ بـخـمـل كـنـوري بـدن تـي

ڳـچـيءَ سـڳـوسـون جـو پـي نـهـي ٿـو
كـري وجـهـنـدو پـاڳـل كـنـوري بـدن تـي

وجـي شـرم ٻـوٽـيءَجـيـان هـو ٿـي ونـجـي
كـبـي كـانـ كـيـچـل كـنـوري بـدن تـي

سـجـي رات سـيءُ ۾ ورن كـٿ تـي پـاسـا
مـتـل آهـي هـلـچـل كـنـوري بـدن تـي

اچـن ڏيـنـهـن اهـڙا مـصـطـفـيٰ سـيـاڳـا
هـجـي كـان جـهـل پـل كـنـوري بـدن تـي

⊙⊙







**تعارف نمبر(54)**

[شاعر]

اصل نالو : عبدالشكور

ادبي نالو : شاد چٽو

ولد : حاجي علي محمد

ذات : چٽو

جنم : 1988ع

تعليم : ايم.اي سنڌي

رهائش : ڳوٺ صيفل خان چٽو، لڳ اڏيرو لعل اسٽيشن، ضلعو مٽياري.

رابطو: (0341_0387045)

لکڻ جي شروعات : 2003ع

ڇپيل مواد : امرتا، عبرت مئگزين، اديب، تعميرِ سنڌ، سنڌو، سوڀ، صبوح، كاوش، هالار وغيره

لكيل صنفون : غزل، نظم، وائي، ٽيڙو، پنجكڙا، مقالا، مضمون، اُن كان علاوه گڏيل شاعريءَ جي كتاب "هر گل جي خوشبو پنهنجي" ۾ شآعري ڇپيل.

سندس شاعريءَ مان كجھ چونڊ

**غـــزل**

مـنـهـن مـٿـي آ ويـو
دل ڦـــٽـــي آ ويـــو

درد جـــو دل انـــدر
ٻـــج چـــٽـــي آ ويـــو

سـور صـدمـا ڏئـي
هُـو سـٽـي آ ويـو

روح رشـتـا سَـكـي
اڄ كـــٽـــي آ ويـــو

بـــاز ٿـــي شـــاد هـــو
دل جـــهـــٽـــي آ يـــو

**پنجڪڙو**

ڊسمبر تو وڏيون مڱيون آهن
تواسان جون دليون پڳيون آهن
راهه رستا تڪي ٿڪيون آهن
وڏ ڦڙو تي اکيو وسيو آهن
وري ڪيون تو نڱيون آهن

**چؤسٽو**

محبتون تون ساهه ڏي
نفرتن کي باهه ڏي

باز شڪرو تي پرين
اڄ،غمن کي ٿاهه ڏي

**وائي**

اوندهه راتيون
ڪٽن نٿيون..!!
توسواءِ جانان
تتل تاتيون
ڪٽن نٿيون..!!
دل تي وار جيان
لڳل ڪاتيون
ڪٽن نٿيون..!!
دل ۾ دفن ٿيل
تنهنجو باتيون
ڪٽن نٿيون..!!
خوابن ۾ شادڪي
تنهنجون جهاتيون
ڪٽن نٿيون..!!
⊙⊙







**تعارف نمبر(55)**
[شاعر]
اصل نالو : محمد بلال
ادبي نالو : بلال تبسم
ولد : حاجي محمد اسلم
ذات : ٽوٽاڻي
تعليم : انٽر
رهائش : قمبر علي خان، اسلم هائوس، وڳڻ روڊ قمبر.
رابطو: (0308_3484144)
لکڻ جي شروعات : 2009ع
ڇپيل مواد : نئين آس، عوامي آواز، سنڌ ايڪسپريس، هزار داستان وغيره
ڇپيل مواد: گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "روهيڙي جا رتا گُل" ۾ شاعري ڇپيل.
ترتيب ڏنل : گڏيل شاعريءَ جو ڪتاب " ادب آبِ حيات".
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، چوسٽا وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**نثري نظم**

**"درد جو صليب"**
هر روز دردن لئه
سولي
سجائي وڃي ٿي؟
جنهن ۾ زندگي جا
سکيا پل،
هُو صليب جا ڪوڪا تا
سمجهيا وڃن.
اڄ پي
زمانو تماشائي ٿو لڳي!؟
۽ درد آرس پيجي رهيو آهي
زندگيءَ جي آڱر تي.

## غـــــزل

دل جو ٽانگو پچي پيو آهي
مون لئہ رکجان تير سنيالي
يادون تنهنجون اٽڪڻ آهن
ڪيئن سگهان مان نير سنيالي
ماٺهپ محبت جذبن واري
ڪير سگهي اڪيرَ سنيالي
دل بي خالي آڪيرو آ
دردن جي سٽ ڪير سنيالي
روئندي زينب ڪربل ۾ آ
اڪبر جهڙا ويرَ سنيالي
ڪنهن جو ناهي جڳ ۾ ڪوئي
هر ڪو پنهنجا پير سنيالي
جيون سارو آتش تي ويو
سورن جا ڪي سير سنيالي
مان پي تو جان تڙپيو آهيان
سنڌڙي جا پي خير سنيالي
ڪير ڏسي تو ڪنهن جي ڪولي
باب نگر مان بيرَ سنيالي
باهيون گهر گهر ۾ لڳي ويون
آهن ڪنهن جا پير سنيالي
چئجان تنهنجي منهنجي وچ ۾
جيڪا آهي چير سنيالي
رهيان ناهيون ٻرن وٽ ڏس
پنهنجا هاٺي ليرَ سنيالي
غربت جو چا حال پچو ٿا؟
زندگي گذري گيرَ سنيالي!
پئسي خاطر ٿيا هن ٽڪڙا
واري واري تيرَ سنيالي
ڏڪندا ٻارن جا گهر سينا
آهن، هر هر ڦير سنيالي
دشمن هاٺي جڳ آ سارو
مون ڏي ايندڙ هير سنيالي.

⊙⊙







**تعارف نمبر(56)**

[شاعر]

اصل نالو : عنايت الله
ادبي نالو: عنايت درس
ولد : محمد حسين
ذات : درس
جنم : 01 مارچ 1998ع
تعليم : انٽر     رابطو: (0316_3502904)
رهائش : ڳوٺ سليمان درس، وَر شهر ويجهو، پيرآر ضلعو ٺٽو.
لکڻ جي شروعات: 2015ع
لکيل صنفون: نظم،غزل،نثر.
ڇپيل مواد : عبرت مئگزين، عقيق، هزار داستان وغيره
اڻڇپيل ڪتاب: گلن جون گاڏيون
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــــزل

وٽيون اوهان جون ادائون ٽڪڙيون
تڏهن ڪيوسين خطائون ٽڪڙيون

اوهان اکين ڪي عذاب ارپيا
ڪِريون ڪنڌن تي وفائون ٽڪڙيون

ڪنور سڏڪا اٿن نہ ها پر
اوهين ڪري ويا دغائون ٽڪڙيون

قرار جا پل لٽيا وڇوڙي
پيون ڳچيءَ ۾ سزائون ٽڪڙيون

اي درس دوکن جي پيچرن تي
سڙيون اسان جون صدائون ٽڪڙيون

## نظـــم

بي درد خزائن خوشبوء جي
هر وستي آ ويران ڪئي
مرڪن جي گلابن جون گاڏيون
ناهين چپن جي چوڪن تي
بي ترس وڇوٽين واڳونء جيئن
آهين ٻرانيون ٻڙڪايون
آسن جا ٻتيلا ناڪئي ٻن
ڪيئن تار منجهان هي تيز ترن
ڪٿ ڪون ٻيو ٿو ڳائجي
پيا پار هوائن ۾ پڪڙن
بس پاپن وارن پڃرن ۾
نئون روز پکي ٿو قيد ٿئي
ڪنهن هوڙي وانگي هارين جي
ٿا خوشين وارا خواب ٻڏن
مظلومن کي ڪو پياري ٿو
ڪا روز ستي نئين سورن جي
هت ڏوٿين کي ٿا ڏنپ ملن
هت ڪاتيون ڇاتيون روز ڇنن
هر گيت ڏکاري جو لهجو
تاريخ ترِيء تي آ رکيو
ڪوئي ٻہ نٿو دل جي دن مان
ٽڪرارن جا طوفان تڙي
ويا ساٿ سکي ويا قول سڙي
ٿا رليو روئن روهاڪي
ٻڌ ٻاٻاڻن جا ٻار ننڍا
ٿيو ٻک وگهي بيمار مرن
هت لوڙهون مارڻ جي ٻہ لٿا
سي گهاتو ويا سي گهائجي
اي درس عنايت لڙڪن سان
هر ٿهڪ ويو ٽڪرائجي
هر ٿهڪ ويو ٽڪرائجي

⊙⊙





**تعارف نمبر (57)**



[شاعر، مضمون نگار]
اصل نالو : جهانگير
ادبي نالو : جهانگير
ولد : تاج محمد
ذات : ڏاهري
تعليم : MBA. رهائش : ڳوٺ ڄام ڏاهري، سڪرنڊ
رابطو : (0302_3014323). لکڻ جي شروعات : 2015ع
ڇپيل مواد : تقريبن سنڌ جي ڪجهہ، رسالن، مئگزينن ۽ اخبارن ۾.
لکيل صنفون : غزل، وائي ، بيت ، نظم ، آزاد نظم، بيت، دوها، گيت، نثري ٽڪرا وغيره
اڻ ڇپيل : هڪ ڪتاب جيترو مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غـــزل

هي وجدان ڇا جا هن، هي امڪان ڇا جا هن
اسان تي عشق جو غلبو، اڳيئون فرمان ڇا جا هن

ٻڌي ٽڙڪات گهاٽي جا، اڇن عاشق اڏاٽي ٿا
سوين سرمد پيا ڪسجن، اهڙا ايمان ڇا جا هن

اسان جو جاڳ آ سوري، رکون ٿا مام منصوري
اسان جو آٿ آزادي، اڙي زندان ڇا جا هن

مٿي جو مان پائين ٿا، سندس ئي گيت ڳائين ٿا
ڪلي جي ڪاڪ ۾ موٽن، اهڙا مهمان ڇا جا هن

توهان جو ساٿ اهڙو آ، امر ڪنهن گيت جهڙو آ
اسان وٽ ميت مي رقصم، توهان وٽ تان ڇا جا هن

امڙ جيجل جي لولي جيئن، سنڌو جو جل پوتر تيئن
هلو يٽ شاهہ ڏي ڪاهيون، ٻيا سڀ گيان ڇا جا هن

**نظـــم**

اڄ پڻ مـنهـنجـا گيـت صدا هـٽـي تـوکـي ڳـولـن ٿـا
پـرديسـي پـکـيـئـڙا جيـئـن نـگـر نـگـر ۾ ٻـولـن ٿـا
منهنجو ڪمرو منهنجا ڪاغذ منهنجو يار قلم
پوئـين پـهـر پـڪـارن ٿـا سـائـين تـنـهـنجو نانءُ اتـم
تـنـهـنجي ياد جا ڪي ئي مـنـظـر پل ۾ کـولـن ٿـا
اڄ پڻ مـنهـنجـا گيـت صدا هـٽـي تـوکـي ڳـولـن ٿـا
رات بـہ تـوکـي يـاد ڪـري هـي اک نـہ جـهـپـڪـي آ
تـنـهـنجي چاهہ جي چٽـنگ اٿـي، شـولـو ٻـڌجي سـا
ويـنـدي ويـنـدي چـنـڊ سـتـارا جـاڳ وڙولـن ٿـا
اڄ پڻ مـنهـنجـا گيـت صدا هـٽـي تـوکـي ڳـولـن ٿـا
مـنـهـنجي جسم ۾ اڄ پڻ تـنـهـنجو جاري آهہ هڳاءُ
تـو بـن هـاڻـي ڪـونـہ سـري ٿـي جـلـدي مـوٽـي آءُ
هـو ڏس تـاريـن ۾ پـي ڳـلـڙا ويـنـا ڏولـن ٿـا
اڄ پڻ مـنهـنجـا گيـت صدا هـٽـي تـوکـي ڳـولـن ٿـا

**انگريزي نظـــم**

White-Lily
(Short poemm)

After bathing,
I saw your thoroughly,
Your face,
I found like White-Lily,
It enjoyed spring fall,
Oh! Dew drops,
And your face,

⊙⊙





**تعارف نمبر(58)**



[شاعر]
اصل نالو : ذوالفقار علي
ادبي نالو : ٺٽوي ڪاتيار
والد جو نالو : محمد بخش
جنم : 21 فيبروري 1989ع
ذات : ڪاتيار. رهائش : مڪلي ضلعو ٺٽو.
رابطو : (0324_3094990) تعليم : بيچلر.
لکڻ جي شروعات : 2004ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم.
ڇپيل ڪتاب : ( راوَڙ رياڙو) تحقيق
سنڌس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

اسان مرنـدا رهيـــاسيـن حجابـــن تـي
نظر انداز ڪيوسين گل گلابـــــن تـي

هــر ســوال لاجـواب ڪـريـو ڇــڏي
انگ انگ جهومـي ٿـو جــوابـــن تـي

ظـالـم زمـاني وسان ڪـيـن گـهـٽــايـو
پابنديون لڳي ويو آهن خوابــــــن تـي

تاريخ روئندي رهي پنهنجي حـال تـي
مٽي جي برسات ٿي وئي ڪـتـابـــن تـي

گناهہ ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽـــــايـو آ
پوءِ بہ خوش آهيون ثـــــوابـــن تـي

عـورت جو پـردو تـہ باعث سـڪــون آ
لڳي ويون پابنديون پيارا نقابـــن تـي

ڪـاتـيــار ارڏو مـڙس مـٽـيـــادار آهـي
ڪـونـہ وکـبـو عـورتـن ، شـرابـن تـي

**غـــزل**

ايڪتـــا جو ڏيـئو ناهي اجهاڻـــو
امن ۽ محبت جو پڪي آهي اڏاڻـــو

ســـنڌ سنوارڻ لاءِ محنت ڪبـــي
نـہ ٿـڪبـو، نـہ ٿيـڻـو آ ساڻـــــو

هـر اهـو سـنـــڌي تـو ســــــڏائي
جنهن ٻڌايو آ ســـنڌ کي نـڪاڻـو

سنڌ ڌرتـي جو جيڪو عاشـــق آ
سو ئي دلبـر جانـــي سوئي راڻـــو

ڪاتيـــار سنڌ، ٻولـي، ثقافت لاءِ
قبـــول آ هـــرڪـــوگـهـــاڻـــو

**غـــزل**

خـــواب تـــتـــل آهــــن
اکيــون پـــنـــل آهـــن

ڪـــر ڪـــا داد رســـــي
نـصيب ڦـــتـــل آهـــن

عـــشـــق ڪـان ڪـئـي تـوبـہ
اڳيـــئـي ڏڪ لــڳـل آهـن

ڪـنـهـن کي ســور ٻڌايان
پنهنجا ئـي رنـــل آهـن

غـــريـــب مـــاروئـــڙا ڏســـي
ســور پـونـدا پـل پـل آهـن

ســـنـد امـــڙ جـــا جـــوڏا
ڄـڻ نيـــل ڪـنـــول آهـــن

⊙⊙







**تعارف نمبر (59)**

[شاعر]

اصل نالو: بدرالدين
ادبي نالو: بدر انصاري
ولد: قمرالدين
جنم: 28 جولائي 1973ع
ذات : انصاري
تعليم : ايم.اي، ايم.ايڊ
رهائش: نيو ليلا آباد محلا لاڙڪاڻہ
رابطو : (0331_3903741)
لکڻ جي شروعات : 2001ع.
ڇپيل مواد: عبرت مئگزين، نئين سوچ، سوجهرو وغيره.
لکيل صنفون: غزل، گيت، وائي، نثري نظم، آزاد نظم.
ڇپيل ڪتاب 1. سانڊ سپنا سانوري، 2. گڏيل ڪتاب "برڪا بوند بهار جي". جڏهن تہ هڪ ڪتاب اڇڻ وارو.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

هلندي هلندي راهہ مَتي ويا
سنگتي ڪِلندي راهہ مَتي ويا

هن جي اکڙين جا مون ڪان چو
جام بہ چلندي راهہ مَتي ويا

ڪيئن ميندي جا گلڙا ڳاڙها!
تلندي تلندي راهہ مَتي ويا

شام جا پاڇا اڄ بہ چون ٿا
جهولا جُهلندي راهہ مَتي ويا

چنڊ بدر سان ساڻ هُيو ۽
تارا ملندي راهہ مَتي ويا

**غـــزل**

پيجون ٽڪ اگر ڪجهہ گهڙي ترس پيارا
ڏکو آ سفر ڪجهہ گهڙي ترس پيارا

گهڙي مان پري ڏک ڏيو يار پاڻي
چوي ٿي نظر ڪجهہ گهڙي ترس پيارا

هي اڻ ڄاڻ رستا نہ منزل جو ڏَسُ ڪو
آ صحرا ۾ بر ڪجهہ گهڙي ترس پيارا

ٻسي دل آ منهنجي ڏسڻ لئہ اوهان کي
کلي دل جو در ڪجهہ گهڙي ترس پيارا

هوا تنهنجي خوشبو سان پهتي بدر آ
گهٽيو غم اثر ڪجهہ گهڙي ترس پيارا

**غـــزل**

موت جي ٻانهن تي زندگي پئي سُمهي
ٿي انڌيرو ويو روشني پئي سمهي

هي جي توسان ڳنڍيل آهي رشتو پنهل
ڪٿ آ ڪردار جي سادگي پئي سمهي

درد منهنجا تڏهن يار نروار ٿيا
مرڪ تنهنجيءَ جي چاشني پئي سُمهي

هي ڳلن تي جا آلاڻ ٿي اوچتو
هيءَ گُلن جي جڏهن تازگي پئي سُمهي

پيو تو مان پاڻ کي آٽون ڏيان بدر
تنهجي رستن تي آوارگي پئي سُمهي

⊙⊙





**تعارف نمبر (60)**



[شاعر، مضمون نگار]
اصل نالو : اصغر علي
ادبي نالو : اصغر مهرائي
ولد : ڪامريڊ محمد ابراهيم
جنم: 20 فيبروري 1985ع
تعليم . انٽر
رهائش: سمون ڳوٺ نزد پاڪستان هوٽل ميمڻ ڳوٺ روڊ ملير ڪراچي
رابطو : 03212637257
ڪرت : پنهنجو ڪاروبار
لکڻ جي شروعات: 1996ع
لکيل صنفون: غزل، گيت، بيت، وائي، نثري نظم، مضمون ڊائري، ڪالم، رپورٽون.
ڇپيل مواد : نئون نياپو، ڪرزما ڊائجسٽ، عوامي آواز، هلال پاڪستان، پاڪ، سنڌ سجاڳ، عوامي فورم، عبرت مئگزين، سنڌ، جنگ، ايڪسپريس، پنهنجي ذاتي اخبارۓ مئگزين ڪراچي فورم، عوامي عزم مئگزين ۾ هن وقت ملير ڄاوَن شاعرن جي شاعري تي مشتمل ڪتاب ڪمپوزنگ جي مرحلي ۾ آهي جيڪو جولائي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيندو.
پنهنجي شاعري جو مجموعو بہ جلد ڇپائڻ جو ارادو اٿن.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــزل**

غلاميءَ جا زنجير ٽوري هليو هل
ڇنل تند رشتن جي جوڙي هليو هل

جني ظلمتن جي هتي پوڪ پوکي
اٿي ڪنڌ تن جا مروڙي هليو هل

وڏيرا ۽ سردار وڪيا وڃن ٿا
ٻڌل تن جي ڏاڳن ڪي ڇوڙي هليو هل

مڪر سان مڪارن ڪيا محل قائم
اهي مهل تن جا اوڪوڙي هليو هل

وري ملڪ مهرائي پنهنجو سجائي
جياپي جا جهندا ڪوڙي هليو هل

**غـــزل**

هتي دردآهن ۽ دارون نه آهن
هتي پيار جون ڪي پچارون نه آهن

هتي ساهه سڏڪن ۾ سسڪي پون ٿا
هتي اڄ جياپي جون سارون نه آهن

هتي لال لڙڪن جون لارون ملن ٿيون
هتي هاڻ مرڪن تنوارون نه آهن

هتي اڄ نياڻيون نماڻيون وتن ٿيون
هتي سور آهن سنيارون نه آهن

هتي هر قدم تي آ ڪهرام جاري
هتي قربتن جون قطارون نه آهن

هتي آهي مهرائي مطلب پرستي
هتي هاڻ ڪنهن تي معيارون نه آهن

⊙⊙







**تعارف نمبر (61)**
[شاعر]
اصل : نالو حاجي غلام حيدر
ادبي نالو : غلام حيدر خاصخيلي
ولد : حاجي محمد
ذات : خاصخيلي
جنم : 1958ع
تعليم : پرائمري
ڪرت : مزدوري
رهائش : ڳوٺ پائوخان پناڻ، ضلعو مٽياري
رابطو : 03423170600
لکڻ جي شرعات : 1990ع
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾.
ڇپيل ڪتاب : (دير ڪئي تو اچڻ ۾)شاعري
هڪ ڪتاب گڏيل شاعري جو مرتب ٿيل "هرگل جي خوشبو پنهنجي".
صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ڪهاڻي، چؤسٽا وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**چؤسٽـــو**

تنهنجي آءِ سان عزم آدم جو پورو ٿيو نظم
اي حوا تنهنجي اڳيان سرُ آ صحيفن جو ٻه خم

تنهنجي عظمت جا قصا هِن ماءِ ڏيءِ ۽ ڀيڻ تون
پوءِ نه ڇو پرجي سگهيا جيڪي مليا توکي زخم

**غـــزل**

جڏهن ڪنهنجي زيرِ اثر تي وياسين
تہ قطر مجهان ڇڻ بحر تي وياسين

ڏسي ڏو پنهنجا پڙهي ڊائريءَ ۾
زبان گونگ تي وئي پٿر تي وياسين

اسان ڪي نہ باغي سڏيو بي وڙاهي
گهر خاڪ ٿيندو اگر تي وياسين

ڇيو جن ٿري وچ اکين جياڳيان تون
انهن جا بہ جيرا جگر تي وياسين

ڪڏهن جانِ دلبر ڪڏهن يار حيدر
ڪڏهن ڇو الائي زهر تي وياسين

**نظـــم**

**"پيار"**

سوچ، عقل، دستور وڃي..!!
۽ ماڻهو تي مجبور وڃي..!!
اُن ڪان اڳ جو
اوندهہ تي پرپور وڃي..!!
۽ نور وڃي..!!
ذڪرِ الاهي سان تون روشن،
دنياڪي دلدار ڪري وڃ..!!
پيار ڪري وڃ..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (62)**
[شاعر]
اصل نالو : مختيار
ادبي نالو : مختيار
ولد : ولي محمد
ذات : مگسي
جنم : 1986ع
ڪرت : درزڪو ڪم
رهائش : سعودي عرب شهر مدينہ
رابطو : 00966599858774
تعليم : پرائمري پاس
لکڻ جي شروعات : 2000ع
ادبي رهنما : ضمير ڪرل
ڇپيل مواد : هالار، ( ادب - اديب )، سنڌو ڊائجسٽ هزاردستان، نئين زندگي، نئين آس، نئين منزل، عبرت ميگزين، ڪاوش، خبرون، نجات.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ڇوُسٽا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

جنهن روح ۾ پرين جي آ تات جو تصوّر
تنهن ڪي ڪٿي رهي ٿو سڪرات جو تصوّر

تنهنجي ڪمال جي ٿا اعظمت بيان ڪن ائين
جيئن پاڻ ٿو ڪيان هن ڏينهن رات جو تصوّر

دل ۾ سدا رهي تون موجود دلربا تو
مون ۾ رهي پو ڪيئن ڪنهن حالات جو تصوّر

جنهن مان ڏنم پئي سڪ تنهنجي چيم انهيءَ کي
تنهنجي اکين ۾ آهي پريات جو تصوّر

مـٺجي شهـر ڪـنڊر ۾ وَيا جهـٽ گهـڙي پهـر ۾
تـنهـنجـو اچي پـيـو ائـيـن جذبـات جـو تصـوّر

بـس ڪـنهـن ٻـئي جي آڏو مـحـتاج ڪـر نـہ خالق
تــو مــان سـدا رهــي ٿــو خـيــرات جــو تصــوّر

تـنهـنجي هـجـي رضـا جـنهـن ۾ سـا قـبـول آهـي
سجدي ۾ رهيو نـہ ڪـڏهـيـن جنت بـات جـو تصوّر

محبوب ڪي جي منهنجو ٿـو گهـر وٽـي ڪـڪـن جـو
مـخـتـيـار چـو ڪـيـان پـو مـحـلات جـو تصـوّر

**وائـــــي**

هر شيءَ وَئي وسري
ساجن تنهنجي سار ۾..!!

توکي چاهيان ايترو
وجي دم نڪري
ساجن تنهنجي سار ۾..!!

تون اچ هاڻي جو متان
آنءَ وجان وکري
ساجن تنهنجي سار ۾..!!

زندگي آ ڪم جي اها
جا وجي نبري
ساجن تنهنجي سار ۾..!!

ڪوما ۾ هس جڻ تہ ڪو
توبن جا گذري
ساجن تنهنجي سار ۾..!!

سنياريندي جي نہ تون
ويندس آن ءَ پري
ساجن تنهنجي سار ۾..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (63)**

[شاعر]

اصل نالو : الله بخش

ادبي نالو : بخشل باغي

ولد : محمد پريل

ذات : خشڪ

جنم : 19اپريل1975ع. تعليم : بي.اي، بي.ايڊ

ڪرت : ٽيچر. لکڻ جي شروعات : 1988ع

رابطو: 03003217411

چڇپيل مواد : امرتا، مهراڻ، پروڙ، ساڃاهہ، ڪونج، ڪينجهر، عبرت مئگزين، روح رهاڻ، پرک، نئون نياپو، ادب، نئين زندگي، پيغام، پورب، هزار داستان، بختارو، سنڌ سجاڳ، السنڌ، سُرت، مسيحا، عوامي آواز، ڪاوش ميگزين، سوپ، شام، لهرون، سارس، پارس، پوپٽ، همرچو، ڪونج انڊيا، سپون انڊيا، سنڌو انڊيا.

لکيل صنفون : غزل، نظم، گيت، وائي، بيت، پنجڪڙا، ٽيڙو، نئين ڪويتا، دوها، چؤسٽا.

ڇپيل ڪتاب 8ڪتاب شاعري جا. 3 ڪتاب ترتيب ڏنل.

سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ.

**نظـــم**

اڪـيــن ۾ جــاڳ آ جـلـنـدي
تـڏهـن ڪـي خـواب هِـن پَـچـنـدا
جـئـيـن لُـک تـيـز تـر لڳـنـدي
تــئـيــن رِڻَ روح ۾ رَچــنــدا
حـيـاتـيءَ جـي گـهـٽـي سـوڙهـي
سُـــرنـــگ آ ســـاهہ ۾ گـــهـــري
لڳـي هـر شـام ٿـي پـوڙهـي
شـفـق جـي آ ٿُـــتـل اَهــري
ٻُـڌان ٿـو پـنـهـنـجي سـاهـن ۾
ڪُــنــن ۾ ڪـيـفـيـت آهــي
حــيــاتــيءَ جـي نـگـاهـن ۾
وجــان ٿـــو سـج ڪــي لاهــي

جلائي دل جي ٽُڪرن کي
ڏُکايم درد جو ڏونهون
پُڪاريو مون پَڙاڏن کي
نہ صحرا جو مليو سُونهون
اندر ۾ سُڄ تي سَهڪي
رڳن ۾ رڻ جا راڙا
اکين ۾ اُڃ تي تَهڪي
کڙهن تا روح ۾ کاڙها
ملي آ مُفلسي اهڙي
پريل بازار ۾ مون کي
کمائي قرض ۾ جهڙي
ملي سنسار ۾ مون کي

## غزل

ننڍ جهڙي هُوءَ مِني لولي هئي
ماءُ،مون لئہ ٻاجهہ جي ٻولي هئي

نيهن جي دل ۾ ندي وَهندي هئي
ساهہ ۾ ڇُلندڙ ڌڏي ڇولي هئي

رنگ منهنجي سپ کندا هئا آجيان
وقت جي هر کا گهڙي هولي هئي

آسمانن جي حويليءَ مان اِها
چنڊ جي تو ئي دري کولي هئي

ڍنڍ وانگر هُوءَ ڇُلي پئي چوهہ مان
ڪُونجڙين جي هُن متان ٽولي هئي

مون جيئڻ جي جُستجوءَ ۾ پتڪندي
زندگيءَ ۾ زندگي ڳولي هئي

⊙⊙







**تعارف نمبر(64)**
[شاعر]
اصل نالو : الله بخش
ادبي نالو : الله بخش آريسر
والد جو نالو : غلام رسول
ذات : آريسر
جنم : پهرين جنوري 1977ع
ڪرت : صحافت ڊان ميڊيا گروپ
رهائش : عمرڪوٽ شهر
رابطو: 03453883777
لکڻ جي شروعات : 1995ع
ڇپيل مواد : عبرت ميگزين ۽ پساهہ رسالو.
لکيل صنفون:نظم، وائي، غزل، ٽيڙو، چوسٽو، بيت، نئين ڪويتا.
سنڌس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غزل

ڏيئا ناهي، نيڻ جلايان
تنهنجي ڪارڻ، ليئا پايان

تون ئي منهنجو تصور آهين
توکي ناهيو، وينو ناهيان،

وسيو تن من ۾ تون آهين
توکي ڳوليان، پوءِ وڃايان،

پير پري جي ايندين مون ڏي
پنهنجا آتا، نيڻ وڇايان،

منهڙو مون کان هاڻ متيو تو،
ڪيئن پرچايان ۽ ترسايان

منهنجي تو نہ ٻُڌي بس پيارا
ڪنهن کان هاٿي پاڳ لکايان

ماٺ ڪري پيو ڳوڙها ڳاڙيان
بخش ڪي ڪهڙو حال ٻڌايان

**غــــزل**

تو ڪٽي آهين پنهون منهنجا
پير تو لئه ٿيا پٿون منهنجا

تار تنهنجي آ ملي مونکي
ڇڏ وساري پيار تون منهنجا

عشق ڪيڏو روهه ۾ روليو
ميت اڄ هاڻي ملون منهنجا

ڳهاء منهنجن ئي ڏنا مونکي
۽ مڙهن پيا تهمتون منهنجا

سڀ پلاڻي چين آهن ويا
ڪٽ رهيا هاڻي سڪون منهنجا

**نظـــم**

مايا تي مستان هتان جا
ماڻهو ڪي نادان هتان جا
رهزن غنده ڏندن وارا
ساون ڳاڙهن جهندن وارا
ٻٽيا آهن مهمان هتان جا
ماڻهو ڪي نادان هتان جا
عصمت جي نيلام ڪري ويا
سئو خون سرعام ڪري ويا
ڏين ٿا تن ڪي مان هتان جا
ماڻهو ڪي نادان هتان جا
ووٽ وٺي پوءِ ڪين نه سڃاڻن
مال رڳوٽا ميڙيو ڄاڻن
اهڙا سياستدان هتان جا
ماڻهو ڪي نادان هتان جا
ماڻهن پوڄيو سالن تائين
پاڳيا پهتا پالن تائين
ڦرندا ويا فرمان هتان جا
ماڻهو ڪي نادان هتان جا
مايا تي مستان هتان جا

⊙⊙







**تعارف نمبر(65)**
[شاعر،مضمون نگار، لطيف سرڪار جو پارکو]
اصل نالو : سيدعبدالغفورشاه
ولد : سيدپيرڏنوشاه
ادبي نالو : سيد غفورشاه تقوي
ذات : سيد
ڪرت : ادب جي خدمت. رهائش : ڪراچي
رابطو : 03118409579
لکڻ جي شروعات : اسڪول جي زماني 1973ع کان.
ڇپيل مواد : سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ تمام سنڌي اخبارن توڙي رسالن ۽ ميگزينن ۾ لاتعدادشاعريءَ سان گڏ مختلف آرٽيڪل ڇپيل.
سائين جن سڄي سنڌ ۾ پنهنجي شاعريءَ سان گڏ لطيف سائينءَ جي پارکو جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا.
لکيل صنفون غزل : گيت، نظم، وائي، ڪافي، منقبت، نعت، چوسٽا، بيت وغيره
ڇپيل ڪتاب : هڪ شاعريءَ جو ڪتاب (اڃا اولا عاج جا) ڇپيل.
اڻ ڇپيل : هڪ ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ، ان کان سواءِ ڪافي مواد موجود اٿن.
سندن شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**چوسـٽا**

ڏکن ۽ سکن ۾ ٻه گهاري سگهون ٿا
خطائون ٻه ڪنهنجون وسري سگهون ٿا

مگر جن اسانجون ڪيون بند واٽون
اسين تن پهاڙن کي ڏاري سگهون ٿا

اجان خوف آهي اڃا خر چمن پيا
اجان تائين تقوي ٿنا گر چمن پيا

غدا رن جون مائون ميون ڪين آهن
اجان مير جعفر چنيسر چمن پيا

**غزل**

بوتل أها پراڻي ليبل نئون نئون آ
مقتل نتا مٽائين قاتل نئون نئون آ

ساڳيو نظام ساڳيا سر ڪار جا پُجاري
ليڪن لباس تن ڪي پاتل نئون نئون آ

انصاف جو ترازو ڏاڍيل جي هٿن ۾
ليڊر ٿيو اسان تي نازل نئون نئون آ

ليگين جو دور ڪائي پي پي وسائي وينو
ٻڻجي پيو جيالو جاهل نئون نئون آ

اخلاق جي حدن جا ليڪا پيو لتاڙي
ايوان ۾ ٿيو چڻ داخل نئون نئون آ

زخمي ٿياهزارين مرهم ڪجي ته ڪنهنجو
هرڪو غفور وانگي گهايل نئون نئون آ

**وائي**

مک تي مرڪون ڳل تي ڳوڙها
پڇندي ڪنهنجا پار الا لا..!!
ڪلندي روئندي وئي..!!
جن نہ ساري ساٿ سان
پڇندي ڪنهنجا پار الا لا..!!
ڪلندي روئندي وئي..!!
وڇڙي ڪونج ڪتار مان
پڇندي ڪنهنجا پار الا لا..!!
ڪلندي روئندي وئي..!!
صحرا جي رڻ راهه ۾
پڇندي ڪنهنجا پار الا لا..!!
ڪلندي روئندي وئي..!!
گلشن ڏيئي غفور شاهه
پڇندي ڪنهنجا پار الا لا..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر(66)**
[شاعر]
اصل نالو : بلاول
ادبي نالو : بلاول سنڌي
والد : محمد
ذات : لغاري
جنم : 01 اپريل 1992ع. تعليم : بي ايس سي
ڪرت : ليبارٽري ٽيڪنيشن آرمي
رهائش : تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ جي ويجهو، شهر گلاب لغاري تعلقو چمبڙ، ضلعو ٽنڊو الهيار.
رابطو: 03462553877 . لکڻ جي شروعات : 2007ع
ڇپيل مواد : ٻاراڻي ادب جي رسالن سنڌي ٻارڙا، گل ڦل ۽ سنڌي اخبارن ۾.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، وغيره.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غزل**

ملڻ جون گهڙيون نقاب ڇو؟
اسان ڪان ايڏا حجاب ڇو؟

وفا منهنجي ڪي جفا ئي سمجهئي
رکيا ٿو اهڙا حساب ڇو؟

لفظ تنهنجا هن ٻڻچا ۽ پالا
ڪٿين ٿو هيڏا ثواب ڇو؟

جيئري هوندي قدر نہ جاتئي
قبر تي هاڻي گلاب ڇو؟

ڏسي ڏکن ۾ ڪلين سدائين
اکين ۾ آندئي سيلاب ڇو؟

زندگي ڏکن جي ٿئي سيج ،،بلاول
ڏسين ٿو رنگين خواب ڇو؟

## نثري نظم

اڪثر هن ڪي
اهو چوندو هوس
اسان جي محبت ۾
ڪيڏو نہ فرق
آهي مان توسان
بي پناھ پيار ڪندو آهيان
پر تنهنجن جذبن ۾
اها صداقت نٿو ڏسان
جواب ۾ صرف هڪڙو
لفظ چوندي هئي
وقت ٻڌائيندئي
اڄ جڏهن
سالن کان پوءِ ڏنم تہ خبر پئي
ڪنهنجي جذبن ۾
صداقت هئي..!؟
مان هن جي ملڻ سان
ڪنڊرن مان گلشن
ٻڻجي ويس..!!
۽ هو تہ هڪ گلشن هئي
مون سان ملي
ڪنڊرات ٻڻجي وئي..!!

## غـــــزل

خطا ۾ وڃائي هي ساري حياتي
ائين ئي اجائي هي ساري حياتي

ڪڏهين نہ ڪنهن سان منو ڳالهايم
دلڙي لکن جي ڏڪائي هي ساري حياتي

ٻڌي ڪين ڪنهنجي مڳي ۾ گذاري
اُ پنهنجي هلائي هي ساري حياتي

ڪيو خرچ جيون آ ائين بلاول
جڙ هئي ابي جي ڪمائي هي ساري حياتي
⊙⊙





**تعارف نمبر (67)**
[ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار]



اصل نالو : نظير احمد
ادبي نالو : نظير احمد پنيرو
ولد : ڪوڙو خان پنيرو
ذات : پنيرو
جنم : 18 جولاءِ 1965ع. تعليم : D.A.E. (Itrumentation)
ڪرت : وفاقي انڊسٽريل اداري ۾ سروس
رهائش : ضلع ملير، ڪراچي. رابطو: 03054751090
لکڻ جي شروعات : سن 1978 کان "گل ڦل" ٻاراڻو ادبي رسالو ۽ عبرت اخبار ۾ ٻارن جو صفحو.
ڇپيل مواد : سنڌ جي سيني سنڌي روزاني اخبارن ۾ گهڻو مواد ڪراچيءَ کان شايع ٿيندڙ سيئي سنڌي اخبارون.
لکيل صنفون : ڪالم، ڪهاڻيون. پيش آهي سندس هڪ ڪهاڻي

### لاسي گَڏهُءِ لُوسي گَڏَهُ

مون هِڪُ گَڏهُ وَرتو جَڏهن اجان ڦَروٽو هئو ، ڪيس وَڏي چاھَ سان پاليم، پُڇَ کان تہ لُنڊو هئو پَرَ اهو سوچي ورتو هئم تہ ڀَلي نسل واري گَڏهِ جي نسل مان هئو، اُها اهڙي گَڏھ هُئي جو هڪ ڏينهن پَنهنجي جان جي بازي لَڳائي پنهنجي مالڪ جي جان بچائي هئائين سو مون گهٽيون ڊگريون پڙهيل لاسي گَڏهُ جيڪو مون کي ڏاڍو وڻيو ان ڪي بہ ڇڏي ڏنم، جَڏهن اهو ڦروٽو وڏو ٿيو باقائده گَڏهُ نظر اچڻ لڳو تہ خبرَ پيم تہ هن ۾ ڪا شَناس ئي ڪانهي، ننڍي وڏي جو بہ لحاظ ڪونہ اٿس، نہ ڪو حلال حرام جي پرواھ ٿو ڪري، سَٽيي ديڳ تي اصل ڪريو پوي، سو اهو سوچي زهر جو ڍُڪُ پيتم تہ جَڏهن پَڪو پُختو ٿيندو تہ سُڌري ويندو، نيٺ منهنجي عزت خاطر ڪنيون عادتون ڇڏي ويندو، هڪ ڏينهن خبر پيم تہ منهنجي ڪودڙي ڪي عقل ڏاڙ ڦٽي آهي سو دل باغ بهار ٿي پيم جو وڏڙن کان ٻڌو اٿم تہ عقل ڏاڙ ڦٽڻ کان پوءِ عقل جا درياھَ وهي پوندا آهن، مان اِنَ خوشفهميءَ ۾ اهڙو مبتلا ٿي ويس جو بنا ڌَڙڪ سندس ويجهو وڃي جائزو وٺڻ شروع ڪيم پَرَ جڏهن پويان وڃي سندس لُنڊي پُڇَ جو جائزو وَٺڻ چاهيم جنهن جو مُنهنجيءَ دل ۾ ڏاڍو اَرمان هئو تہ پلا ڪٽي پُڇَ لُنڊو نہ هجيس ها، عقلَ ڏاڙَ ڦُٽِي اٿس تہ مَنَ ڪو پُڇُ بہ ڦُٽو هُجيس اهو ويچار ڪندي وڏي چاھَ سان پاليل گَڏھَ جي پوئين پاسي ويس، اڃا جائزو وٺڻ جي دِل جي حسرَتَ پُوري ئي ڪانہ ٿي هئم تہ ٻئي لَتون زورَ سان وَهائي ڪَڍيائين جيڪي سِڌيون لونڊڙيءَ ۾ لڳم، اکين آڏو اونده اچي ويم ۽ پوءِ جنهن وقت هوش آيم تہ پاڻ کي اسپتال جي آئي سي يو واري وارڊ ۾ موجود ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيس تہ هتي ڇو آهيان ؟ تہ سامهون بينل ٻن نرسن کي ڳالهائيندي ڏنم، هڪڙيءَ ٻيءَ کي ٻڌايو پئي تہ شڪر آ منهنجو پيشنٽ تہ هوش ۾ اچي ويو تہ ٻيءَ وراڻيس تہ ائي ادي دعا ڪر تہ منهنجو پيشنٽ بہ هوش ۾ اچي، ٻن راتين کان وائٽلز مانيٽرنگ ڪري ٿڪجي پئي آهيان، ڪالهہ صبح واري ڪلينڪ ۾ ڊيوٽيءَ تي

تہ اصل جُھوٽا پئي ڪاڏم، مون واريءَ نرس چيس تہ ادي رَبُ رَحم ڪنديُ مان حيران ٿيس تہ مريضَ ڪي دعا ڪرڻ بجاءِ هِڪَ نرس ٻيءَ نرس ڪي دعا ڪئي تہ "اَدي رَبُ رحم ڪَنديُ" سو ڪٿي پڇيو مانس تہ اوهان مريض ڪي دعا ڪرڻ بجاءِ نرس ڪي دعا ڇو ڪئي تہ هڪ لمحو خاموش ٿي چيائين تہ اسان ٻئي ڀہ ڀہ ڊيوٽيون ڪنديون آهيون، اسان جو مريض بيهوش هوندو آ تہ اسان ڪي مانيٽر تي نظر رکڻ لاءِ جاڳڻو پوندو آهي انڪري صبح جو ڪلينڪ واري ڊيوٽيءَ دوران جهوٽا اچڻ لڳندا آهن، اهي لفظ ونندي سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، مون پڇين تہ ٻہ ڊيوٽيون ڇو ٿيون ڪيو؟ ٻنهي چيو تہ اسان جا مُڙسَ ڪَمَ چورَ، نَڱ ۽ بَدمعاشَ آهن، ڪير بہ ڪين مهيني ڪان وڌيڪ نوڪريءَ ۾ رکي ئي ڪونہ، ڪڏهن لاڪپ بہ ٿي ويندا آهن تہ بہ اسان ئي ڪين ڇڏائي آينديون آهيون، ايئن مڙئي اسان جي پوليس وارن سان ڪجه سلام دعا ٿي وئي آ، مون چين تہ ڇا ايترا بي غيرت آهن جو اوهان جي ذِلَتَ بَرداشت ڪن ٿا، ٻنهي چيو تہ غيرت هجين ها تہ عورتن جو حق ڪَمائِي ويهي ڪائن ها ڇا؟ سندن اهي لفظ ٻڌي مون ڪي مٿي ۾ شديد سُور محسوس ٿيو ۽ شڪايت ڪيم تہ نرس جلدي پين ڪلر انجيڪشن سرنج ۾ ڀَرڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي تہ اوهان ڪي ڪنهن حادثي ۾ مٿي ۾ سخت ڌَڪُ لڳو آهي گهڻو نہ ڳالهايو، مونِ پڇيس تہ ڪهڙو حادثو، چيائين تہ اوهان جي ياداشت بہ واش ٿي چڪي آهي، آرام ڪيو تہ بهتر، پر مون ڪي صبر ڪونہ آيو، مون ٻنهي ڪان پڇيو تہ اوهان اهڙن حرام خور ۽ بي غيرت مڙسن مان ڦاٿيون ڪيئن ؟ هڪڙيءَ چيو تہ ڏُوڙ پاتي هئم لَو ميريج ڪَئي هئم تہ وري جنهن نرس جي ڊيوٽي مون سان لڳل هئي اُنَ چيو تہ منهجي مڙسَ جي ماءُ تہ وڏي غيرتمند، سُلڇڻي ۽ سليقہ شعار هئي، ڪڏهن بہ ڪُوڙ ڪانہ ڳالهائيندي هئي، نماز روزي جي بہ پابند هئي ۽ منهنجي ڏاڏا جي خاندان مان هئي ۽ هڪ دفعي پنهنجي جان تي ڪيڏي پنهنجي مڙسَ جي جانِ بچائي هئائين، سندس اهي لفظ ٻڌي مون ڪي پنهنجو لاڏ ڪوڏ سان پاليل ڳڏهُ ياد اچي ويو، جنهن مونکي اسپتال پيڙو ڪيو، اُن جي ماءُ بہ تہ پنهنجي جان تي ڪيڏي پنهنجي مالڪ جي جان بچائي هئي. ايئن ئي وڏو ڊاڪٽر اچي نڪتو ۽ مونکان طبيعت پڇيائين، چيومانس، "بهتر آهي.. بس مٿي ۾ سُور آهي..!!". ايئن چئي وڃڻ لڳو تہ مون چيس "هڪ مسئلو حل ڪري وڃو". چيائين، "ڪهڙو..!؟ جلدي ٻُڌاءِ.. ٽائيم ڪونهي..!!". چيومانس تہ "جنهن ڳڏهہ مونکي ٻي رحميءَ سان پويان ٻئي لتون لونڌڙيءَ ۾ هڻي، اوهان تائين پهچايو آهي، اُن جي ماءُ تہ پنهنجي جان جي بازي لڳائي، پنهنجي مالڪ جي جان بچائي هئي، اُهو ئي ڏسي مون هِي ڳڏهہ اُن وقت ورتو هو، جڏهن هِي اجا ڪودڙو هو. جڏهن وڏو ٿيو تہ ڏاڍيون شڪايتون ملڻ لڳيون، تہ وڏو بي حيا، بدتميز ۽ بي رحم آهي. ننڍي وڏي ۽ ڪنهن ڇڱي جي بہ پرواهہ نہ اٿس. مالڪ جي جان بچائڻ جي بجاءِ مُرڳو سِر پئي ڪنيائين. آخر خصلتن ۾ ايڏو فرق ڇو..!؟"

ڊاڪٽر چيو، "ان ۾ ماءُ جو قصورناهي، ڇو تہ D.N.A مانِ اصل خاصيتون پيءُ مانِ ٿينديون آهن. سندس ماءُ ڪنهن لاسي ڳڏهہ مان هوندي ۽ تو وارو ڳڏهہ لُوسِي ڳڏهہ مان هوندو..!!"

⊙⊙







**تعارف نمبر (68)**

[شاعر]

اصل نالو: احسان رضا

ادبي نالو: احسان آڪاش

ولد : مرحوم غلام رضا

ذات: گاڏهي

جنم: ڳوٺ چؤٻار تعلقہ خيرپور ناٿن شاهہ

تعليم: ايم_اي. ڪرت: پرنسپل

رهائش: پٿائي ڪالوني ڪوٽڙي. رابطو: 03155577538

لکڻ جي شروعات: 2000ع

ڇپيل مواد : عبرت مئگزين، هالار ڊائجسٽ، هزار داستان، الک، پاڪ ، رمجهم، سنڌ آئي، سنڌ راڻي، همسري.

لکيل صنفون : غزل، وائي، بيت، نظم ۽ ٽيڙو.

ڪتاب "ڪجهہ يادون، ڪجهہ سپنا" ڇپائيءَ هيٺ.

سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غزل**

انسان تي قياس لکان
ڪهڙو مان اتهاس لکان

جڳ سارو ٺڳي جو ٺاهہ آ
هِت ڪنهنجو احساس لکان

رات دير تائين چنڊ رُنو پئي
ڳوٺن، شهرن تي راڪاس لکان

ٻک جو مذهب پيٽ آ پيارا
ڇا دين جو وشواس لکان

نفرتن جي اُس ۾ سڙن جي
اها بدبوءِ ڪئين آڪاش لکان

## نظم

محبوب جي تصوير بڻايان
رنگ گلابن مان چورايان
اهڙي منهنجي مصوري ڪٿي؟
آسمان کي ڪينواس ڪري
چنڊ تارن کي قلم بڻائي
سج مان ڦڪو رنگ گهرائي
سمنڊ جو تنهن ۾ نيرو آب ملايان
اهڙي منهنجي مصوّري ڪٿي..!؟
اندلٺ جا سيئي رنگ ڪٺي
ڌرتي جي سيني گلشنن کي
تنهنجي تصوير ۾ ملائي
جا منهنجي من کي هُڳائي
سنڌ جي سُونهن تنهن ۾ سجايان
اهڙي منهنجي مصوّري ڪٿي..!؟
اڌورن سپنن کي بُرش ناهي
تعبير تنهن منجهه پريان
اوجاڳيل راتين جون
سوين سارون
فراق وصل جي وچ ۾
دردن جون دانهون تو ۾ رچايان
اهڙي منهنجي مصوّري ڪٿي..!؟
تون صرف منهنجي هجين
مان صرف تنهنجو ٿيان
تنهنجي وجود جا سمورا رنگ وٺي
مان پنهنجي وجود کي رنگان
تنهنجي چپن جو جام اوتي
پريم کي ڪا امرتا ڏيان
اهڙي مان تصوير بڻايان
پر اي سانئڻ
اهڙي منهنجي مصوّري ڪٿي..!؟
اهڙي منهنجي مصوّري ڪٿي..!؟
⊙⊙







**تعارف نمبر (69)**
[شاعر]
اصل نالو : محمد خان
ادبي نالو : وسيم سومرو
والد جو نالو : محمد حسن
جنم : 16 نومبر 1963ع
ذات : سومرو
رهائش : عظيم ڪالوني، نوابشاهه شهر. رابطو: 03053630120
تعليم : ماسٽر سنڌيءَ ۾ ۽ تعليم ۾. لکڻ جي شروعات ؛ 1979ع
ڇپيل مواد : سُهڻي، ساجاهه، نئين زندگي، سوجهرو، پروڙ، لهرون، همرچو، پوپٽ، ادب، هزار داستان وغيره.
لکيل صنفون غزل : گيت. وائي . نظم . نثر . وغيراه
ڇپيل ڪتاب : 1. ياد جي نيري ندي/ مشترڪ شاعري 2. دل جون لهرون/ غزل 3. سچ جي چانڊني/ ٿر جي پسمنظر ۾ شاعري ۽ سائين عبدالواحد آريسر کي پيتا، 4. پاٽي/ هائيڪو،نظم
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غزل

ملڻ لاءِ آتيون اکيون ٿيون رهن
سجو ڏينهن جهاتيون اکيون ٿيون رهن

پتنگن جيان ٿيون جلن جاڳ ۾
جين ڪان اجاتيون اکيون ٿيون رهن

پنبڻ بارشن ۾ چنيي پيار لئه
سُريليون کي لاتيون اکيون ٿيون رهن

نه سُرمي سرائي نه سپنو سرل
نه آهين ته ڪاتيون اکيون ٿيون رهن

بُتن کو نه سمجهيون جهجي دل جيان
بدن جون کي باتيون اکيون ٿيون رهن

سجڻ جون سنياري نهارون وسيم
نيون ڪائناتيون اکيون ٿيون رهن

## نظـــم

### ”سيوهڻ“

سـانـگ سـڳـا جـا لاڳ سـڙي ويـا
پـرت پـريـل رومـال سـڙي ويـا
كـنـهنجي كـپـجي ٻانـهن اڏاٽـي
كـنـهـنـجـو ويڄـي كـنـڌ اڏاٽـو
پـڙكـي دک جـي دانــهـن اڏاٽـي
دل جـا سُـڏكـي سُـوال سـڙي ويـا
جـيـون جـو گـل گـل مـرجـهـاٽـو
ٺـهـک ٺـڏا ٺـي هـيـٺ كـري پـيـا
هــر پــاسـي جــيــئـن رت اڏاٽــو
اكــڙيــن جــا احــوال سـڙي ويـا
ٻـکُ اجـل جـو ٺـي ويـا سـارا
ديســـــي، پـــــرديســـــي آيـــــل
نـنـڊ مـان جـاڳـيـا كـو نـہ نـغـارا
چـم چـم كـان اڳ چـال سـڙي ويـا
ٻـارن مُـٺ پـرڻ كـان پـهـريـن
ٽيون سپ سرخ ڦُلن جون ٽيلهيون
كُـنـهـبـو رنـگ كـرڻ كـان پـهـريـن
مـيـنـديءَ جـا هـٿ ٺـال سـڙي ويـا
پـاكـر ۾ گـڏُ جـيـونَ جـالـيـل
جلـنـدي جلـنـدي جـسـم چـڄـي ويـا
كـنـهن جـيـجـل جـي پُـٽ جـا پـالـيـل
نـازک سـورنـهـن سـال سـڙي ويـا
دل جـون كـو نـہ ڌمـالـون ڌڙكـيـون
سـوچـي پـيـر ڌمـال ڌڄـي ويـا
سيوهڻ ۾ جيئن ٻاهيون پڙكيون
سـوچـن جـا پـاتـال سـڙي ويـا
⊙⊙



www.sindhsalamat.com





### تعارف نمبر(70)

[شاعر]
اصل نالو: لكمير علي
ادبي نالو: لكمير عباسي
والد جو نالو : غلام سرور
ذات : عباسي كلهوڙو
جنم: 12 ڊسمبر 1996ع. تعليم: بي.ايس.سي
رهائش : پينس كالوني نزد سهيل كالوني لاڙكاڻو.
رابطو: 03110893775
اصل رهائش : موهن جو دڙو، لڳ ڳوٺ محمد خان كلهوڙو، تعلقو ڏوكري، ضلعو لاڙكاڻو.
لكڻ جي شروعات : 2012ع
ڇپيل مواد: عوامي سنڌ اخبار فاسٽ ٽائيمز اخبار مختلف رسالن ۾
لكيل صنفون: غزل، گيت، وائي، بيت، دوها.
اڻ ڇپيل كافي مواد موجود. سندس شاعريءَ مان كجھ چونڊ

## غـــزل

نـنـڊ ٻـہ مـون كـي ڦـٽـكـي آئـي
خــواب ڊنـا ۽ هــڏكــي آئــي

كـنـهـن آ پـكـاريـو پـوئـيـن پـهـر ۾
سـار اكـيــن ۾ سـڏكـي آئـي

وار ٻـہ وكـريـل چـهـرو نـم هـئـس
كـيـر پـٽـن ۾ پـٽـكـي آئـي

مـوت جـو مـنـظـر سـامـهـون ڏسـندي
يـاد ٻـہ كـنـهـن جـي دڙكـي آئـي

نـالـي سـان لـكـمـيـر كـا گـوري
نـيـٺ نـڙي ٺـي اٽـكـي آئـي



www.sindhsalamat.com

## غـــزل

سجي جڳ ۾ سڀ کان نرالا اسين
وفائن جا آهيون حوالا اسين

موهن جي دڙي جا ۽ مڪليءَ جا منظر
ڪٿي مسجدون ڪٿ شوالا اسين

نچن من جي آڱر تي ويچار منهنجا
انڌيري نگر ۾ اجالا اسين

ملي جام پي من اجاگر ڪيون
محبت جي مئہ جا پيالا اسين

نہ لکمير ميري ٿئي مارن جي پوتي
ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جا رکوالا اسين

## وائـــي

ڪٽڪون پڇي تيار ٿيون
اجان نہ آئين تُون
آئي بهار آئي..!!
سانديِ توکي ساهہ ۾
ٻيلي هردم رکيو مُون
آئي بهار آئي..!!
ڏڙا لڳن تا ڌرتي تي
لڄان ٿو مارن سُون
آئي بهار آئي..!!
حال منهنجا بي حال ڏنئي
ڇُريئي نہ ڪَن تي جُون
آئي بهار آئي..!!
مند ملهاري لکمير ملڻ جي
سُڻ ڪوئل جون ڪُوڪُون
آئي بهار آئي..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (71)**
[شاعره، ڪهاڻيڪاره]
اصل نالو: اِندرا شبنم شهدادپوري
ادبي نالو : اندارا شبنم پونا والا
والد جو نالو: ٽيڪچند داس شهدادپوري
ذات : شهدادپوري
جنم : هنڌ ڪراچي سنڌ
پاڪستان ۾ رهائش : پهرين سندن وڏا شهدادڪوٽ ۾ رهندڙ، پوءِ ڪراچي ۾ آخر ۾لاڏڪاٽو.
هاڻوڪي رهائش : پونا، مهاراشٽر،انڊيا
تعليم: بي.اي، بي.ايڊ، ايم.اي.
ڪرت : ڪاليج پروفيسر، وائيس پرنسپال.
ڇپيل مواد : سنڌيا، لوڪ، پوپٽ وغيره
ٻن ڪهاڻين جي ڪتابن 1. عبات، 2. ضمير پنهنجو پنهنجو سميت ڇپيل ڪتاب : 21 سنڌي، هندي، مراٺي، اردو ۽ انگلش.
ٻن گڏيل ڪتابن ۾ پڻ شاعري ڇپيل: 1. پير پير جو پنهنجو پنڌ، 2. ادب آبِ حيات.
لکيل صنفون : غزل، نظم، گيت، وائي،چوسٽا ڪهاڻيون وغيره
ٽيليڪاسٽ ٿيل اسٽوري : "ٽڙيل پکڙيل" ۽ "عبادت رشتا".
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غـــزل

جيڪڏهن عرش ڏي پرواز ڪپي
ڪانو ڪبريون نہ، شهباز ڪپي

نيون ڳالهيون نئون آواز ڪپي
ڪو نئون اعجاز يا اعزاز ڪپي

زنده گهٽيئي نہ مگر زنده دل
موڳو مردو نہ ڪو جانباز ڪپي

پنهنجي منزل تي پڄي سگهنداسين
پر اٿردار ڪو اعجاز ڪپي

سُور هرڪو ئي ونڊڻ چاهي ٿو
دل ونڻ وارو ڪو همراز ڪپي

ڪوئي پنهنجي دل لٽي چونن ڇڏي
خوبصورت ڪوئي انداز ڪپي

## نثري نظم

**"واقفيت"**

ڪنهن طلسمي
ڪشش وس
اسين ٻئي
ڇڪجي ٿا گڏجون
بار بار
ائين ٿو محسوس ٿئي
اسين ٻئي
هڪ ئي ٻاھ جي تپش مان
ڄرن مان
ٿورو سيڪجي
ڪجهه جليل چمڙي
ڪجهه رهنڊون
چنڊ، زخم ۽ ٿورن زخمن جا نشان ڪٺي
زنده سلامت بچي ايندا رهيا آهيون
شايد..!!
ڪنهن هڪ ئي آزمودي
هڪ ئي درد جو رشتو
اسان ٻنهي جي وچ ۾..!!
⊙⊙







**تعارف نمبر (72)**
[شاعر]
اصل نالو : عبدالواحد
ادبي نالو : مجروح پٽ شاهي
ولد : عبدالرّحمٰن
ذات : سومرو
جنم : 1973ع
تعليم : بي.اي
ڪرت : وفاقي سرڪار جو ملازم
رهائش : هنر مند ڪالوني، پٽ شاهه. رابطو : 03332852535
لکڻ جي شروعات : 1993ع
ڇپيل مواد : مهراڻ، عبرت مئگزين، ڪاوش مئگزين، نئين زندگي، هزار داستان.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، چوسٽا وغيره.
هڪ ڪتاب گڏيل شاعري جو مرتب "پير پير جو پنهنجو پنڌ".
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## طرحي غزل

"هاڻ يارن ۾ وفاداري ڪٿي"
اڄ خردمندانا گفتاري ڪٿي

آدمي ۾ اعلي ڪرداري ڪٿي
برھ جهڙي ناهي بيماري ڪٿي

هجر جهڙي آ عزاداري ڪٿي
عهدَ رفتا واري آياري ڪٿي

هاڻ يارن ۾ وفاداري ڪٿي
سخن ور پيا گل نڇاور ڪن اڄا

پاڻ جهڙن جي پلا واري ڪٿي
زور فيشن فنڪشنن جو ويو وڌي

هاڻ گهر وارن ۾ گهرداري ڪٿي

شوق هيو مونکي سواري جو گهڻو
برھ جي گاڏي تو ٻيهاري ڪٿي

تير نظرن جا لڳن زخمي نہ ٿئي
دل پلا اهڙي اسان ڏاري ڪٽي

ننڊ پڻ جاياد ٿا روزا اچن
اهڙي سحري اهڙي افطاري ڪٽي

هڪ گهڙي مجروح هن ڪان ٿي جدا
زندگي اهڙي اسان گهاري ڪٽي

## نظم

مجروح پٽ شاهي
مونکي توسان محبت هئي
مونکي توسان محبت آ
ڪٽي هرهر قسم مونسان
سدائين تو چيو ٿي پر
نہ تنهنجو سو ملڻ آهي
نہ تنهنجو سو ڪلڻ آهي
نہ تنهنجو رات جو جاڳي
وري هر هر فون تي ڪالون
نہ تنهنجا سي گهٽيا آهن
ڏنئي جي درد هر هر ٿي
بدلجي ويو آهين مونکان
رهيو آهين نہ ساڳيو تون
وڏيون هامون هنيون ٿي تو
مرڻ ۽ گڏ جيئڻ جون تو
ڪيڏانهن ويا واعده تنهنجا
ڪٽي آهن وچن تنهنجا
ملڻ جي بي قراري تو
هئي لاموش تي هر پل
نہ تنهنجي بي قراري سا
نہ تنهنجي انتظاري سا
اجا پي ٿو چوين مجروح
مونکي تو سان محبت هئي
مونکي توسان محبت آ

⊙⊙





**تعارف نمبر(73)**



[شاعر]
اصل نالو : خالد اختر
ادبي نالو : خالد راڄپر
ولد : امير بخش
ذات : راڄپر
جنم : 6 سيپٽمبر1978ع
تعليم : بيچلر آف سول انجنيئرنگ ايم.اي
ڪرت : انسپيڪٽر سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي حيدرآباد.
اصل رهائش: محرابپور ضلع نوشهرو فيروز.
موجوده رهائش : قاسم آباد حيدرآباد. ربطو: 03342191622
لکڻ جي شروعات : 1994ع.
ڇپيل مواد : سنڌ جي تقريبن سيني رسالن ۽ اخبارن ۾.
لکيل صنفون : غزل، نظم، آزاد نظم، وائي، هائيڪو، بيت، نثري نظم، نئين ڪويتا.
ڇپيل ڪتاب : "پنل آرسي" شاعري 2012، تازو ڪتاب ڇپائي لاءِ تيار. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

پنهنجي ٽُتل مِٽي ڪَٽي، جوڙيان تہ ڪيئن جوڙيان
هي روحُ ڏوڙِ سمنڊَ ۾، ٻوڙيان تہ ڪيئن ٻوڙيان

شيشا بَدَنُ ٽَپي ويا ، آ فرشُ واٽُ نانگ جو
خيما خدا زمينَ تي، ڪوڙيان تہ ڪيئن ڪوڙيان

اُڀرن اکيون پئي سَڙي دل ڇيلَ جي ڇيرنِ جيان
اي عِشقَ طرفُ باهِ جو، موڙيان تہ ڪيئن موڙيان

مجذوبُ پيرَ ساهَ جا، سوڙها ٻَڌا، مان هاڻي
هيءَ ڏورِ زورَ ڏِيان مگر، ڇوڙيان تہ ڪيئن ڇوڙيان

محبت! سزا ملي تہ مان، توبِن جياپو ڪاٽيان
پر تون ٻُڌاءِ تو سِوا، لوڙيان تہ ڪيئن لوڙيان

هِيءَ دردَ جي بنارسي، ساڙهي بدن تي آهي
لاهيان تہ لِڳ ننگا ٿينِ، ڇوڙيان تہ ڪيئن ڇوڙيان

روڪينسُ چو نہ، ٿي پئي، لاهي لِباسَ منهنجا
تنهنجي اکين جي آرسي، ٽوڙيان تہ ڪيئن ٽوڙيان

توڪان رُسي تہ پوءِ ڏِس، خالد وڃي بہ ڪاڏي
هي پيارَ ڏارُ وڻ ڪچا، روڙيان تہ ڪيئن روڙيان

**نظـــم**

**"دارُالسُرورُ"**

زندگي دردَ جي ندي آهي
دردُ جيڪو رڳن ۾ ڊوڙي ٿو
دردُ پاڻي بہ آ نگاهن ۾
روز ڪيڏا خواب ٻوڙي ٿو
پاڙ دل جي زمين جي اندر
ڄارَ وانگر ڏگهي پکيڙي ٿو
روحُ جوڳي فقير جان رولي
درد ٽوسان اڇي ملائي ٿو
درد ٽُوڙي بدن مَروڙي ٿو
اڻَ ڏِنلَ ۽ ضعيفَ ماڻهُون سان
درد رشتا عجيب جوڙي ٿو
اڄُ تہ مئنوش هُوش ۾ ناهي
هاڻ ماري نہ جوش ۾ آهي
منهَنجو منهنجي لهُوءَ مان ٻُوڙي
ساهُ آلو ڪري نِپوڙي ٿو
دردُ آهي ڪو رڃُ مُهاڻي جو
روزُ اُجلي اکيون وڪوڙي ٿو
درد آزاد روحَ ڳيري ڪي
تيزُ دل ۾ لِڳلُ چرو آهي
هِي تہ واسينگَ فوڪَ پاسي ٿو
درد آتش فِشان، ٻري ٿو پيو
روز لاهي لِباسَ پنهنجي ڪي
دردُ منهنجو لِباسُ پائي ٿو
هِنَ تہ پالي وڏو ڪيو مون کي
هِي تہ مون لاءِ هِڪ، حياتي آ
دردُ مون وٽ ڏِسيان تہ ڪهڙو آ
دردُ دارُالسُرورَ جهڙو آ
⊙⊙







**تعارف. نمبر(74)**
[شاعر]
اصلي نالو: رضوان علي
ادبي نالو: نقاش بلوچ
ولد : الطاف حسين بلوچ
ذات: چانڊيو
رهائش :ڳوٺ وليداد چانڊيو،سنڌي ٻنڙا تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ضلع دادو
رابطو: 03473226451
تعليم:ايم.اي ،ايم.ايڊ
ڪرت :T.J.S ٽيچر گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ٻنڙا سنڌي
لکڻ جي شروعات : 2016ع
لکيل صنفون:نعت،غزل،نظم،گيت،وائي،چوسٽا وغيره
هڪڙي ڪتاب جو مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـــزل**

قوم مٽان جو عتاب آهي
لٽو الا هِي عذاب ڄاڻان

ووٽ وٺي پوءِ پڇي ويو جو
اُهو ٿو قاتل ڪساب ڄاڻان

نڱي تہ هُن جي پيشو آهي
نڱ وڏيرو خراب ڄاڻان

ڪُڙمين سان ٿو ڪِيسَ ڪري جو
ٻَد، ٻُچڙو، بي مُهاب ڄاڻان

جو قورن کي هيرو ليکي
"نقاش" ڪوڙو نصاب ڄاڻان

## نظـــم

**"نئون سال..!!"**

سال نئون پيو ايندو آ چا..!؟
حال نئون پيو ايندو آ چا..!؟
تو ٻن پنهنجو حال آ ساڳيو،
خيال بہ ساڳيو، سال بہ ساڳيو
سچ بہ ساڳيو، اوپر اُپري،
مَنَ ۾ ساڳيو اوہر اُبري،
راتيون ساڳيون اونداهين جون،
باتيون ساڳيون بيواهين جون،
ڏينهَن وڏا ٿي، ڏينهَن ننڍا ٿين،
ڏاڍ، جبر جا مينهَن وڏا ٿين،
ڪيڏا ڏس ڪُلور ڪَنا ٿين،
پيار تي پهرا ڪالهہ بہ ساڳيا،
هيل پريڪا حال بہ ساڳيا،
ڪالهہ بہ ڪوني مارين ڪارَي،
هيل بہ ساڳي بي ڏوهہ ناري،
مارين مَنَ جا رولا ساڳيا،
وحشت جا ڏس ٽولا ساڳيا،
جيون ساڳيو، سُور ۽ سختيون،
کهڙيون دلبر مَن جون مستيون،
واهڻ وستيون ويرانيون هِن،
سال سموري حيرانيون هِن،
پاڻ لئہ هڪڙو سال نئون هو،
ڌرتيءَ تي جو چال نئون هو،
خلقيا هُون جي ساڳي خالق،
پنهنجي چو حالات آ اهڙي،
اٽيي اٽيي، جهڙي، تهڙي،
ڌرتيءَ تي جڻ اُڇليا ويا سين
بيواهن جيئن ڪُڇليا ويا سين
تنهنجي دنيا ۾ او داتا،
اَنُ داڻي لئہ ٻڌجي آتا،
پاپي پيٽ پُوڄاريءَ خاطر،
وڪٽي پنهنجا ٻچڙا، ماتا،
جيئن هُو امڙ ناڻءُ ونن ٽا،
جيجل جو جڻ هاڻءُ وڃن ٽا،
تن جا کهڙا ڪوليون ڪاتا،
پنهنجا ٻول باراٽا، ٻاتا،
سال، صديون سپ ڪکر ڪارا
غم جي بارش جا وسڪارا
تن سالن جي تات اجائي،
سال نئين جي بات اجائي،
ڏينهُن نئون ڏي، رات نئين ڏي،
خوشين جي سوغات نئين ڏي،
تنهنجي ڏنل ڏات تي ٻولي،
مظلومن جا وات تي ڪولي،
پل پيو سڏجان دهريو ماٺهو،
توسان ليڪن آهي ماٺو،
اندر ٻاهر تون ئي تون آن،
صاحب سيڪجهہ تون ئي تون آن
مونکان ويس هي وٺ حيواني،
ذات "نقاش" ڪي ڏي انساني،
مان بہ مجان پوءِ سال نئون آ،
هيٺن جو اچ حال نئون آ،
مون وٽ سارو خيال نئون آ..!!

⊙
⊙







**تعارف نمبر (75)**
[شاعر]
اصل نالو : غلام فاروق
ادبي نالو : عمران وفائي
ولد : غلام محمد
ذات : عمراڻي
جنم : 3 مارچ 1983ع
تعليم : انٽر
ڪرت : ٽيچر
رهائش : اڏيرولال اسٽيشن ضلعو مٽياري
رابطو : 03438304625
لکڻ جي شروعات : 2000ع
لکيل صنفون : غزل، نظم، چؤسٽا.
ڇپيل مواد : امرتا، اديب، ڪرزما، صبح، عبرت ميگزين، سنڌو اخبار، رياست اخبار، ڪاوش گيئلري، ميرانپور اخبار وغيره
اڻ ڇپيل : هڪ ڪتاب جو مواد موجود.
سندس شاعريَ مان ڪجهہ چونڊ

## غـــزل

چيو ڪنهن سُکن ۾ اسان جو آ جيون
اچي ڏس ڏکن ۾ اسان جو آ جيون

اوهان محل ماڙين آباد ليڪن
ککن ۽ پکن ۾ اسان جو آ جيون

تري نيٺ تي پار ڪشتي اوهاجي
سدائين ڪُنن ۾ اسان جو آ جيون

جڏهن کان اوهان ساٿ ٽو ڙي ڇڏيو آ
رهيو مئڪدن ۾ اسان جو آ جيون

جلايو متايو يا پنهنجو بنايو
اوهانجي هٿن ۾ اسان جو آ جيون

## غـــــزل

ٻڌو ٻڌو اي دوستو! دماغ ڪم نٿو ڪري
صداقتون نہ پروسو دماغ ڪم نٿو ڪري

رُلي رُلي جهان ڏٺم وفا سندي تلاش ۾
مليو نہ ڪو هتي سچو دماغ ڪم نٿوڪري

جفا جي شهر ۾ سچو بدن سڙي جلي پَيو
وسو وسو اي بادلو! دماغ ڪم نٿو ڪري

نہ رهنما نہ همسفر نہ مهربان ڪا نظر
اي رهبرو اي دلبرو! دماغ ڪم نٿو ڪري

ڪٿي اُميد جو ڏيئو وفائي اڄ اچي پيو
ڏِيو ڪو پيار جو ذرو دماغ ڪم نٿو ڪري

## نثري نظـــم

**"فيصلو"**

ڪو ويچارو ديوانو
اونداهي ڪونيءَ ۾
اڪيلو ڪنهنجي يادن ۾
مسلسل روئندو رهيو
ٽڙپندو رهيو
نيٺ پنهنجا لڙڪ پاڻ اگهي
دل کي چيائين
اڄ تہ اڄ هڪڙو فيصلو ڪريون
هاڻ هي مسئلو حل ڪريون
يا تہ هُن جي تمنّا نہ ڪر
مونکي ايڏو تنگ نہ ڪر
هر ڳالھ تي ضد نہ ڪر
يا اڄ تہ ٻئي همٿ ڪري
جستجو ڪري
هن کي هميشہ لئہ پنهنجو ڪريون..!!
⊙⊙





**تعارف نمبر (76)**



[شاعر، ڪاٺيڪار]
اصل نالو : هدايت الله
ادبي نالو : هدايت ڏيپر
ولد : محمد خان
ذات : ڏيپر
جنم : 08 اپريل 1970ع
تعليم : انٽر
ڪرت : پرائيويٽ ملازم
رهائش : مورو شهر
رابطو : 03063212501
لکڻ جي شروعات : 1995ع
ڇپيل مواد : تقريباً سمورن سنڌي رسالن، ميگزينن ۽ اخبارن ۾.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم وغيره، اُن کان علاوه گڏيل شاعريءَ جي ڪتابن"سک نہ ستا ڪڏهن"، "لفظن جاسڏڪا"، "ادب آبِ حيات" ۽ "شاعري ڳالهائي ٿي" ۾شاعري ڇپيل.
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غـــــزل

اکين جي سمندر جون ٻيڙيون بہ ٻوڙي ڇڏيوسين
حياتيون بہ ڇولين سان کي جوڙي ڇڏيوسين

اسان لئہ سوين سازشن جا ٿي برپا پيڙ هت
اسان عشق پنهنجي جو جهنڊو بہ ڪوڙي ڇڏيوسين

ڪٿي تا چنايو نگهاهن ۽ مرڪن جا نيئر
اسان پيار ۾ توکي اهڙو وکوڙي ڇڏيوسين

جي ڏاڙهون رنگا لڙڪ هاڻي وهيا پي تہ ڇا ٿيو
اميدن جي گلشن منجهان ٻور روڙي ڇڏيوسين

جتي سچ سندو حق بندوقن دٻائي رکيو هو
هدايت سو وحشي اهو ملڪ ٽوڙي ڇڏيوسين

## غـــزل

شهر وارا نه سمجهيا شهر جي درد کي
آس ۾ اجڙيل ڪنهن بحر جي درد کي

ڪيترو وسيا اوهيڙا ڪري نيڻ تس
پونءِ چا جاڻي سگهندي ڪکر جي درد کي

چيلهه تائين پڄي معراج ماڻيو دلي
ڪنير آوي تي جاڻي نڪر جي درد کي

هو ته پڳوان سمجهي پوڄين تا پيا
پر نه سمجهي هو سگهيا پٿر جي درد کي

پير پنهنجا پُسائيو شوق سان آب ۾
ڪجهه ته سمجهو حسينو بحر جي درد کي

## نثري ٽڪـــرو

**"لفظن جا زخمي روحَ"**

جڏهن ليکڪ
پنهنجي لکڻين جي فڪري واٽ
ڇڏيندو آهي..!!
تڏهن سندس تحريري لفظن جا
روح زخمي ٿي پوندا آهن.
نثري خيال
جيڪا قوم
هڪ هٿ ۾ تقدير
۽ ٻئي هٿ ۾ تدبير
کڻي نڪرندي..!!
اها قوم
لوحِ محفوظ کي پوچو هڻي
پنهنجي تقدير
پنهنجي تواريخ پاڻ لکندي..!!
⊙⊙







**تعارف نمبر (77)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو : علي انور
ادبي نالو : انورساگر
ولد : علي نواز
جنم : 01 مئي 1973ع
ذات : ڪانڌڙو
اصل رهائش : درياهه جو پاڙيسري ڳوٺ ڪانڌڙا، تعلقو مورو، ضلعو نوشهروفيروز، موجوده رهائش : قاسم آباد حيدرآباد
تعليم: ايم.اي. ڪرت : ليڪچرار اردو
لکڻ جي شروعات : 1993ع
ڇپيل مواد : مهراڻ، ادب اديب، سنڌ لائين، سنڌ رِوِيُو، عبرت مئگزين، بلاول، ڪاوش دنيا، ڪاوش مڊ ويڪ، سنڌ راڻي مئگزين، رمجهم، آفتاب، هلال پاڪستان، ڪاوش، عوامي آواز، عبرت، سنڌ ۽ شام.
لکيل صنفون : گيت، وائي، بيت، غزل، ٽيڙو، نظم، نئين ڪويتا، آزاد نظم، ڪهاڻيون، ليک، مضمون ۽ مقالا.
ترتيب ۽ تحقيق : سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان دادو، ڄام شورو، قمبر، شهداد ڪوٽ، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، ڪشمور ايٽ ڪنڌ ڪوٽ ضلعن تي لکيل تاريخ ۽ مختصر تعارفي ڪتاب ۽ قلندر لعل شهباز جي ساليانى عرس بابت گڏيل ڏهن سالن جي تاريخ تي مبني ڪتاب ڇپجڻ جي مرحلي هيٺ. اُن کان علاوه ثقافت کاتي طرفان شايع ٿيل ڪتاب "تذڪره قلندر لعل شهباز رح"، شهباز ميلا ڪاميٽي پاران مرتب ڪيل ڪتاب 1. دما دم مست قلندر رح، 2. قلندرم مستم، 3. يادگارِ قلندر ۽ 4. مستو مست قلندر ( قلندر لعل شهباز رح کي ڏنل شاعرن جي پيٽا ) بابت.
گڏيل شاعري جي ڪتابن 1. "درد جا گلاب" (نوشهرو فيروز جا چونڊ شاعر)، 2. "شاعري ڳالهائي ٿي" ۾ پڻ شاعري ڇپيل.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غـــــزل

هن دل سدائين مون کي هر جاءِ تي منجهايو
اندر جي ڳالهه کولي تون کي نہ مون رلايو

ماضيءَ ڪسيو چا مون ڪان ڪنهن ڪان حساب وٺندس
بس تون هُئين مون جنهن کي، غلطيون ڪري وڃايو

هڪ رات ڪالهه مون کي، هڪ ديوَ غارِ آندو
هڪ نينهَن ڏينهَن مون کي سورج مان آ ڦٽايو

هڪ ريل ۾ هو گڏ گڏ ، پٽڙيون جيان هلي هئي
ڪائي خبر نہ پئي جو اُڪڙيل حصو بہ آيو

توسان ڪروڙ ڳالهيون ڪاڳر تي ڪيئن آڻيان
پينو پنان ڪٿي پيا توکي نہ ڪنهن ٻڌايو

انداز ناز جن جا لوڏن حڪومتون تا
حاجت جتي نہ تنهنجي، سينو اتي تا ساهيو

هڪ دل هئي جا بيدل مون کي ٻڌائي وئي آ
ٻيو رب هيو تہ جنهن تان ارواح تو ڪٽايو

مون کي لباس هڪڙي لاهيو قلندريءَ ۾
اهڙا سرور چڙهيا چٽنگن ڪٽي نچايو

پرواهہ يار مون کي ڪنهن ڏنگ جي نہ آهي
باقي اهيو ڪيو اُتم نانگن کي مون نپايو

هو شاعرِ بغاوت انور ملي تہ ڏسجو
جنهن عشق جي اڪر کي ڪاتي وڃي پڄايو

⊙⊙





**تعارف نمبر (78)**

[شاعر]



اصل نالو : علي حيدر
ادبي نالو : مُفلِس زرداري
والد جو نالو : صفر خان
ذات : زرداري
جنم : 06 آگسٽ 1996ع. تعليم : مئٽرڪ
پيشو : دڪانداري. رابطو : 03062351412
رهائش : قاضي احمد. لکڻ جي شروعات : 2010ع
ڇپيل شاعري : مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ۽ گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "سات چڙهندو لڪئين" ۾ پڻ شاعري ڇپيل.
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود .
لکيل صنفون : غزل، وائي، چؤ سٽا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــــزل

پيار تنهنجو پرين ڪيئن پُلائي سگهان
مان نٿو عرش تان چنڊ لاهي سگهان

درد شدت ۾ آ هو ملڻ تو اچي
شل صنم جي اڱيان مسڪرائي سگهان

ايترو حق تہ ڏي ڏاهي سڀ دوزخون
يا خدا! خوف جڳ جو مٽائي سگهان

منهنجي قاتل لٽن ڏي نہ ڏس دلربا
عشق مجنون جيان تو نڀائي سگهان

توکي مسجد مبارڪ هجي شيخ جي
مان نٿو رب پٿن ۾ لڪائي سگهان

نير "مُفلِس" اگهي وڃ چيم يار کي
هن چيو ڪيئن سنڌو سڪائي سگهان

## غـــزل

اجان ڪر رهاڻيون اجان رات پئي آ
نہ ڪر موڪلاڻيون اجان رات پئي آ

اسان جي نصيبن اوجاڳا ئي آندا
ڪتان ننڊ آڻيون اجان رات پئي آ

پره جون پچارون چڏي ڏي پري آ
چون ٿيون ڪهاڻيون اجان رات پئي آ

اڙي چنڊ توڏي چتائي چڪورن
نگاهون وِساڻيون اجان رات پئي آ

اسان جي تصّور جون توڏي پيارا
اکيون چو اُڏاڻيون اجان رات پئي آ

الا ڪيئن ڪٽبيون اي"مُفلِس" اوهان بن
گهڙيون درد هاڻيون اجان رات پئي آ

## وائـــي

تُنهنجي نيڻ نهار
مون ڏي چالئہ تي اچي..!!
اڄ جي سُهڻي ڪي چئو
آئون نہ هان ميهار
مون ڏي چالئہ تي اچي..!!
ها تون چاهين تي مونکي
جي نہ تہ تنهنجي سار
مون ڏي چالئہ تي اچي..!!
مان جو تولئہ تو جيان
ٻڄي موت ميار
مون ڏي چالئہ تي اچي..!!
"مُفلِس" موتي پوئتي
توبن مُند بهار
مون ڏي چالئہ تي اچي..!!

⊙⊙





**تعارف نمبر (79)**



[شاعر، ڪاڻيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو : غوث بخش
ادبي نالو : غوث پيرزادو
ولد : ڪريم بخش
ذات : پيرزادو
جنم : آگسٽ 1968ع
اصل رهائش : ڳوٺ ٻلهڙيجي، لڳ موهن جو دڙو، تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو. موجوده رهائش : گلشن حديد ڪراچي
رابطو : 03333760847
تعليم : ايم.اي سنڌي ۽ ايم.اي سوشيالوجي
ڪرت : سماجي ڪارڪن. لکڻ جي شروعات : 1988ع
ڇپيل ڪتاب : "مُئل ضمير جو مرثيو" شعري مجموعو ترجمو 2001ع. "چيڪي مٽي" 2010ع شاعريءَ جو مجموعو، "رمجهول" شعري مجموعو 2016ع.
ڇپيل مواد : عبرت رسالو، سوجهرو، سارس، لهرون، همرچو، امرتا، سارنگا، عوامي آواز، جاڳو، وغيره
لکيل صنفون : نثر ۾ ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعريءَ ۾ غزل، نظم، ٽيڙو، بيت وغيره. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــزل

ننڊ ۾ چاهي چڏيو هو آسمان
ساهہ ۾ لاهي چڏيو هو آسمان

سرد جذبن جي پنور ۾ ويڙهجي
دل جو داهي چڏيو هو آسمان

چاهہ جي چنڊ تي چڙهي او مينترا
ڳاهہ جيان ڳاهي چڏيو هو آسمان

نيڻ ڪنهن مک تي سجائي واءَ ۾
اڄ وري ناهي چڏيو هو آسمان

هاڻي جيون ڌرتتي ٻڄي ويو
پاڻ ئي تاهي چڏيو هو آسمان

## غــــزل

ڳيــچ ڳائـي رنـي هـونـدي
نيـنـهـن لائي رني هـوندي

ويڙهہ منهنجو نچي نکري
ڇيــچ پـائـي رنـي هـونـدي

هـوءَ مـيـلـي ۾ ويڳـاڻـي
تـنـهـنجي آئي رني هوندي

مان تہ سهسائي ويو آهيان
مـونـکـي تائي رني هـوندي

ٻاٽ اونـدهہ جي ڪـا نـاري
ڏيءَ ڄـائـي رنـي هـونـدي

مينهن جوڀن سندا وينگس
ڇـا وسـائـي رنـي هـونـدي

## غــــزل

جهـول خالي هو نہ ڪو پٿر هيـو
خـواب سارو ٿـي ويـو پـٿـر هـيـو

هڪ چمي هڪ رات جو سودو هيو
پـوءِ جدائيءَ جو ڳـٿـو پـٿـر هيـو

واءُ وارن سان ڪڏيو پئي رات پر
دل جـي آڱـر تـي انـو پـٿـر هـيـو

ساهہ جو ڳيرو اڇي ڦٿڪي ڪـريو
پـوءِ ٻـيـلـو ٿـي ويـو پـٿـر هـيـو

دل جي ڌرتيءَ زلزلو پوڳيو هيو
تـلـخ لـهـجي جـو ڪـتـو پـٿـر هيـو

زائـچـہ ڪـهـڙا ڪـڍايـون هـا پـلا
شهر جڏهن سنئون سڌو پٿر هيو

⊙⊙







**تعارف نمبر (80)**

[شاعر، ڪاڻيڪار، ڪالم نگار]
اصل نالو : سانوڻ
ادبي نالو : سانوڻ راڄڙ
و لد : حضوربخش
جنم : 07 سيپٽمبر1981ع
ذات : راڄڙ
رهائش : ڳوٺ محمد بچل راڄڙ، اڇڙوٽر
تعليم : انٽر. رابطو: 03415023036
لکڻ جي شروعات : 1995ع .
ڇپيل مواد : عبرت ميگزين، مهراڻ، ڪاوش، ارادو، عوامي آواز، ڪلياڻ، واڪا، جيجل، سنڌ ايڪسپريس، سانگهڙ، سماچار، نئون صبح، سنڌ سرواڻ، نئين زندگي، سوجهرو، همرچو، ادب، هزار داستان، اڇڙوٽَر وغيره.
لکيل صنفون : شاعري، ڪالم، ڪهاڻي.
اڻ ڇپيل مواد : ٻہ ڪتاب "ڪالم منهنجا" ۽ "ٽنڊومٺا خان جي تاريخ" تياريءَ جي مرحلي هيٺ.
سندس لکڻيءَ مان ڪجهہ ونڊ

**ماهہ شعبان جون فضيلتون برڪتون!!**

الله تبارڪ و تعاليٰ انسانن جي مٿان پنهنجون رحمتون ۽ ڪرم نوازيون عطافرمائيندو آهي انهن رحمت رباني مان مهينن ۾ خاص ڪري ماه شعبان ۾ پنهنجون برڪتون ۽ نوازشون ٻانهن جي مٿان ڪندوآهي قرآن پاڪ ۾ سوره الدخان، پاره (04) ۾ ارشادفرمايو آهي تہ شب برات جي رات تقديري فيصلا ڪيا وڃن ٿا. علامہ جلال الدين السيوطي رحمتہ الله عليہ پنهنجي جڳ مشهور تفسير الدرُ المنثور ۾ بيان ڪن ٿا تہ سيدنا حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهہ جن کان روايت ڪن ٿا تہ رسول الله جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن پندرهين شعبان جي رات اچي تہ ان رات الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا ڪريو ۽ ڏينهن جو روزا رکو. ڇو تہ الله تعاليٰ سج لهڻ شرط آسمان ۽ دنيا تي جلوه گر ٿئي ٿو، ۽ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ آهي ڪو ماڻهون جيڪو مون کان بخشش طلب ڪري آئون ان کي بخشي ڇڏيان، آهي ڪو ماڻهون جيڪو مون کان رزق طلب ڪري، آئون ان کي رزق عطا ڪري ڇڏيان، آهي ڪو

پريشان حال ماڻهون جو مون کان پريشاني مان نجات گهري تہ آئون ان کي مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏيان، آهي ڪو سوال ڪرڻ وارو جو آئون ان کي عطا ڪري ڇڏيان. ڇا ڪو اهڙو ماڻهون آهي؟ ڇا ڪو اهڙو ماڻهون آهي؟ اهي پڪارون اچنديون رهن ٿيون. ايستائين جو صبح صادق ٿئي.حضرت معاذ بن جبل رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ خدا تعاليٰ نصف شعبان جي رات کي پنهنجن سموري مخلوق جي طرف نظر ڪندو آهي.سيني جا گناهہ معاف فرمائيندو آهي. سواءِ مشرڪن ۽ بغض (ڪينو) رکڻ وارن جي.

امام ابن ابي شيبہ امام ترمذي، ابن ماجہ ۽ بيهقي جن امُ المومنين حضرت سيّده عائشہ رضي الله عنہ کان روايت ڪن ٿا تہ مون هڪ رات رسول الله ﷺ جن کي پنهنجي گهر ۾ نہ ڏٺو، آئون کين ڳولهڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتس، ڇا ڏسان ٿي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جنت البقيع (مدينہ منوره جي مُقام ) ۾ آهن، سندن نگاهون آسمان جي طرف آهن، پاڻ فرمايائون تہ اي عائشہ! ڇا تون ان ڳالهہ کان خوف زده آهين تہ الله ۽ ان جو رسول ﷺ توتي ڪو ظلم ڪندا؟ مون عرض ڪيو تہ ( يا رسول الله ﷺ) مون کي ان ڳالهہ جو ڪو بہ خوف نہ هو، پر مون کي گمان هو تہ توهان پنهنجي ازواج مطهرات مان ڪنهن وٽ تشريف فرما ٿيا هوندا. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ پندرهين شعبان جي رات آسمانِ دنيا تي نزول فرمائي ٿو ۽ بنو قلب قبيلي جي ٻڪرين کان بہ زياده ماَڻهن کي بخشي ڇڏي ٿو.الله تعاليٰ جا ڪروڙين ڪرم آهن جو پنهنجن ٻانهنَ تي اهڙا با برڪت مهينا عطا ڪيائين.

شعبان جو مهينو حضور اڪرم ﷺ جن جو مهينو، جنهن ۾ پاڻ تمام گهڻي انداز ۾ روزا رکندا هئا. رات جو قيام معمول کان وڌيڪ فرمائيندا هئا. جڏهن شعبان جي آخري تاريخ ٿيندي هئي تہ رسول اڪرم ﷺ جن رمضان جي مهيني جي عظمت جو استقبالي خطبو ڏيندا هئا.

امام خطيب رح رواه مالڪ ۾ امُ المومنين حضرت سيّده عائشہ رضہ کان روايت ڪري ٿو تہ مون نبي ڪريم ﷺ جن کي فرمائيندي ٻُڌو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ چئن راتين ۾ خير جا دروازا کولي ڇڏي ٿو، هڪ عيدالفطر، ٻي عيد الاضحيٰ، ٽين پندرهين شعبان جي رات، جنهن ۾ انسان جو موت ۽ رزق لکيو وڃي ٿو ۽ چوٿين عرفات جي رات صبح ٿيڻ تائين. سال جي ٻارهن مهينا جن مان ڪِن مهينن جا فضائل نبي اڪرم ﷺ جن جي حديثن ۾ آيا آهن.

⊙⊙





**تعارف نمبر(81).**



[شاعر، ڪاڻيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو : رحمت الله
ادبي نالو : رحمت پيرزادو
ولد. : مير محمد
ذات : پيرزادو
جنم : 01 فيبروري 1978ع
تعليم : بي.اِي (ايگريڪلچر)، ايم.اي سنڌي.
ڪرت : چيف انجنيئر (ايگريڪلچر)
رهائش : اِي 15 الشمس ڪومپليڪس، جوهر موڙ، ڪراچي
رابطو : 03337551931
لکڻ جي شروعات : 1992ع
ڇپيل مواد : سنڌ جي سمورن اخبارن ۽ رسالن ۾
لکيل صنفون: غزل، گيت، وائي، نظم، ڪهاڻي، ڪالم وغيره.
ڇپيل ڪتاب : "ڪليسا جي درياءَ ما"، "ڪينڊل لائيٽ"، "خمار، گيت، چاندني"، "اڪيلائيءَ جو ڪئنواس"، "خدائي رقص ۾ آهي"، "دلين جا داخلي رستا"، "صليب جاڳ اسان جي"(ترتيب).
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**نظم**

مسافر چوڪري آهي
مسافر چوڪري آهي
ٽڪي پئي روح منهنجي ۾
هُو جيڪا جل پري آهي
سفر ۾ ساڻ آ مون سان
هوا ۾ هٽ هٽان ٿو مان
تہ ڪا ڪوساڻ آ مون سان
بدن رنگريز وانگر ٿس
هوا ۾ هرڪ هاري ٿي
اُها مون کي سڏي ٿي پئي
اُها مون کي پُڪاري ٿي
انهيءَ جا نيڻ قاتل هن
انهيءَ جي گهور ٿي گهائي
محبت جي سفر ۾ مان
ڇڙهي جيڪر وڃان ان سان
ڪو پُنتي روزگار آهي
ڪا ننڍڙي نوڪري آهي
مسافر چوڪري آهي
بدن آ سانورو اُن جو
انهيءَ تي ريشمي ساڙهي
انهيءَ جا چپ سنهڙا هن
صفا چڻ سپ سنهڙا هن
انهيءَ جي چيلهہ ڇهبڪ آ
ڪري ٿي قرب ۾ قابو
وجهي ٿي ذات کي ڏاوڻ

وفا جا ويڻ قاتل هن
گهٽي آ گهُور ۾ ان جي،
محبت موڪري آهي!
مسافر چوڪري آهي!
اسان هن ديس ۾ هوندي به
جڻ پرديس ۾ آهيون-
مسافر چوڪري ناهي،
اسان جو من مسافر آ!
اسان جو هي سڄو جوڀن،
سڄو درپن مسافر آ!
مسافر پير، پيغمبر،
سڄو عالم مسافر ۽
مسافر مُرڪ آ پنهنجي
اسان جو غم مسافر آ!
سفر جي آجيان ۾ جا
گُلن جي ٽوڪري آهي،
مسافر چوڪري آهي!

ڏينهن ڏٺي جا ڏاڙا آهن..!!

## نظم

پيار اسان جو الجبرا جيئن
گهاتو ڏُنڌ ٻبر جي ٻاري
سيءُ سُنگهي ويو ماٺ وڻن جي
ڏنڌ ڏگن تي آ چوڌاري
ڳوٺ ڊسمبر کي اوڙهيو آ
اسڪولن لئه ٻار اُٿن ٿا
وات منجهان سي ٻاڦ ڪڍن ٿا
جهوني در جو تاڪ کُلي ٿو
هوءَ جيڪا استادڻ آهي
پلڪارُن تي پير رکي ٿي
۽ دنيا کي گول گهُمي ٿي
پيار اسان جو الجبرا جيئن
مايوسيون، مونجهارو آهي
هن جي ڪاري برقعي جو هي
رنگ ته ڪيڏو ڪارو آهي
هُوءَ جا پاڻ اچي اُجري آ
نيڻ انهيءَ جا جيئن ڪڇن ٿا
دل ۾ ڪي ئي ساز وڄن ٿا
ڳالهه انهيءَ جي جادوءَ جهڙي
ماٺ انهيءَ جي موسيقي آ
هُوءَ جي ماٺ ڪري ويٺي آ
ٽيبل، ڪُرسي پڻ چُپ آ پر
هن جي ماٺ به ڳالهائي ٿي
هر ڪا وات به ڳالهائي ٿي
هُوءَ جا ميٺ پڙهائيندي آ
سُلجهائي الجهائيندي آ
اُلجهائي سُلجهائيندي آ
چاڪ انهيءَ جو ميري من تي
اُجرا اُجرا لفظ لکي ٿو
دردُ دلين کان دور ڀڄي ٿو
جڻ هُو پيار پڙهائيندي آ
هُن جي مُرڪ مسيحائي آ
هُن جا نيڻ خدا جهڙا ۽
چا ته ڀرون سي جاڙا آهن
هُن ۾ جيڪو واس رهي ٿو
ان سان ڏُنڌ جيان ڊڪيل هي
سارا اوڙا پاڙا آهن
۽ جي ناهي، شهر سڄي جا
گس لڳن ٿا ٻاڙا آهن
دل جو داد، فرياد نه ڪوئي
ڏينهن ڏٺي جا ڏاڙا آهن..!!

⊙
⊙









**تعارف نمبر (82)**
[شاعر، ڪاٽيڪار، مضمون نگار]
اصل نالو : غلام حيدر
ادبي نالو : حيدر امان
ولد : غلام شبير
ذات : جسڪاڻي
جنم : 10 مارچ 1984ع
تعليم : گريجوئيشن
ڪرت : استاد. رابطو : 03443729229
رهائش : اُڏيرو لعل اسٽيشن، ضلعو مٽياري،
لکڻ جي شروعات : 1999ع.
لکيل صنفون :غزل، نظم، وائي، چؤسٽا، ڪهاڻي، ڪالم، مضمون
ڇپيل مواد، امرتا، ڪرزما، تعميرِ سنڌ، سنڌو، ڪاوش، امرتا، امرتا غزل نمبر، ارزنگ (اُردو رسالو)، دنياءِ ادب (اُردو رسالو).
ڇپيل ڪتاب : نيٽن جا ورق (شعري مجموعو) 2015ع.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ،

## غـــزل

دل جي ڌرتي، ٿاندن ڍير آ، ٻيو سڀ خير آ
يادن ڀي اڄ، پاتي ڇير آ، ٻيو سڀ خير آ

مونکي هرڪو، ماڻهو ميرو، لڳندو آهي
شايد منهنجي، مَنَ ۾ مير آ، ٻيو سڀ خير آ

هاڻي مونکي، نانگن مان ڪو، ڊپ ئي ناهي
تنهنجي وارن، سان پيو وير آ، ٻيو سڀ خير آ

"ڇا حال آهي" نيٺ پُڇائين، مون به وراڻيو
تنهنجي الفت ۾ ڪجهه ڦير آ، ٻيو سڀ خير آ

دل ويراڳي، اک اوجاڳيل، هيڪل هينئڙو
پيار ڪيوتم، نانگ تي پير آ، ٻيو سڀ خير آ

پنهنجي چاهت، پنهنجو رشتو، کهڙو چئبو
اَکَن انبڙيون، ٻبرن ٻير آ، ٻيو سڀ خير آ

**نظــــــم.**

دنــيــا جــي پُــرڪــيــف فضــا مــان
تــنــهــنجــي هــر هــڪ يــار صــدا مــان
تنهنجي هٿن جي هڪڙي هڪڙي
روئِــي گُــهــرِيَــل يــار دعــا مــان
مــون جــهــڙو بــيــڪــار بــہ نــڪتــو..!!
تنهنجِي اک مان وار بہ نــڪتــو..!!

دنــيــا جــي هِــن ويــرانــي مــان
هــر هــڪ طــنــز ۽ هــر طــعــنــي مــان
مــدّت ڪــان هــڪ آس تــي ويــتــل
تــنــهــنجــي دل جــي مــئخــانــي مــان
پــيــاســو هــڪ مــئخــواربــہ نــڪتــو..!!
تنهنجِي اک مان وار بہ نــڪتــو..!!

تــنــهــنجــي ديــس نــرالــي مــان اڄ
هــر هــڪ يــار حــوالــي مــان اڄ
جُتِيءَ مان جيئن ڪوڪو نڪري
تنهنجِي ٿالهي، پيالي مان اڄ
پــاڳــي پــائِــيــوار بــہ نــڪــتــو..!!
تنهنجِي اک مان وار بہ نــڪتــو..!!

دل مــان، دل جــي ارمــانــن مــان
قــولــن مــان ۽ فــرمــانــن مــان
انــڌن جِــي هِــن وســتِــيءَ مــان ۽
پــٿــر ديــس جــي انــســانــن مــان
هــڪ شــيــشــہ بــردار بــہ نــڪــتــو..!!
تنهنجِي اک مان وار بہ نــڪتــو..!!

**چؤســــــٽو**

وقت جيسين هُيو تيسين سمجهوسون چڻ !
وقــت نــوڪــر هُــجــي، دل وڏيــرِي هُــجــي.

اهــڙي چــورِي ڪــڍهــن پــي وَري ڪــانــہ ٿــي،
گــهــر ٺَڳــن جــي بِــلــي، چــور پــيــرِي هُــجــي.

⊙⊙







**تعارف نمبر (83)**
[شاعر]
اصل نالو : ارشد علي
ادبي نالو : معصوم سندرائي
ولد : عبداللهّ
ذات : مهر
جنم : 01 فيبروري 1982ع
رهائش : سوندر تعلقو ننگرپارڪر
رابطو : 03458587086
لکڻ جي شروعات : آگسٽ 2005ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ٽيڙو، چؤسٽا وغيره
چپيل مواد : هالار، سنڌ رنگ، سنڌو ڊائجسٽ، عبرت مئگزين، خبرون، مهراڻ، تعميرِ سنڌ، هزارداستان، ڪيسوبا مئگزين، سامروٽي، ٻانهياري، سوپ، سنڌ ايڪسپريس، الراشد ۽ ٻين مختلف ميگزينن ۾.
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــــزل**

جــلــون آڳ ۾ خــود نــمــائــي ٽــيــون
مــلــڻ ڪــان اڳــي چــو جــدائــي ٽــيــون

ستارن ڪي ٽانڪي سفر تي هلون
خــلا ۾ خــتــم تــي خــدائــي ٽــيــون

پــٿــر ڪــان پــڇــون ۽ پــٿــر تــي رهــون
زمــانــا چــو تــنــهــنجــي سچــائــي ٽــيــون

ٽئي جا نہ ميّسر انهي تي روئون
انهي ڪان اڳي چوٽ ڪائي ٽيون

حــيــاتــي هــي پــوري لــڪــي تــا ڏيــون
رڳــو درد ڪــان بــس رهــائــي ٽــيــون

## غــــزل

رُڳو چاهيم ملي مُڪتي ڪتي ڳُهريم خدائي ڏي
وڇوڙي ڪان خدا مونکي حياتي ۾ رهائي ڏي

مجون تا شگر واري ڪي جُليبيءَ ڪا چڱي ڪونهي
اها نمڪين پاڙي ڪي حصي ۾ مڻ منائي ڏي

جيئڻ جي موڊ ۾ آهيون پيئڻ ڪان يار تو روڪين
ٻه تي ڍڪڻ مان چا ٿيندو اسانکي ڪجھ سوائي ڏي

اسانجي ڀاڳ ۾ ناهي اوهان جي حسن جي سُرڪي
خدارا قسط تي هيڪر حياتي ڪي پوائي ڏي

اوهان جي ياد ڪي ميڙي سُتو آهيان صحيفي تي
اڪين جي آھ زاري ڏس پٽر ڪي پارسائي ڏي

## نظــــم

**"رات"**

رات رقاصا جي بدن تي
رهجي وئي آهي..!!
۽ آئون ڏينهن جو خواب ڏسي
خدا جي ڳجھ ۾ هٿ وجهي رهيو آهيان.
ڪاش..!!
آئون تنهنجي رخسار واري تِرَ تي
ڪنهن اردو شاعر جي
سِڻن جهڙي ڪا سٽ لکي سگهان ها،
پر ايئن نه ڪري سگهيس..!!
ٻڪ منهنجي هر سوچ ڪي
مروڙي ۽ ماري ڇڏيو آهي..!!
آئون هڪڙي ڦٽ پاٽ تي
وينل موالي ءَ جي لاءِ
نه ملندڙ آفيم تي ويو آهيان..!!
سجو شهر ٻوڙي رهيو آهي
۽ اڪيلو مان
خدا جي برابري تي سوچي رهيو آهيان..!!

⊙⊙





**تعارف نمبر (84)**



[شاعر]
اصل نالو : غلام مجتبي
ادبي نالو : جي ايم لاڙڪ
ولد : استاد غلام قادر
ذات : لاڙڪ
جنم : 11 مارچ 1978ع
تعليم : بي.ا يس.سي ڪمپيوٽر
ڪرت : پرائيويٽ جاب. رابطو : 03023362350
رهائيش : نئون ڪوٽ، ڌرڪي، ضلع گهوٽڪي.
لکڻ جي شروعات : گذريل ڏهن سالن کان.
لکيل صنفون : غزل، وائي، نظم، نثري نظم، چوسٽا، ٽيڙو.
ڇپيل مواد : هزارداستان، ارڇڪ مرڇڪ، پوپٽ، همسري، گل ڦل ۽ اُن ڪان علاوه گڏيل ڪتابن "چوڏس ميگهه ملهار"، "پير پير جو پنهنجو پنڌ" ۾ پڻ شاعري شامل.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غــــزل

ڇُمي جي ٻُڪي آ
هِي دل ڪجھ ڏُکي آ

ٻَچن ڪي ڌِجي چا
نه ماني سُڪي آ

ڏِسي حال هيٺو
ڪنهن ماني مُڪي آ

ڏِسي حال سنڌ جو
هِي دلڙي رُني آ

وڏيري جي ظلمن تي
ڪاوڙ لڳي آ

## غـــــزل

سونهن جي گهر کي تالا آهن
مڌ کان خالي پيالا آهن

حُسن کيو بدنام الا ڙي
رانجهڻ، مجنون نالا آهن

نيڻن جي سک ماپ اچي ھي
تنهنجا موڊ نرالا آهن

ڪڏهن جنت ڪڏهن دوزخ
تنهنجا موڊ نرالا آهن

روز پيئن ٿا منهنجي رت کي
درد بہ دوست موالا آهن

ايڏو پڄريو ناهيان باقي
ڪاتيا مون بہ ڪشالا آهن

منهنجا شعر ھي منهنجا ناهن
تنهنجا يار حوالا آهن

عشق جو پنڌ ڏکيو آ پيارا
پير ۾ اڄ پيي ڇالا آهن

## چوسٽو

نظرون ترش نهاري وئي
ڪلندي ڪلندي ماري وئي

صنم ڪيڏي سنگدل هئي
رستي منجھ بيهاري وئي

## نثري نظم

احساس ئي
محبت کي
وڌائيندا آهن
۽ منهنجي من ۾
تولئہ هزارين
احساس آهن
هاڻ تون ئي ٻڌائي
تہ مان تو بنا
ڪئين جيئان..!!

⊙⊙







**تعارف: نمبر (85)**
[شاعر، مضمون نگار]
اصل نالو : غلام اصغر
ادبي نالو : اصغر باغي
ولد : محمد سچل
ذات : ڪوسو
ڄم جي تاريخ : 05 مئي 1962ع
جنم ڀومي : ڳوٺ حاجي يار محمد ڪوسو، لڳ احمدپور، تعلقو ڪنگري، ضلعو خير پور.
تعليم : ماسٽرس. رابطو: 03332399099
رهائش : گلشن حديد فيز ٿو، ڪراچي.
لکڻ جي شروعات : 1983ع
ڇپيل مواد : هلال پاڪستان، عوامي آواز، تعمير سنڌ، امن، سوجهرو، اجرڪ، دي پرزنر، همرچو، پرڪ، تِرورا، سنڌ راڻي، همسري، لوڪ ۽ ٻيا ڪيترن ئي ادبي مئگزينن ۾.
گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "شاعري ڳالهائي ٿي" ۾ پڻ شاعري ڇپيل
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، مضمون نگاري وغيره.
شاعري مختلف گلوڪارن ڳائي جن ۾ سرمد اياز، زاهد شيخ، مراد يوسف، ٻيجل سنڌي، ممتاز رڌ، نوح مري ۽ ٻيا.
سنڌس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــزل

آدرشن جي ، لاٽ وڪيَئي چو
تاريخن جي ، تات وڪيَئي چو

ڏيھہ جا ڏاها ، ڏاهپ تنهنجي
ڪان پڇان ٿو ، ڏات وڪيَئي چو

سڀ ڪجھہ سؤدي ، لاءِ رکيو ٿي
ڏينهن پيو وڪڻين ، رات وڪيَئي چو

سچ جي خاطر ، سر وڃائڻ
سوپ وڪاڻي ، مات وڪيَئي چو

سورج سامهون ، ڪيئن ڪو بيهندو
پره سندي ، پريات وڪيَئي چو

ان الحق آ ، نانءُ اسان جو
منصورن جا ، ڪات وڪيَئي چو

خلجي هٿ ڪيئن ڀاڳهل ايندي
اوڙو پاڙو ، ذات وڪيَئي چو

## نظم

آ عجيب اٽڻ اسان جي تن ۾
شعور چوليون هٽي پيو من ۾
گيڙو رتا سي فقير ڇاتا
اسان جي نسبت ڌرتي ماتا
حجاب پنهنجا پي نقاب لاٿا
مقتل به ڪولي رکيا ٿي ڪاتا
اجيو آ عاشق ڇا تو هي چاهي
رٽن پٽن ۾ پيو آ ڪاهي
ڪليسا، مسجد، مندر پيو ڊاهي
اڪير اتس جا نه تي اجهامي
پئي اندر جي ڪني ايامي
نسل پرستي نه فرقه پرستي
نه انا پرستي نه ڪائي پستي
نکري پئي ٿس عظيم هستي
اهڙو ته امرت اسان به پيتو
ملي ٿو جيڪو اڄ به سن ۾
⊙⊙







**تعارف نمبر (86)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار]
اصل نالو : سعيد احمد
ادبي نالو : سعيد حاوي
ولد : گل حسن
ذات : شيخ
جنم : 19 آگسٽ 1981ع
تعليم : گريجوئيٽ. ڪرت : ڪشيده ڪاري
رهائش : لاڙڪاڻو غوثپور محلا. رابطو : 03063499553
لکڻ جي شروعات : 1996ع
ڇپيل مواد : سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾.
لکيل صنفون : غزل، وائي، گيت، دوها، بيت، هائيڪو، نظم، ترائيل، نثري نظم، ڪهاڻي. سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ.

## غزل

ڪيو هو پيار توڪل تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو
مليا سين يار پل پل تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو

هجر جي رات هڪڙي هئي صدين جي فاصلن جيڏي
ڪريا جو لڙڪ ڳل ڳل تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو

بهارن جان هئي الفت خزائن جو نه سوچيو هو
گهلي جا واءُ گل گل تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو

ڪڏهن ممڪن نه هو جانان جدايون پاڻ ۾ ٿين هان
ٻڏي رت تن به اٽڪل تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو

ڏنگا هن دور جا ماڻهون ڪٿي هن پروسي لائق
نه ڪر اعتبار اڄ ڪله تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو

اسان جا يوڳ ها تونسان مزاجي بي رخي ڇا لئه
رنو آن يار ڪل ڪل تي نه تو سمجهو نه مان سمجهو

## وائـــي

وڪرو جو ماڻهو ٿيا
جڳ لڳايو دام الا
مان بہ ٿيس نيلام الا..!!
اڄ مان بہ ٿيس نيلام..!!

سڀ ڇيو هي خاص آ
پرمان ماڻهو عام الا
مان بہ ٿيس نيلام الا
اڄ مان بہ ٿيس نيلام..!!

خيال اسان جا اڄ رنا
جذبن ڪيو ماتام الا
مان بہ ٿيس نيلام الا
اڄ مان بہ ٿيس نيلام..!!

بازارن جي ڇاپ لڳي
ڪونہ هيس بدنام الا
مان بہ ٿيس نيلام الا
اڄ مان بہ ٿيس نيلام..!!

## بيـــت

ڪھڙي ڪھڙي پارڪان، پنڇن آندو پيار
مهڪي ساونڻ رت پئي، هينئڙي ڪي آ نار
تن ڪي ڪھڙو آر، چاهت جن سرحد بنا

⊙⊙







**تعارف نمبر (87)**
[شاعر، ڪمپئر، ڊرامانويس، ڪالم نگار]
اصل نالو : محمد بخش
ادبي نالو : بخشڻ مهراڻوي
ولد : فقير محمد رحيم
ذات : مهر
جنم : 18 آڪٽوبر 1966ع
تعليم : ايم.اي ( سنڌي )
ڪرت : سرڪاري نوڪري ۽ فري لانس ٽي وي ڪمپئر.
رهائش: ملير ڪينٽ ڪراچي. رابطو:
لکڻ جي شروعات : 1987ع
ڇپيل مواد : سنڌ جي تقريبن سڀني رسالن، مئگزينن اخبارن ۾.
لکيل صنفون : شاعريءَ ۾ غزل، وائي ، نظم، نثري نظم.
نثر ۾ ڪالم، ناٽڪ، ڊاڪيومينٽري اسڪرپٽ .
شاعريءَ جو هڪ ڪتاب "التجا" ۽ ڪجھ نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب سهيڙيا اٿن، جيڪي انشاالله جلد مارڪيٽ ۾ ايندا.
سندن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــزل

تنهنجون يادون ۽ هي اڪيلائي
زرد شامون ۽ هي اڪيلائي
بند ڪمرو ۽ تنهنجي فوٽوءَ سان
تنهنجون ڳالهيون ۽ هي اڪيلائي
چنڊ تارا ڪَٽِيون نڪي چارا
سڄ راتيون ۽ هي اڪيلائي
دوست ٿياسين اسان ٽيئي آخر
سمنڊ آئون ۽ هي اڪيلائي
درد ڳوڙها ۽ بس رڳو ماتم
رت ڇاتيون ۽ هي اڪيلائي
ماٺ مٽي ۽ چئو طرف قبرون
سرد آهون ۽ هي اڪيلائي

## نظــــم

تنهنجي در تي بينو آهيان
ڪجين جو پيو باغ نهاري
هڪ اسرار هوا ۾ آهي
جنهن جي پويان سج لهي ٿو
پکي جڻ ته پروليون آهن
آڪيرن جو پنڌ پري آ
ڳوٺ جو رستو ڳالهائي ٿو
ڪيئي وِير لنگهيا ها جنهن تان
مجبورين ها گهر ڇڏايا
ڪيئي نِير لنگهيا ها جنهن تان
دونهين مان ڪا دانهن دکي ٿي
سِڪَ جون ڪانيون ڪير ٿو سوري
باھ برھ جي پڙڪا ڏي ٿي
يڪتارن جي تند تپي ٿي
ويراڳي ورلاپ ورن ٿا
من من ۾ ڪو مينهن وسي ٿو
آهُن ۾ ڪي گهاءُ لڇن ٿا
ساھ جو گهوڙو سهڪي پيو ٿو
وچ وراڪا پنڌ پڇي ٿو

اُتر تنهنجو انت لهڻ لئه
ڪيڏي آتر ويلا آهي
سارين مان ٿو اوبر اُڀري
گرمي ٿاڌل گهوٽي پئي ٿي
تو ۾ هڪڙو سچل آهي
تو ۾ بيدل، بيڪس آهي
سانجهيءَ جو ٿو سنک وڄي ۽
ميڙي ميڙي مڇ ٻرن ٿا
مونکي اهڙو سچ چون ٿا
اُتر تو مان آڳ ٻه اُٿي
تو مان هڪڙي جاڳ ٻه جڻي
سنڌو ساھ ڪي سؤلا ڪٽندو
مٽي سون سريکي ٿيندي
تو مان هڪڙو ناچو ايندو
ڇيريون پائي ڇم ڇم نچندو
هر گُهنگهرو ڪي پنهنجي ٻولي
جيون هڪڙي ڏِڏَ پرولي
ٽِنهن جي پَچڻي تو ۾ آهي
سيوهاڻي سرڪار چوي ٿو
ٻات ۾ لات ٻه ٻرڻي آهي!







**تعارف نمبر (88)**
[شاعر]
اصل نالو : اخلاق احمد
ادبي نالو : اخلاق بلوچ
ولد : محمد اسحاق
ذات : عارباڻي
رهائش : گهوٽڪي
رابطو: 03022386963
تعليم : انٽر
لکڻ جي شروعات : 2016ع
ڇپيل مواد : ڪاليج مئگزين ۾.
لکيل صنفون : گيت، غزل، وائي، نظم، ڪويتا، نعت.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غــــزل

تنهنجي قدرت تي پيو لکان
پنهنجي فطرت تي پيو لکان

سيني ساڻ لڳايو آ جنهن
ماءُ جي عظمت تي پيو لکان

وَيا لُٽي هي ڌرتي منهنجي
سنڌ جي غربت تي پيو لکان

هاري جي ويو پينگ ڪري آ
هن جي محنت تي پيو لکان

ٽوڙي جنهن دل منهنجي آهي
يار جي جرئت تي پيو لکان

اخلاق ڪري ٿا آ غريب
پنهنجي دولت تي پيو لکان

**غـــزل**

کيڏي اڄ برسات وٺي تي
ٻوندن جي ها لات وٺي تي

سيءُ پارو تن کي ڪندو ڇا
لاهوتين جي لات وٺي تي

مچ ڪچهري پئي هلي اڄ
پوڙهن جي هر بات وٺي تي

هر هڪ سٽ ۾ سون سجائي
شاعر جي هي ذات وٺي تي

ڇا ٿيندو هن قوم جو هاڻي
تنهنجي هي فڪرات وٺي تي

هڪ مون ۾ اخلاق هن خاميون
باقي بلوچ هر ذات وٺي تي

**نظـــم**

ڪاليج جون آخري گهڙيون
غمن جو سي تي سبب بڻيون
جدا ٿيندي ائين رناسين اسان
موسم بدلجندي جئين تاريون ڇڻيون
خبر پئي آخري آ اڄ پيرڊ هتي
ملي دوستن سان ڪيوسين رڙيون
جنهن سان نه هو ڪڏهن هٿ ملايو
ڪلاس ۾ تن جون ڳالهيون پئي وٺيون
هر موڙ تي پيا ملنداسين متا
دل سان اوريون پئي مڙئي سڪڻيون
لڙڪن بند بڪ"اخلاق" ڪان ڪرايو
نه تان اڃا به ڳالهيون هيون گهڻيون
⊙⊙







**تعارف نمبر(89)**
[شاعر]
اصل نالو: رياض حسين
ادبي نالو: رياض مشوري
والد جو نالو: بابو خان
ذات : مشوري
جنم : 25 جنوري 1984ع
تعليم : ايف.اي
ڪرت : زمينداري
رهائش : ڳوٺ ميوو خان مشوري ضلعو نوابشاهه
رابطو: 03133612951
لکڻ جي شروعات : 2010ع
ڇپيل مواد : مختلف سنڌي اخبارن ۽ ميگزينن ۾.
لکيل صنفون : غزل، وائي، نظم، چؤسٽا، ڪافي، گيت، دوها.
ساس شاخ قاضي احمد پاران گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "سات ڇڙهندو لڪئين" ۾ شاعري ڇپيل.
ٻن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود آهي.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـــزل**

حُسن تي ناز ايڏو نه ڪر دلربا
هي جواني اٿئي مختصر دلربا

ڏونگرن کي به تو آئون ڏاري سگهان
سات تنهنجو ملي پئي اگر دلربا

رات پر نيڻ آلا رهن ٿا متا
ايترو ياد ايندو نه ڪر دلربا

رات آڪاس تي چنڊ تارا ڏسي
نيڻ تولئه ٿيا منتظر دلربا

تنهنجي پاڙي ۾ تو رياض تڙپي لڇي
ايترو پي نه تي بي خبر دلربا

## غزل

مصريءَ وانگر منڙي آهين
سهڻي سسئي جهڙي آهين

هر دم رنگ فضا جا تو ۾
ڇئو تون موسم ڪهڙي آهين؟

سارون تنهنجون ساڻ رهن ٿيون
سانديل من ۾ اهڙي آهين

سنڌڙيءَ سان جيئن جيءُ جڙيل آ
پياري تون پڻ تهڙي آهين

تو جهڙو ٻيو ڪوئي ناهي
رياض جي لئہ تون هڪڙي آهين

## وائي

مون ڏي نيڻ ڪٽي
ڇاتي سوچي سانوري..!؟

سُونهن سراپا سنڌ جيئن
مونکي ڪوڙ وٽي
ڇاتي سوچي سانوري..!؟

سينگاريندي پاڻ کي
ڪٽي هٿ ڦٽي
ڇاتي سوچي سانوري..!؟

سک سمرتين وچ ۾
جوين ياد ٻٽي
ڇاتي سوچي سانوري..!؟

رياض مشوري راحتون
هينئڙي منجھ هٽي
ڇاتي سوچي سانوري..!؟

⊙⊙







**تعارف نمبر (90)**
[شاعر]
اصل نالو: اظهر مجيد
ادبي نالو : اظهر مجيد
ولد نالو: عبدالمجيد
ذات : تنيو
جنم: 04 جنوري 1985ع،
تعليم: بي.اي، ايل.ايل.بي
ڪرت: پي اي ٽو سيشن جج
رهائش: شيخ زيد ڪالوني لاڙڪاڻو
رابطو: 03341687735
لکڻ جي شروعات: 1997ع
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾.
لکيل صنف: غزل
هڪ ڪتاب جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

سوال اهڙا جواب ڪونهي
گناهہ ڪيڏا ثواب ڪونهي

ڏسڻ اچين ٿو ڏسي وڃين ٿو
حضور تو وٽ حجاب ڪونهي

وشال اپ تي اڏام ڪائي
پري اچي سو عقاب ڪونهي

ونڊي وکيري اسان اوهان ۾
هڳاءُ اهڙو گلاب ڪونهي

ڏسي ڪرم ڪر گناهہ اظهر
ثواب مون وٽ جناب ڪونهي

## غزل

تو سوا زندگي ڇا ڪبي
اي خدا بندگي ڇا ڪبي

باک ٿائين رني رات آ
گل مٿان تازگي ڇا ڪبي

موت تو ياد هر پل ڪري
واٽ تي وارثي ڇا ڪبي

پاڻ کي پاڻ ۾ تو پسان
سامهون آرسي ڇا ڪبي

بي وفا دلربا جي مٿان
اي ڪوي شاعري ڇا ڪبي

ساز سپ ٿا وڄن من اندر
ٻاهرين بانسري ڇا ڪبي

يادگيري لکي دل مٿان
ڪاغذي ڊائري ڇا ڪبي

## غزل

ردا تي اوهان جي هوا ۾ اڏامي
حياتي اسان جي سزا ۾ اڏامي

اڇي تون ملي وڃ ڏسي وڃ اسان کي
دعا تي اسان جي فضا ۾ اڏامي

جدائي اسان جي ڏکهي تي وئي آ
اڪيلو پکي تو هوا ۾ اڏامي

فنا تي وياسين بقا جي سهاري
بقا جي اسان جي فنا ۾ اڏامي

ڪلي ڪين اظهر ڪڏهن پي ڏنو تو
ادا تي اوهان جي انا ۾ اڏامي

⊙⊙







**تعارف نمبر (91)**

[شاعر]

اصل نالو : اعجاز علي

ادبي نالو : اعجاز ڪٽپر

ولد : محمد آچر

ذات : ڪٽپر

جنم : 20 جنوري 1963ع

تعليم : ڊپلوما اليڪٽريڪل، ماسٽرس (اڪنامڪس)

ڪرت : اليڪٽريڪل انسپيڪٽر ايٽ سعودي اليڪٽرڪ ڪمپني،
سعودي عرب ، دمام سٽي

موجوده رهائش : او.پي.ايف ڪالوني لاڙڪاڻو

رابطو : 00966551303705

لکڻ جي شروعات : 2011ع

لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، چوسٽا وغيره

ڇپيل مواد : مختلف، اخبارن ۽ رسالن ۾.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## چوسٽو

سرد آهون گواهه تي پيارا
توسان نينهڙو لڳي ويو آهي

هاءِ دل جو حساب دل ڄاڻي
پاڻ آهيون ڪٿي پڙهيل پيارا

## غـــــزل

نـديءَ جـي نـانءُ جـهـڙي تـون
نـکـــور ي ٿانءُ جـهـڙي تـون

ڪـجـي مـنـظـر ڪشـي ڪـهـڙي
اســر جــي لانءُ جـهــڙي تـون

ڪِـلـي پـنـهـنـجا تـو پـرڪـيا هِـنِ
سـيــاڻــي ڪـانءُ جـهـڙي تـون

ســيــئــي ٿــي انـگ آسُـودا
ڪـوي جي ڏانءُ جـهـڙي تـون

مسـيـن سُـک جـو ڪـنـيـو آ ساهـ
پـپــر جــي ڇـانءُ جـهـڙي تـون

ڏنـگـيـن ٿـي روز ڪـٿـپــر ڪـي
پـکـي آن هــانءُ جـهـڙي تـون

## غـــــزل

رنـگ تـنـهـنـجـي طـواف ۾ آهـن
درد سـپ اعـتـــراف ۾ آهــن

خـوبـصـورت خـيـــال ۽ جـذبـا
حسـن واري اوصـاف ۾ آهـن

تـور پـل تـور اڻ تـريـل آهـيـان
بـد گـمـانـيـون صـراف ۾ آهـن

پـل تـہ و ڪـٽـن اهـي عـقـيـدا پـر
نــوٽ ڳـٽـبــا اوقـاف ۾ آهــن

ڍول آ جـو ڍڪـي ٿـو ڪـٿـپـر ڪـي
ڪــاڄَ اڄُ اخـتــلاف ۾ آهــن







### تعارف نمبر (92)

[شاعر]

اصل نالو : سڄڻ ناريجو
ولد : غلام رسول
ذات : ناريجو
جنم : 04 مارچ 1979 ع . تعليم : انٽر
ڪرت : پنهنجو ڪاروبار
رهائش : شاهه لطيف ڪالوني، بڪيرا روڊ ٽنڊو الهيار.
رابطو : 03003094235 لکڻ جي شروعات : 1995 ع
ڇپيل مواد : عبرت ميگزين، ڪاوش، الک، تعميرِ سنڌ، گل ڦل، هالار. ڳايل شاعري : ثريا سومرو، شازيا گل، محمد خان رند، ذوالفقار خاصخيلي، فهميده سحر، صائما سومرو، وزير علي بروهي، غلام شبير عباسي، شهزادو لاشاري، زاهده ناز، رشيده راڻي، رامچند فقير، همت علي ميرالي وغيره.
لکيل صنفون : گيت، غزل، نظم، وائي، چؤسٽا، بيت، ڪالم، ڪهاڻيون وغيره. ٻن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــــزل

پـريـن ڪـي پسـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون
مـحـب جـي مـلـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون

رهـي دل جـي ڌرتـي سـڪـل ٿـوٽ بـنـجـر
مـيـنـهـن جـي وسـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون

ڪـيـنـجـهـر ڪـارونـجـهـر ۽ مـاڳ مـڪـلـي تـي
مـلـي گـڏ گـهـمـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون

صدا روئـي رهـيـون اوجاڳـن ۾ اکـڙيـون
خـوش ٿـي کـلـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون

ڏنـا سـيـن چـمـن ۾ چـکـر چـڪـور وانـگـي
چـنـڊ کـي چـمـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون

وئـي سـک سـاڙي ن سـپـنـا ٿـيـا سـاپـيـان
سـڄـڻ کـي سـڄـڻ جـون حسـرتـون ئـي رهـيـون

## غـــزل

پڙهي ڇا ڪندا سين ڪتابن جي دنيا
ڏيئي وئين تون پيارا خوابن جي دنيا

ايريو لهن پيا سڄڻ سور تنهجا
ڪٿي ڪونہ توکان جوابن جي دنيا

هليو وئين تون جاني جڏو جيءُ جلائي
وڃائي هتن سان ثوابن جي دنيا

سڄڻ ساهہ سڪ ۾ سڄڻ جو پيو تڙپي
ماڻي مان نہ سگهيس گلابن جي دنيا

## نظـــم

آهين ماڪي ڪان منڙي
چوڏهين جي چنڊ ڪان چٽڙي
مکڻ جي آهين چاڻي
آهين صفا تون ڏڌ جهڙي
مصر جي آن راڻي
توکي ڏسڻ سان بهارون اچن من ۾
تنهجي ڪلڻ سان سُر چڙي پون
ڪي ڪوهياري
تہ ڪي مالڪوس پوپالي راڳ جهڙي
منچر ڪارونجهر
سهڻي تون ساڳ جهڙي
روح منهنجو هي راڻو
تون من جي مومل
مون لاءِ تون ميهار واري سهڻي
تاج محل جهڙي تو ۾ سونهن آ سمايل
وسڪاري ڪان پوءِ ٿر جي پٽن تي سائي گاهہ جيئن وڇايل
ڪيان ڳالهہ سڄڻ کهڙي
چوڏنهن جي چنڊ ڪان چٽڙي..!!
آهين ماڪي ڪان تون منڙي..!!
⊙⊙







**تعارف نمبر.(93)**
[شاعر،ڪهاڻيڪار، محقق، ڪالم نگار]
اصل نالو: قاضي مقصود احمد
ادبي نالو: قاضي مقصود احمد
ولد : قاضي سيف الدين
ذات : قاضي
جنم: 6 سيپٽمبر 1969ع
تعليم : ايم اي سنڌي. ڪرت : سرڪاري ملازم
رهائش : قاضي محلو، تعلقو ۽ ضلعو مٽياري
لکڻ جي شروعات : 1989ع. رابطو: 03003069185
ڇپيل مواد: عبرت مئگزين، عبرت اخبار، سنڌو اخبار، خادم وطن اخبار، ماهوار سوجهرو ڪراچي، ماهوار سنڌ رويو ڪراچي، ٽماهي مهراڻ ڄام شورو، ڇهہ ماهي سنڌي ادب ڄام شورو، ماهوار ڪينجهر حيدرآباد، سلسليوار ڪينجهر سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، روزاني هلال پاڪستان ڪراچي، روزاني عوامي آواز ڪراچي وغيره وغيره
لکيل صنفون : شاعري، علمي، تاريخي، تحقيقي مضمون ۽ مقالا
ڇپيل ڪتاب: 1- مند نہ آهي ماڃ جي (شاعري 1997ع)، 2-دائرا (شاعري، 2015ع)، 3- مسلمان ٻارن جا نالا (تحقيق 2003ع)، 4- تاريخ مٽياري (تاريخ ۽ تحقيق 2006ع)، 5-الرحيق المختوم (سيرت النبي صلي الله عليہ وسلم، ٻہ ڇاپا 2008ع ۽ 2013ع)، 6- لاکو ڦلاڻي (تاريخي سوانحي تحقيق تي مرتب ڪيل ڪتاب، 2009ع)، 7- پير آقا غلام مجدد سرهندي آزاديءَ جي تحريڪ جو نادر ڪردار (سوانح 2016ع).
سنڌس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غـــزل

رات ننڊي، ٻات وڏي، پهر ڪٽن پيا
آءُ تہ آسيس ونون، پل چون پيا

سونهن سهائيءَ ۾ اجا سرس هجين پر
شهر ۾ ڦرجاڻ نہ، راڪاس گهمن پيا

تون بہ پلي هاڻ مون کان سِر گهري ڇڏ
چپ چريا، ٻول لڳم، چنگ وڄن پيا

برھ جي بيمار ڦڪيا ٻُڪ ڦڪين جا
شهر ۾ لقمان وڏو انگ رهن پيا

تون جو خزائن ۾ پڳئين، باغ ٿيون دليون
ٻج ڦٽا، گنچ ٿيا، گل ٽڙن پيا

آءُ ٻڌي پينگهہ لڏون نم جي وڻ ۾
او هو پريان ڏس تہ وڏا ڏار لمن پيا

هاڻ ڪبيون جوڙ ڪٽي لوھ جون تارون
چو تہ نشانيءَ جا سڀ روز ٽٽن پيا

## غــــزل

تشبيهون، استعارا، جڻ تنهنجي در جا باندي
لفظن جا هي شرارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

هوندا گلاب ٽڙيل، تو بن بهار ڪانهي
سهڻا سيئي نظارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

واجهہ ڪري وڃن ٿا، ڪيڏو نہ سر تو وڪري
هي نينهن جا نغارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

موکيءَ کان وٺ مليل آ، نيڻئون خمار جهلڪي
هن دور جا متارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

تنهنجن خواهشن تي، ٿا نابري ورائن
ڊرندڙ اسان تي ڊارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

هن لوڪ کي بہ شابس، منهنجي ئي ڪڍ لڳل آ
ڪمزور ۽ سگهارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

تو سان بغاوتن جو سوچيان تہ ڪيئن سوچيان
منهنجا خيال سارا، جڻ تنهنجي در جا باندي

قسمت جي ڳالهہ آهي، ڪو وس هلي نہ جنهن تي
"مقصود" جا ستارا، جڻ تنهنجي در جا باندي
⊙⊙







**تعارف نمبر (94)**
[شاعر]
اصل نالو : اشرف علي
ادبي نالو : اشرف سولنگي
ولد : علي اڪبر
ذات : سولنگي
جنم 10 اپريل 1985
تعليم مئٽرڪ. ڪرت . درزي
رهائش. رحيم ڏنو سولنگي، تعلقو مورو، ضلعو نوشهرو فيروز
لکڻ جي شروعات 2000 کان. رابطو: 03038163006
ڇپيل مواد : ريڪائون، ميگهہ ملهار, ناتڪ، اخبار، سوپ، سچ.
لکيل صنفون : غزل، وائي، نظم، گيت وغيره.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غــــزل

شايد تہ رُخصتيءَ جو ٻُڌي هوءِ رُني چري
چُلهہ تي حيات ساڻ جلي ٿي ڪُني چري

هلندي هلي تہ ساڻ ڏکهي شام تي وڃي
هڪ جاءِ تي رُڪي تہ حياتي پُني چري

هر مرڪ لڙڪ جي بہ متان تي پهاڄ آ
گوگهي ٿي سسڪيون ڳلو اوڍي چُني چري

ڏڻ خواهشن جا خوب تہ پردي پُنيان لُٽيا
هڪ ديد تي ڏنار ۽ ٻي تي مُني چري

منهنجي مٽي تي ساڻ ڪلنگي ڳلا جي آ
ڪيڏندي رهي ٿي ڪيل نئون چو ڌُني چري

او وقت ڏاوٽيون تو وڌيون سوگهيون ڪري
وِک وِک تي ميار ڏئي ٿي پُني چري

**غـــزل**

تنهائي جي رٽن ۾ واڪا ڪَندي وتي ٿي
هڪ آهه زندگيءَ جي چاچا ڪندي وتي ٿي

ڳلڙا ٻه دارَ آهن لڙڪن ڪي ڦاهيون ايندبون
جلاد ديد ڳاڙهي ماٽا ڪندي وتي ٿي

هن جي اگهاڙي تن ڪي منهنجي بدن ڍڪيو هو
هاڻي حيا جا ڪيڏا پردا ڪندي وتي ٿي

جاڙي ندي اُره جي پنڇي اُجارا ڳولهي
پرواز جي پُڄڻ جا سايا ڪندي وتي ٿي

ننڍڙي عمر اُوڳاڇي پيراسِني پُڳي آ
هر وقت مُند مون سان هاجا ڪندي وتي ٿي

سڪٽي هٿن تي دٻڪي واجهائي دردن ۾
بڪ ڪي وفا جا گهرجن لولا ڪندي وتي ٿي

**وائـــي**

چيڙهه وارن مان ڇَٽي،
روز لڙڪن ڪي ڄَٽي.
وَر ٻنان..!!
طوق رسمون ڪنڌ ۾،
نَٿ اَڙي کهڙي وَٽي.
وَر ٻنان..!!
مند نڪٽّ ساڻ ٿي،
تير هنيا پئي ڳَٽي.
وَر ٻنان..!!
مڏّ ماٽيءَ جو نشو،
نانگ جوين ڪَرُ ڪٽي.
وَر ٻنان..!!
ڏنگ سيڪي چا ڪنديس،
عمر پن پن ٿي ڇٽي.
وَر ٻنان..!!
هوءَ پتڻ تي ڪالهه ڪان،
سوچ جا پَٿر هَٽي.
وَر ٻنان..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر 95**

[شاعر]

اصل نالو: محمد علي

ادبي نالو: علي مخفي

ولد: محمد يونس

ذات : سومرو

جنم: 15 فيبروري 1982ع

تعليم : ايم.اي سنڌي، ايل.ايل.بي (وڪالت)

رهائش : غريب آباد محلو، خيرپور.

رابطو: 03160360082

ڇپيل مواد: عبرت مئگزين،سوجهرو، ادب، ڏات، روشنائي، روشن دنيا، سنڌو، هزار داستان.

لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم وغيره.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـــزل**

ڪر مطالعو جناب دردن جو
زندگي آ ڪتاب دردن جو

آڱرين تي ڳڻڻ ڪان گهٽا آهن
ڪئين ڪجي حساب دردن جو

يار منهنجي دل ۾ اوهان
پيا پڙهايو نصاب دردن جو

هل علي ڪٿي اگهون ڳوڙها
ڪيترو ڪيون آداب دردن جو

**وائي**

مونکي اچي ميڙ..!!
آءُ وکري ويو آهيان..!!

منهنجي حال تي زمانا
ڏند ائين نہ ٽيڙ..!!
آءُ وکري ويو آهيان..!!

جنهن ۾ چقمق چاهہ جو
اهڙو راڳ کو ڇيڙ..!!
آءُ وکري ويو آهيان..!!

پنهنجي پاسي کان علي
ائين نہ اسانکي ٽيڙ..!!
آءُ وکري ويو آهيان..!!

**غزل**

توسان پيارا دوستيءَ جو شوق هو
پاڻ سان جڻ دشمنيءَ جو شوق هو

سٽ سٽ پڄري پوءِ لکي آهي
مون کي ڪاتي شاعريءَ جو شوق هو

ويساهہ گهاتي وقت ڪئي هن سان
هن کي کهڙو خوڪشيءَ جو شوق هو

ماڻهو جت سڀ ديوتا تي ويا
اُت علي کي سادگيءَ جو شوق هو

⊙⊙







**تعارف نمبر (96)**

[شاعر]

اصل نالو: جميل احمد
ادبي نالو: جميل سومرو
ولد : محمد ابراهيم
ذات : سومرو
جنم : 05 جنوري 1969ع تعليم: ايم.اي ( اڪنامڪس)، ايم.ايڊ
ڪرت : هاءِ اسڪول ٽيچر. رابطو: 03337242432
رهائش : تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي، سنڌ.
لکڻ جي شروعات : بي ضابطہ 1992ع کان ( جملي 2 کان 44 غزل ۽ پوءِ ڏگهي ماٺار)، باضابط شروعات 2013 کان.
ڇپيل مواد : مهراڻ ، ڪاوش، ناتڪ، پوپٽ وغيره.
لکيل صنفون : بيت، وائي، ڪافي، غزل، ٽيڙو، ترائيل، سانيٽ، نظم، ڊُهري، چوسٽا، هائيڪا، نثري نظم ۽ مضمون وغيره
ڇپيل ڪتاب: "ريشم جهڙا خواب"
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غزل**

سنگيت ۽ سُر تار تي پهرا نہ لڳايو
فطرت سان ڪُليل پيار تي پهرا نہ لڳايو

هر شوخ ڪلي واءُ ۾ آزاد ڇڏي ڏيو
احساس تي اظهار تي پهرا نہ لڳايو

نيڻن ۾ رکي خواب سنهرا جو وڏي پيو
مسڪين جي هن ٻار تي پهرا نہ لڳايو

پئي امن محبت سچي دنيا ۾ پکيڙي
صوفيءَ جي سوچ سار تي پهرا نہ لڳايو

ماڻهن جا مئل روح ڪلا ساڻ جياري
راڳيءَ تي ، ڪلاڪار تي پهرا نہ لڳايو

هي شاهہ، سچل پيار جي پيغام جا داعي
ڪنهن بيت جي جهونگار تي پهرا نہ لڳايو

**وائـــــــي**

نديءَ گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!
پير نہ ڪو پاڇو
گهٽي گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!
اپ تي چندِ رڳو
پکي گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!
ساري ڏينهن جو ٿڪ
وڻيءَ گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!
ٻوڙ نہ ڪا مانيءَ
وَٿي گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!
پورو ڳوٺ سُتل
ٻنيءَ گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!
بابا ڪونہ وريو
ڪِڪِي گهَري نندِ ۾
سانجهي سج لٿي..!!

**پنجڪـــــڙو**

ڪپهہ جڻ ڪانـپ ۾ آهي
پشم جهڙو بدن هنج ۾
آ نيرولو ڳگن هنج ۾
سڪي اڄ سانپ ۾ آهي
ڪپهہ جڻ ڪانـپ ۾ آهي
⊙⊙







**تعارف نمبر (97)**
[شاعر، ڪهاڻيڪار]
اصل نالو : اظهرالدين
ادبي نالو : آتم دراوڙ
ولد : ظهيرالدّين
ذات : دراوڙ
جنم : 18 آگسٽ 1990ع. تعليم : پرائمري. ڪرت : مزدور
رهائش : ڳوٺ وڪڙو تعلقو ڏوڪري، وارهہ سٽي، تعلقو واره، ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ. رابطو : 03063684124
لکڻ شروعات : 2013ع
صنفون لکيل : شاعريءَ ۾ بيت، وائي، دوها، گيت، نظم، وغيره ۽ نثر ۾ مختصر ڪهاڻيون.
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــــــزل**

ڪيئن وِراڳي وَيهَڻُ آيُئِہ
ووءِ! ڪٿ جزبو ويچڻ آيئہ

ڳسندي آلا ڳسڙا پائي
پُرُ پَيچُرَ ۾ پَيچَڻُ آيُئِہ

نينهَن:تہ پسٽو،پارسُ آهي
چڪ تي ڏيکڻ ڦيرَڻُ آيُئِہ

آيُس اونڌه ڏوئڻ چو مانءِ
واه جو سج پر گيڙَڻُ آيُئِہ

هونءَ هجر هو هاڙَهي هاٽو
هاٽي: ً هَو!ٍ ٿي لَيڪَڻُ آيُئِہ

آتم، ڪيرت مڳٽو ناهي
ڪنڌ اڏيء تي ڦيڪَڻ آيُئِہ

## نظم

رَويّا رَتُ ڪائن ٿا..!!
انهن جو خير گھرندو ڪر
اَڄاڻا ديس جا ماڻهو
مان ڄاڻا ڪيترو ڪُٺڇان
وڪوڙي غير ٿو تن کي
پڪوڙيل مورڙا مارون
پرن جا ڪنپ ڳولهن ٿا
اجل ڪان آڇيو آجو
وطن ڳاڙهو ۾ آزادي
چوڻ آڪڻ ٻُڌڻ سمجهڻ
سَهل آسانُ پنهنجائپ
سني سڪشا ازم ٿيندو
ازم ان تي عمل ٿيندو
پريان پاڙا اوڙا اوريان
ڏٺي عالم سدا ساڳي
رکي آباد سنڌوء سان
تڏهن رَتُ جو قدر ٿيندو
سنڌو سهڻو سندر هوندو
نگر نرمل روين سان
هڳايل ديشڙو هوندو
پرين پرميشور هوندو
سنڌو اهڙو وطن ٿيندو
سنڌو اهڙو وطن ٿيندو.
رَويّا رَتُ ڪائن ٿا..!!

## وائـــي

اپ، ڪان سر گُھريندڙ ٻيجل
ٻول پڪيئڙا ٻول..!!

باک، لئہ لالي گھربل آهي
اُشا، لئہ ڏي رت جهول
ٻول پڪيئڙا ٻول..!!

رائي وانگر،آنءُ ٻہ سر ڏيا
تند، تہ اهڙي تول
ٻول پڪيئڙا ٻول..!!

محنت ڪش جي ڦٽيل لڦن تي
لڳئون ٻئي آ ڪول
ٻول پڪيئڙا ٻول..!!

بيد جي وڻ تي وينل پَنڇِي
هينءَ ۾ آهي هول
ٻول پڪيئڙا ٻول..!!

آزاديءَ جي پرواني ريءَ
آتمَ، ڪهڙو مول
ٻول پڪيئڙا ٻول..!!

⊙
⊙








**تعارف نمبر .(98)**
[شاعر]
اصل نالو : احمد خان
ادبي نالو : احمد گل
ولد : حبيب اللهّ
ذات : سولنگي
جنم : 03 مارچ 1988ع. تعليم : ميٽرڪ
ڪرت : مزدوري
رهائش : ڳوٺ رحيم ڏنو سولنگي، وارڊ نمبر 4، تعلقو مورو، ضلعو نوشهرو فيروز،
لکڻ جي شروعات : 2004ع. رابطو: 03063318066
ڇپيل مواد : سنڳند، ريڪائون.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، ڪافي، نظم.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## نثري نظـــم

**“اَن جو داڻو”**

وقت جي واڳ
مِرن جي هٿ لڳل آ،
سچّ اونده جي چادر اوڙهي ڇڏي آ
خوف نندڊ جون گوريون کائي سمهي ٿو،
حياءُ لفظن ۾ ئي رهيو آ
چنڊ وَر ۾ خنجر رکي،
ستارا پيٽ سان ٻم ٻڌي
گهران نڪرن ٿا،
شيهُن هرڻين ڪان مُجرو ڪرائي ٿو،
بازَ ڪبوترن جي پاڙ ڪائن ٿا،
ماکي جي مک ڦٽن مان گند چوسي ڪاچ ٻڻائي ٿي
ماڻهن جا قد ننڍڙا ٿيندا ٿا وڃن
سڄو ڪاروان انڌو پيو هلي،
هوا هيروئن جو نشو ڪري
وتي ٿي ٽيڙ کائيندي،
آدم اَنّ جي داڻي مان
ٻارَ جڻي رهيو آ..!!

## غـــــزل

چانڊو ڪيُن ۾ چنڊ آ لُٽيو گهٽو
اونداهيُن جو آهي من ڏُکيو گهٽو

آڪاس جي نيٽن منجهان ڳوڙها ڳڙيا
پل پل پئي پاتارُ هي لُڇيو گهٽو،

هُن دُنّ جي آڳر متان ڦيرا ڏئي
هي روح پيي لاٽونء جيان ڳُهميو گهٽو

هرياد جي ڪاراڻ مان هيرو مليو
هڪ نانءُ سپ ،جهڙو هيو هُريو گهٽو

چاتيء جي سامهون رکي ڪا آرسي
سينگار سان گڏ عڪس آ پُريو گهٽو

ڪانن ڪَکن ڪڙين جو گهر جڙيل ڏسي
شعلا ڪٽي طوفان هو ڳُهليو گهٽو

سالن پڄاڻا گُل گڏي خوشبو هئي
گهنجيل نظر آيو سندس هُليو گهٽو

## غـــــزل

جسم جسم سان مليو دونهون اٿيو
لمحو لمحو پئي جليو دونهون اٿيو

اُره باڪ جا ڦڪا رهيا سدا
صبح پاڻ هو پليو دونهون اٿيو

چُپ چپن جي موت جهڙي ٿي لڳي
درد درد سان سليو دونهون اٿيو

لـّڙڪ لڙڪُ راز وانگيان هيو
لڙڪ هڪڙو مس ڪريو دونهو اٿيو

هوء ندي تي ڪا الڙ آ ڇوڪري
چنڊ تنهن ڏي جو وريو دونهون اٿيو

مون تہ جسم سوگهو هو ڪيو مگر
روح هن ڏي سُريو دونهون اٿيو

ڦٽ ڳُهري هُئي دوا ڪا درد جي
هُن ملم ڪٽي مکيو دونهون اٿيو

⊙⊙







**تعارف نمبر (99)**
[شاعر]
اصل نالو : علي اصغر
ادبي نالو : "شتاب زرداري"
ولد : صفر خان
ذات : زرداري
جنم : 15 آگسٽ 1991ع
تعليم : مئٽرڪ پاس. ڪرت : پورهيت
رهائش : قاضي احمد. رابطو : 03007045369
لکڻ جي شروعات : 2005ع
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾.
لکيل صنفون گيت، غزل، وائي، ڪافي، نظم، دوها، چوسٽا، قطعا، بيت، رباعي، سانيٽ، ٽيڙو، پنجڪڙا،
ڇپيل ڪتاب "ڇِج مَ قطاران" گڏيل شاعري جنهن جو مرتب بہ پاڻ
اڻ ڇپيل مواد :
1. مون ڏي نيڻ نہ ڪڻ "شاعري"
2. پيار نٿو پلجي "شاعري"
3. تئين جو اَکيا عشق لُڪا "سرائڪي شاعري"
4. ساس قاضي احمد جي تاريخ "تاريخ"
5. پر چو؟ "ڪهاڻيون"
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## گيـــت

ٽڙپي مون تولاءِ رُنو هو، اهڙو تنهنجي ياد ڏنو هو،
دلڙيءَ کي ايذاءُ پڇيو هو ماءُ،
تہ "ڇوري ڇا ٿيو ٿئي..!؟"
ويني ويني چال ڏنو مون، جڻ ڪو سامهون نانگ ڏٺو مون،
منهن تي منهنجي خوف هو ڇانيل، اهڙو تنهنجي ڳوٺ کان آيل،
ڇرڪ پرايم واءُ، پڇيو هو ماءُ،
تہ "ڇوري ڇا ٿيو ٿئي..!؟"
خوابن رات ملايم توسان، ننڊ ۾ پئي ڳالهايم توسان،
منهنجي ٿئي ٿي سار پڇيو تو،؟ ساڳيو ئي آهي پيار پڇيو تو،؟
مون ڇيو وِڦلي هاءُ، پڇيو هو ماءُ،
تہ "ڇوري ڇا ٿيو ٿئي..!؟"
تيز هوا هو در کڙڪايو، مون سوچيو تون هوندين آيو،

ويل انهي جڻ ٻارُ ٿي پئي هس، يڪدم ڊوڙي در تي وئي هس،
جهٽڪ ڏني هئي ڀاءُ، پڇيو هو ماءُ
ته "ڇوري ڇا ٿيو ٿئي..!؟"
آيو ڪو مهمان هو ساجن! منهنجو توڏي ڏيان هو ساجن!
تنهن جي لئہ مون طعام هو ناهيو، ڪائيندي هُن هيئن فرمايو،
ڪونهي ٻوڙ ۾ ساءُ پڇيو هو ماءُ،
ته "ڇوري ڇا ٿيو ٿئي..!؟"
ميندي هٿڙن لايم ويني، گيت "شتاب" ڪو ڳايم ويني،
هڏڪي آئي جيءُ جهُري پيو، هٿ مان منهنجي ٿاله ڪري پيو،
اُٿلي پيا سڀ ڳهاءُ، پڇيو هو ماءُ
ته "ڇوري ڇا ٿيو ٿئي..!؟"

**سرائڪي غـــزل**

عمر هلي ڳئي چرچا ٿوليئي ها
سونهن دا سؤدا سستا ٿوليئي ها

چند پيا ڪوڙي چغلي هٽينڊَئي
رات او مَيڪَڻ ترسيا ٿوليئي ها

ساهہ ڪدڻ دي سازش هَئِي اي
منهن ڪُون لُڪاوَڻ نخرا ٿوليئي ها

ماڻهو تماشي ڪاڻ آ ڳڏ ٿَئي
ڦتڪدا پيا هَم مُجرا ٿوليئي ها

ڇوڙٽا هَس، سو ڇوڙي هليا ڳيا
مئين اُهندا هَم مَيڏا ٿوليئي ها

وقت هَتان ڇُون زوري ڪسيا هي
جوين ڪُون مَئين اچليا ٿوليئي ها

لوڪ شتاب ڪُون سمجهہ نہ سگهيا
شاعر ها ڪو چريا ٿوليئي ها

⊙⊙







**تعارف نمبر (100)**

[شاعر،ڪهاڻيڪار]
اصل نالو: مير محمد
ادبي نالو: احساس ميرل
ولد : نورمحمد
ذات : سهتو
جنم : 15 ڊسمبر 1984ع.
تعليم :. پرائمري.
ڪرت : پنهنجو ڪاروبار
لکڻ جي شروعات : 1999ع. رابطو: 03013516393
اصل ڳوٺ ۽ جنم: ڳوٺ نئين وسي، ضلعو مٽياري.
موجوده رهائش: اڏيرو لعل اسٽيشن، ضلعو مٽياري.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ٽيڙو، ترائيل، چوسٽا، ڪهاڻي، ڪالم وغيره.
ڇپيل مواد : امرتا، اديب، ڪرزما، شام، آڪاش، صبح، نئين آس، همسري، عبرت مگزين، ڪاوش گئلري، سنڌو، هاري، حلال پاڪستان وغيره ۾ اُن کان علاوه گڏيل شاعري جي ڪتاب "هر گُل جي خوشبو پنهنجي" ۽ "ادب آبِ حيات" ۾ شاعري ڇپيل.
ڇپيل ڪتاب :1. "توزندگي ڇيو هو" شعري مجموعو 2014ع.
2. "جڏهن هو زلف ڇوڙي ٿو" شعري مجموعو 2016ع.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**چؤسٽـــــا**

سيارو سرد جاڳي ٿو
وري نئون درد جاڳي ٿو

وجي چند يار ڪي ڇئجان
اجان ڪو فرد جاڳي ٿو

درد دل ۾ ڪُتل ۽ خاموشي
ڊائري گل سُڪل ۽ خاموشي

اڄ به دردر ڪنيو پيو پٽڪان مان
دل جا ٽڪرا ٽُنل ۾ خاموشي

## غـــزل

عـڪس هُن جا آرسيءَ ۾ گُم ٿيا
حوصلا منهنجا دريءَ ۾ گُم ٿيا

جِن دنيا ۾ پاڻ کي سمجهو خُدا
سي وجي آخر مٽيءَ ۾ گُم ٿيا

يادگيرن جا جڏهن ڪوليم پنا
لڙڪ ڪرندي ڊائريءَ ۾ گُم ٿيا

واهه جو قاضيءَ ڪيو آ فيصلو
جگر جا ٽُڪرا چٽيءَ ۾ گُم ٿيا

ماءُ جيجل جا سُڪون آرام سڀ
پُٽَ جي آوارگيءَ ۾ گُم ٿيا

دل جي چوريءَ جا جڏهن پيراکنيم
تنهنجي نيڻن جي گهٽيءَ ۾ گُم ٿيا

اڄ ٿيو احساس ميرل کي اهيو
درد سارا شاعريءَ ۾ گُم ٿيا

## غـــزل

مان جُهو پن ۾ تون ماڙيءَ ۾
ڪيئن رهندي گڏ ڀهراڙيءَ ۾

اڄ گدڙن جا ٿي هاڻ چڱا
هو خوف وڏو اوناڙيءَ ۾

مون ڏاڍا ڳوليا ڪونه لڌا
ڪجهه خواب رکيل الماڙيءَ ۾

اڄ پيءُ چيو پٽ کي سُڏڪي
پٽ! رئندين تون به پڇاڙيءَ ۾

مان شهر اُ ڏيري ٿيشڻ جو
دل قاسي وئي سرهاڙيءَ ۾

⊙⊙







**تعارف نمبر (101)**
[شاعر،ڪهاڻيڪار،ڪالم نگار]
اصل نالو : احمد علي
ادبي نالو : امجد دراني
ولد : مظهر علي دراني
ذات : دراني
جنم : 3 مارچ 1965ع
تعليم : ايم.فل ايجو ڪيشن
ڪرت : ٽيچنگ ايليمينٽري ڪاليج ڪراچي
رهائش : ڪراچي. رابطو: 03003139005
لکڻ جي شروعات : 1984ع
ڇپيل ڪتاب : چار
ڇپيل مواد : ڪاوش، عبرت، عبرت ميگزين، سنڌو، مهراڻ، پاڪ، سنڌ، عوامي آواز، برسات، جسارت وغيره.
لکيل صنفون : ڪالم، ريسرچ آرٽيڪل، ڪهاڻيون، شاعري،
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## وائـــي

پهر پهر ۾،
سازش پئي ٿي سٽجي..!!
سنڌڙي تنهنجي ،
نگر نگر ۾ ،
سازش پئي ٿي سٽجي..!!
انسان تو لئه،
مسجد مندر ۾ ،
سازش پئي ٿي سٽجي..!!
اوندهه آڻڻ ،
لاءِ سحر ۾ ،
سازش پئي ٿي سٽجي..!!

تنهنجي خلاف ٿي ،
تنهنجي گهر ۾ ،
سازش پئي ٿي سٽجي..!!
روح پکيءَ لئہ،
امجد اندر ۾ ،
سازش پئي ٿي سٽجي..!!

**غـــزل**

سنڌوءَ جي سينڌ ميري آ، اوهان پنهنجي سنواريو نہ
لهو پرگهور ڌرتيءَ جي، سچاين کي وساريو نہ

سمورا ڪم وڄن وسري، گهٽائي ڏک جهليا گهرجا
سڄڻ مرڪي نهي سنبري، ائين موڏي نهاريو نہ !؟

هوا جو رخ ڏسن وينا،اسان جا دوست دشمن پيي،
وڏي واکي ، ڪٽي نالو سين آڏو پڪاريو نہ

ڏنو آواز تاريخن چيو پئي ڪنهن وڏي واکي
صدين جي جاڳ کي پوڳي ستو آهيان اٿاريونہ

سنڌي ٻولي پيجي پوري ڪيڍيائيون شهرمان روڙي
هڏن جي مٺ وجي ڪاڏي ائين گهرمان ڌڪاريو نہ

نٺڍي پوڙهي جوان جوڙي گهٽين شهرنءِ ڳوٺن ۾
سڏي سنڌري اديبن کي چيو مون کي وساريو نہ

پلائن جون پليون ڳالهيون، ڪتابن آ ڏ سيو امجد
خطائن کان خطا ٿيندي، خطائن کي اچاريو نہ

**چوُسٽو**

درد چاهي کو ٻڌائيندو پلا
چين جو کو روپ ناهيندو پلا

جن جي خاطر روز ٿا روئون کلون
تن جا پيرا ڪو ڪٽا ئيندو پلا

⊙⊙







**تعارف نمبر(102)**
[شاعر]
اصل نالو : گل محمد
ادبي نالو : وفا گل محمد
ولد : محمد نواز
ذات : جمالي
جنم : 02 مارچ 1988ع
رهائش : شهدادڪوٽ.
رابطو: 03337504137
تعليم : ايم.اي سنڌي
ڪرت : استاد. لکڻ جي شروعات : 2013ع
ڇپيل مواد : عبرت مئگزين، هزار داستان، سنڌو مئگزين، ادب.
لکيل صنفون : غزل، نظم، وائي، نثر.
ترتيب ڏنل : هڪ ڪتاب "پير پير جو پنهنجو پنڌ" گڏيل شاعري.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

تو پڄاڻان شاد ڪاٽي زندگي
آ رهي آباد ڪاٽي زندگي

سار تنهنجي کان بہ فرصت ڪين آ
تون ٿي تون آن، ياد ڪاٽي زندگي

داد جا در بند آهن جا ڪجي
هِي ڏِيان فرياد ڪاٽي زندگي

مختصر آ وقت سپ وٺ ساھ جو
آ ڊگهي ميعاد ڪاٽي زندگي

دل شڪستہ، دل نہ ٿئي ڀيو جا ڪري
آ رهيو ڪو داد ڪاٽي زندگي

بس رڳو تنهنجو جمالي آ مُئو
ٿيو وفا برباد ڪاٽي زندگي

## نظم

"چنڊ جي وڪري جو اشتهار"
چنڊ جي وِڪري جو ڇاپي اشتهار
رات ڪنهن اخبار جئن آهي پُڳي
سپ ڏنڌوڙي خواب تا ٻوليون هڻن
خوبصورت چاندنين جي روپ جا
تا لڳن هوڪا سرِ بازار ۾
نيڻ وڪجي تا وڃن ساڃاهه جا
تا تين سودا گهڙيءَ ۾ راهه جا
ڪڙڪڻا ڪئين نوٽ جهومڻ تا لڳن
تِيون ڪِرن دانشوريون سپ ٽاٻڙي
ليڪڪن جا مُلهه ڪَٽجي تا وڃن
نظرين جا ريٽ سٽيا ۽ ستيل
ڳوترين جا مُنهن ٻه ڪولي تا وڃن
ڪو ٻه اهڙي دلربا ماحول ۾
پاڻ ڪي ڪاتي سنيالي تو سگهي
قلم جون نوڪون تين نيلام ٿيون
۽ هزارين نظرياتي ذهن پي
ٻن ٽَڪن تي پاڻ ڪي وڪرو ڪري
ديس جا دلال ٻڌجي تا پون
ان رذالت جي فضا ۾ شخص ڪو
جي اگر لکندو رهي تو سچ ڪو
سو گهٽو تاريخ کان آ متيرو
سو گهٽو اتهاس کان اوچو ٻه آ
گيت آ نغمو ٻه آ
دودو ٻه آ جوڌو ٻه آ..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (103)**

[شاعر،ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار]

اصل نالو : عبدالراق

ادبي نالو : ملڪ نديم

ولد : موريو خان

ذات : ملڪ

جنم : 08 اپريل 1948ع

تعليم : ايم.اي، پي.ايڇ.ڊي. ڪرت : پروفيسر

رهائش : ڪنڌڪوٽ.

رابطو : (03323866236 سندس فرزند سڪندر مهراڻ)

لکڻ جي شروعات : 1960ع

ڇپيل مواد : روح رهاڻ، سهڻي، تحريڪ، اديون، سوجهرو، ڪينجهر، تقريبن سيني رسالن ۽ اخبارن ۾.

ڇپيل ڪتاب : 1. سچل سرمست (ٻارن لاءِ) ڇپائيندڙ سنڌيالوجي. 2. تجريدي نظم، 3. سچل جي سيني ۾ سنگرام،4. ڀٽائي بڪ هڙتال تي، 5. اياز ڏوهي آهي.
6. منهنجي جواني ڪنهن ٻه موسم نه چورائي (شاعري)

لکيل صنفون : شاعري جون سڀ صنفون، پاڻ تجريدي نظم جا خالق ,نثر ۾ تحقيق، مضمون، مقالا، ريسرچ، ڪالم، ڪهاڻيون.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ.

## گيت

سڏي پنهنجي سنڌ
ٻڌو سر تي ڪفن
ساٿي هلندا هلو ڙي..!! هلندا هلو..!!

راه آئي ڏکي
پونءِ آهي ٻَکي
ايئن ٿئي نه الا
ٿيون راهه ۾ دفن
ساٿي هلندا هلو ڙي..!! هلندا هلو..!!

تاڙيو لوها سينا
لڳن سال مهينا
ٿيندي نيٺ ختم
هي راهہ ڪٺن
ساٿي هلندا هلو ڙي..!! هلندا هلو..!!

هن پيري گهڙي
ديس رت ڦڙي
ڦڙو ڦڙو ڪري
رنگيو سارو چمن
ساٿي هلندا هلو ڙي..!! هلندا هلو..!!

جو بيٺو ڪُنو
چڻ ديس رنُو
اسين دنيا ڪٽي
جي پرتو وطن
ساٿي هلندا هلو ڙي..!! هلندا هلو..!!

راهہ ڪٺن وئي
منزل مُرڪي پئي
مانجهي مُرڪي وڌو
باقي ٿورو جتن
ساٿي هلندا هلو ڙي..!! هلندا هلو..!!

**بيـــت**

چهرن مٿان چهرا، اسان سڀ اداڪار
ٻاهر ڀڪون ٿهڪون ،من ۾ مڪّار
سچ ڪري سهڪار ،تہ اندر پنهنجا اُجاريون

**نظـــم**

هو ءَ
مون موچي لاءِ
در تي واجهائيندي هوندي..!!
چا ڪاڻ تہ
هن جي ٿيل آ
قرآن سان شادي..!!

⊙⊙





**تعارف نمبر(104)**



[شاعر]

اصل نالو : عبدالطيف

ادبي نالو : لطيف ڪوڪر

ولد : بهرام خان

ذات : ڪوڪر

رهائش : ڳوٺ رئيس قلندر بخش ڪوڪر، پوسٽ بداڻي، ضلعو ۽ تعلقو ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ.

رابطو : 03003364289

تعليم : ميٽرڪ.

لکڻ جي شروعات : 2005ع

لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، نثر، روبائي

ڇپيل مواد : گڏيل شاعريءَ جي مجموعي "ڪوي ڪشمور جا" ۾.

سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــزل**

ڀي چئي اڄ وري ڪا قضا تي اچي
تون نہ نظرون هٽا جڻ سزا تي اچي

هُو سراپا خدا جو آهي روپ ڪو
غم! ڪي ماري امڙ جي دُعا تي اچي

آهين هوشو ڪتي، اڄ هاڻي وري
درد سنڌ جا ڪٽي هي صدا تي اچي

خوشبوئن جا آهن هي ڪلي ڪيت پيا
هو ڪتان خوبرو اپسرا تي اچي

موت ڪي ياڪرين تي پري اڄ وري
زندگي موت ڏانهن باوفا تي اچي

## نظم

**"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"**

ڌرتيءَ آ مون ڏني
پير تنهن تي مون رکيا
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

وحشتن جي وات ۾
رت آهي رات ۾
قيد پنهنجي ذات ۾
ٻوڙا نٿا ٻڌن سدا
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

ابنِ علي جو خون ٿيو
يزيد پوءِ سڪون ڪيو
قيد سيدياڻيون ڪري
جشن هو ملعون ڪيو
برپا ٿي پوءِ عزا
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

سنڌ جا جوڌا هي ڏس
حسينيت جي راهه تي
هوڪا پيا حق جا ڏين
پير تن جا باهه تي
وک ناهن پوئتي هٽيا
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

قند بند ڪولين اندر
هي پساهه ڪٽن پيا
عشق سان هي آشنا
ڌرتي لئه وڙهن پيا
عشق نه ٻيو سنڌ سواءِ
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

ساڙيا وَيا، ڪاڙهيا وَيا
ڦاهين تي، چڙهيا وَيا
ڏوهه آ بس حق گهرڻ!
مُور هِت ماريا وَيا
سختيون سهن ٿا بي پناهه
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

ضامن ڪنو، افضل ڪنو
يامين ۽ صوبل ڪنو
سورهين سر آڇي ڇڏيا
سرويچ پوءِ پريل ڪنو
سر ڏيئي سرها ٿيا
مون آهي محسوس ڪيو
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"
"سنڌ آ ڀي ڪربلا..!!"

⊙
⊙





**تعارف نمبر (105)**



[شاعر]
اصل نالو : سنڌو پيرزادو
والد جو نالو: ستار پيرزادو
ذات : پيرزادو
جنم : 11 سيپٽمبر
تعليم : ايم.اي اردو
ڪرت : سرڪاري نوڪري
رهائش : اِي 15 الشمس ڪومپليڪس، جوهر موڙ، ڪراچي.
ڇپيل مواد : سنڌي ريڪائون، ناٽڪ ميگزين، ڪاوش دنيا، سرتيون، عوامي آواز، سنڌ ايڪسپريس وغيره
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، چؤسٽا وغيره.
ڇپيل ڪتاب : "صليب جاڳ اسان جي" (ترتيب).
سنڌن شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غزل

هي دل اي هرجائي توکي ڳولي ٿي
ڪاٿي آن تنهائي توکي ڳولي ٿي

ڪنهن جو تو آواز ڦُٽي پيو رُوح منجهان
جڻ ڪائي شهنائي توکي ڳولي ٿي

آءُ نئون الزام لڳي ڪو جيئن مون تي
راهن جي رسوائي توکي ڳولي ٿي

چپڙن جي هر لفظ ۾ تنهنجي چاهت آ
اکڙين جي گهرائي توکي ڳولي ٿي

هاڻي پنهنجو پاڻ ڪٿي آهي مون ۾
دلڙي تي سودائي توکي ڳولي ٿي

آءُ پرين هر رات نهاريان ٿي تو لاءِ
آءُ پرين پُروائي توکي ڳولي ٿي

## نظم

**(ڏنڌ آ مگر گهري)**

ٻاهريون سجو منظر
ڏنڌ ۾ وڪوڙيل آ
هر طرف سياري جي

تڌ هارجي وئي آ
جڻ دري بہ ڪمري جي
برف ۾ ڄمي وئي آ
وڻ سپ هي ساوا
ماٺ منجهہ بينا هن
دور ڪي ئي ٻڪريون هن
ٻار جيڪي چاري ٿو
پيرُ پيرَ ۾ تن جو
جڻ رليءَ جو ڪڻ آهي
ٻار لئہ سڄي دنيا
جڻ تہ ڪوئي ڏڻ آهي
سيءُ هي ڊسمبر جو
ٻار ڪي ستائي ٿو
ڏنڌ آ مگر گهري
ڪاٺ جا ڪريل ٽُڪرا
چانگ جون سُڪل ڪانيون
پن وڻ جا ميڙي
ٻاهہ ڪي ڏئي ڦوڪون
نيٺ هُو جلائي ٿو
هٿ پنهنجا سيڪي هُو
بنسري وڄائي ٿو
دُور ٿورڙو اُن کان
اسپتال سرڪاري
جڻ اُجاڙ گهر آهي
ماٺ ٻار چاول جي
جڻ تہ ڪائي رڙ آهي
آئون پنهنجي ڪمري کان
تي ڏسان پئي ٻاهر
برف جهڙو منظر آ
مگ چانهہ جو ناهي
ڪو ڪتاب کوليان تي
جنهن ۾ شاعري آهي
جڻ تہ منهنجي ڪمري ۾
ٻاهہ ڪا ٻري آهي

⊙⊙







**تعارف نمبر (106)**

[شاعر،ڪهاڻيڪار]

اصل : نالو بدرالدين

ادبي : نالو بدر قاضي

والد جو نالو : محمد بخش

ذات : قاضي

جنم : 01 آگسٽ 1961ع

تعليم : بي.يو.ايم.ايس. فاضل طب و جراحت.

ڪرت : حڪمت.

رهائش : نصرپور، تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار.

لکڻ جي شروعات : 1985ع

رابطو : 03003358563

مواد ڇپيل : امرتا،ادب، ساڃي، شعراءِ ٽنڊوالهيار، ڪاوش وغيره.

صنفون : غزل، وائي، بيت، ٽيڙو، نثري نظم، ڪهاڻيون ۽ تاثر.

هڪ ٻن ڪتابن جو مواد موجود ڇپائڻ لاءِ ڪوشش جاري.

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**نثري نظم**

راهه خار ۾ ڪنهن،
ڪنهن ڪي ڇڏيو،
اها ڳالهہ نٿو ڪيان مان..!!
بس ايترو آهي،
رفاقت تنهنجيءَ ۾
سک،چين ۽
ننڊ ڦٽي هئي..!!
هاڻ وڇوڙي کان پوءِ
سڪون سان
سمهندو آهيان..!!

## نثري نظـــــم

هيءُ ڏاڍ، ڏهڪاءُ،
نفرتون، ڪدورتون،
هيءُ روز جو قتل عام،
مون نہ سوچيو هو..!!
امن هجي، ڀائيچارو،
پيار، محبت، اونهارو، سيارو..!!
خزان مٽجي، ٿئي بهار ۾
دشمن ڦري، ٿئي دوست وفادار..!!
تنهن لاءِ مون هو لوچيو،
تون بہ آءُ دوست،
هڪ منجهان بہ ٿيون،
ٻن مان ٻارنهن،
گڏجي سوچيون لوچيون،
۽ ماڻيون منزلون،
خواب،
تعبيرون هزار..!!

## ٽيـــــڙو

ڪرسي خاطر گند
شور شرابو روز جو
ٿيڻ گهرجي بند

***

ڏاڍي سوکي آهہ
لائڻ دلبر دوستي
پاڙڻ اوکي آهہ

## هائيڪـــــو

گاهہ لٽندي هوءَ..!!
مون ڏي هر هر پئي تڪي
پاٽس چنديس چوهہ..!!

⊙⊙







## تعارف نمبر (107)

[شاعر]
اصل نالو : ذاڪر حسين
ادبي نالو : ذاڪر سيتائي
ولد : شبير احمد
ذات : سولنگي
جنم : 05 اپريل 1980ع
تعليم : ميٽرڪ. ڪرت : مزدوري. رهائش : سيتارو ضلعو دادو
رابطو : 03442525478. لکڻ جي شروعات : 2013ع
لکيل صنفون:غزل،گيت،وائي،نظم،نثري،نظم، هائيڪا، چوسٽا.
ڇپيل مواد . مختلف اخبارن ۽ رسالن ۽ ميگزينن ۾.
ڇپيل ڪتاب : 1. (ڌهر منجهہ ڏيئا ) گڏيل شاعري، 2. (چوڏس مينگهہ ملهار ) گڏيل شاعري. هڪ ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غـــــزل

هُو نہ هڪ ساريون وڄن ٿيون
ڪوهہ تي ناريون وڄن ٿيون

هلُ هلي چت تان ڏسون ڪيئن
ڳوٺ ڏي لاريون وڄن ٿيون

هُو ڪنيون سيئي پليءَ جون
ڊاڪَ تي ڪاريون وڄن ٿيون

ڇَپَ ڇُمين جا ٿانوَ پريل
سَٿَ ۾ هاريون وڄن ٿيون

دل جي ڌرتي ، يادگيريون
مينهن جان ناريون وڄن ٿيون

جَن سهاري مان جيئان هان

سي اکيون ماريون وڃن ٿيون

**آزاد نظم**

سونهن تنهنجي ڪي ڏسي
مان ايئن ٿو پائيان
جڻ ته مندر ۾ سَجل
مورتي آهين مٿي
چيلهه ٿئي چهبُڪ ۾
وار پيي واسينگ ٿئي
تن ۾ ٿئي سهڻي سڳي
جيئن ٿي وک کي کڻين
جا ڪري آواز ٿي
سپئي کولي راز ٿي
ڳل تنهنجا هوبهو
انب جو قارون ڪٽيل
نيڻ جڻ جاڙيون نديون
چپ ٿي چورين جڏهن
جڻ ته پوپٽ گل مٿان
پاڻ ۾ ٿا پيار ڪن
لفظ ناهن مان سندءِ
سونهن تي ڏس چا لکان
بس ڪمي هڪڙي اٿئي
ڪا ڪمي تو ۾ نه آ
ها اها ئي ٿئي ڪمي
ها اها ئي ٿئي ڪمي
⊙⊙







**تعارف نمبر (108)**
[شاعر]
اصل نالو: امداد علي
ادبي نالو: امداد سولنگي
ولد : رضا محمد
ذات : سولنگي
جنم : 01 فيبروري 1985ع
تعليم : بي اي
ڪرت : ڪلارڪ CMA LAHORE
رهائش : سيالڪوٽ، پنجاب
رابطو: 03433633523
لکڻ جي شروعات : 1999ع
چپيل مواد : هالار، سنڌ رنگ، عبرت مئگزين، سنڌو ڊائجسٽ، ڪوشش، خبرون وغيره.
لکيل صنفون : گيت، غزل، وائي، نظم.
چپيل ڪتاب :
1"پارسائي جون حدون" (شاعري)
2- گڏيل ڪتاب "ڪوي ڪشمور جا" (شاعري)
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غزل**

مان جيئان من زندگي سان ناهه ٿئي
سونهن سرچي عاشقيءَ سان ناهه ٿئي

جڳ منجهان ڪُل ڪلفتون هي دور ٿين
آدمي جو آدميءَ سان ناهه ٿئي

نيڻ خوابن ساڻ گڏجي ٿهڪ ڏين
رات جيڪر ننڊ منيءَ سان ناهه ٿئي

گيت سِهرا خوب ڳائي مان نچان

بس رڳو هُن پوپريءَ سان ناهه ٿئي

هارجي ڳوڙهن سان پئي آ التجا
دلرُبا اڄ ، دلبريءَ سان ناهه ٿئي

درد پالي دل وئي آ ، چُور ٿي
ڦٽ ٻُرن ٿا ڪنهن ڦڪيءَ سان ناهه ٿئي

لوڪ جي ٽوڪر ڪان بهتر آ هِتي
هاڻ پنهنجو مئڪشيءَ سان ناهه ٿئي

**وائي**

رات اڪيلائي ڪي ميڙي
سوچ ٻري ٿي پونم جان..!!

خواب ڪٿان ڪان ايندا آهن،
ننڊ اوجاڳن سان پئي جهيڙي
سوچ ٻري ٿي پونم جان..!!

دل جا چاڪ ڏنا تو دلبر،
اُڌمن سان ائين پاڻ اُڌيڙي
سوچ ٻري ٿي پونم جان..!!

هلڪي هلڪي هير ڏکڻ جي
يادن جا ڪي گيت پئي ڇيڙي،
سوچ ٻري ٿي پونم جان..!!

راهه رُلي تو جوڳي منڙو،
پنهنجا ٿاڪ سمورا ٽيڙي،
سوچ ٻري ٿي پونم جان..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (109)**
[شاعر]
اصل نالو : ممتاز علي
ادبي نالو : ممتاز خادم
ولد : محمد اسحاق
ذات : ميمڻ
جنم : 1968ع
تعليم : ايم.اي سنڌي
رهائش : قاضي احمد
رابطو : 03003246101
ڪرت : سرڪاري ملازم. لکڻ جي شروعات : 1990ع
ڇپيل مواد : مختلف مئگزين، رسالا ۽ اخبارن ۾.
لکيل صنفون : غزل، وائي، آزاد نظم، دوها، چؤسٽا، هائڪا.
مرتب ڪيل ڪتاب : 1. ساٿ ڇڙهندو لڪئين، 2. مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن. اُن ڪان علاوه ٻن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غزل**

رات ٻه توکي ساري نيڻ ستا ناهن
لڙڪ اکين مان هاري نيڻ ستا ناهن

رات سموري چنڊ چڪور سان ڳالهين ۾
تارن کي ٻه سمهاري نيڻ ستا ناهن

تر ۾ ٻک وگهي ٿا ننڊڙا ٻار مرن
ڳالهه اها ويچاري نيڻ ستا ناهن

جام تماچي تڙ تي پهچي هيئن چيو
نوري ڏانهن نهاري نيڻ ستا ناهن

خادم وٺ هو رات متان پلجي ٻه اڇي
ديپ اکين جا ٻاري نيڻ ستا ناهن

**وائـــي**

رستن چارن سان
چنڊ ستارن سان
ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين ؟
شام جو تون هيڪلي
سمنڊ ڪنارن سان
ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين ؟
آئيني سامهون اچي
پنهنجن وارن سان
ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين ؟
ديپ وساڻو اونداهي ۾
هاڻي جارن سان
ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين ؟
يونيورسٽي جي چوڪرن
هيڏن سارن سان
ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين ؟
چانڊوڪي ۾ رات جو
خادم پارن سان
ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين؟

**دوهـــا**

تنهنجي خاطر منهنجي دل ۾ هڪڙو آهي راز
ايئن سلينڊس توسان ساجن ٻيو نہ ٻڌي آواز

ڪان خبر پئي ڪير رکي ويو گل ڪتابن ۾
مونکي سوچن منجھ وجهي ويو پاڻ حجابن ۾

**ٽيـــڙو**

اکين سان اورڻ
حال ڏيڻ ڪنهن ڪان سکئين
بنان چپ چورڻ

★★★

بادل پيا برسي
مونوٽ اج تون سانورا
رات پئو ترسي.

⊙⊙







**تعارف نمبر 110**

[شاعره،فنڪاره]
اصل نالو : شازيا
ادبي نالو : شازيا گل
والد جو : نالو حامد علي
ذات : رند
جنم : 08 جنوري 1998ع
تعليم بي.اي.
ڪرت : راڳ سکڻ جي تعليم جاري.
رهائش : مجاهد ڪالوني، بکيرا روڊ ٽنڊو الهيار
لکڻ جي شروعات : 2012ع
ڇپيل مواد : عبرت، ميگزين، ڪاوش، ٽنڊوالهيار نيوز وغيره.
لکيل صنفون : گيت، غزل، نظم، وائي، چوسٽا، بيت.
ٻن ڪتابن جو مواد موجود
سندن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**اُردو اشعار**

ظالم نے لال کی نگری لال کر دی ہے
وہاں فقیروں نے پھر سے دھمال کر دی ہے

ڈرتا نہیں ہے موت سے یہاں کوئی بھی
دیکھو قائم پھر نئی مثال کردی ہے

سخیؔ لال کو چاہنے والوں نے پھر سے

شازیہ رونق کیسے بحال کردی ہے

**مارواڑي،اُردو مکس گیت**

جِیا نا لاگے مورا اک پل
مارا من بن بیٹھا پاگل رے

ایسے موہے تمھاری میٹھی بولی
جیسے مور پپیہا کوئل رے

ایسے برسیں آنکھیں تمھارے بن
جیسے برسے برکھا بادل رے

چوڑی ماری چھن چھن کر کے
مارا تجھ کو بلائے آنچل رے

دل میں بٹھا کے تجھ کو ساجن
تھاری بن بیٹھی شازیا گل رے
⊙⊙







**تعارف نمبر (111)**
[شاعر]
اصل نالو : خير محمد
ادبي نالو : خيرل سيلرو
ولد : احمد علي
ذات : سيلرو
جنم : 14 اگسٽ 1972ع
تعليم : ايم.اي پوليٽيڪل سائنس
پوسٽل ائڊريس : ناظم سرتاج ڪرياڻہ اسٽور رتو ديرو روڊ شهداد ڪوٽ
. Gmail . Khairmuhammad447@gmail.com
"Phone.pk.03337505187
Saudi.00966598014186
لکڻ جي شروعات : 1990ع.
ڇپيل مواد : ادب، هالار، نئين سوچ، نئين زندگي، خوشبو، عبرت، آس، نئين آس، مرڪ، ڪجهہ هفتيوار اخبارون، گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "نئون نئون منڊ آ" ۾.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، دوها، چؤ سٽا، نوح، قصيدا، آزاد نظم، نعت، حمد، ٽيڙو، هائڪا،
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــزل**

زندگيءَ کي زندگي آ تو ڏني
هن خوشيءَ کي پي خوشي آ تو ڏني

جنهنجي رڳ رڳ پيارسان رسيل هجي
تنهن محبت کي مڳي آ تو ڏني

عشق کان جنهنجي بہ دل واندي هئي
ان جي دل کي دل لڳي آ تو ڏني

جيڪو ڪنهن جي پي عبادت ۾ نہ هو
تنهن کي پنهنجي بندگي آ تو ڏني

روح جي رنجش خلش تي وئي ختم
ا هڙي ان کي تازگي آ تو ڏني

پيار پرور آهي " خيرل سيلرا "
جنهن جي مونکي تشنگي آ تو ڏني

**سرائڪي،غــــزل**

اک ملي اک نال دل تي شاد ڳئي
دل ملي دل نال تي آباد ڳئي

نظر نان نظران دا هئي نياپا پڳا
پياردي مين تي تہ تي امدادڳئي

مين ڪتي فريادهئي اک يار دي
اڄ قبولي سا ميڏي فرياد ڳئي

دلربا دي ناز هن اکيان تي سب
يار دي فرمائش تي آزاد ڳئي

مين آتر وچ "سيلرا خيرل " ڳيم
سرداهاسئوداميڪون مل دادڳئي

**گيـــت**

تو سواءِ نہ يار آ سڪي
زندگي اجا بہ آ ڏکي
ڏک سواءِ سک نتو ملي
سک جو آهي ناءُ تو رلي
سک ۾ زندگي آ ڪنهن ڪٿي
درد سان آ دم ڳنديو پيو
غم سان يار پيار آ سچو
سک سان دوستي نہ آ سني
آ حياتي بيوفا صنم
موت کي ئي محبوبا چيم
قبر ۾ بہ هوندي سا ڪٿي
"سيلرا " خوشيون ورهائي ڇڏ
سور سيني ۾ سمائي ڇڏ

⊙⊙





**تعارف نمبر (112)**



[شاعر]
اصل نالو : علي بخش
ادبي نالو : علي منصور
ولد : عبدالغني
ذات : سنڌي پناڻ
جنم : 14 جنوري 1983 ع
تعليم : مئٽرڪ پاس
رهائش : هاڻي محنت مزدوري جي سلسلي ۾ سعودي عرب، اصل گهوٽڪي سنڌ.
لکڻ جي شروعات : 2005 ع.
رابطو : 03003446212/ 00966551473199
ڇپيل مواد : سنڌ ايڪسپريس، سوپ، باک رسالو، عبرت مئگزين ۽ ڪجھ ٻين رسالن ۾.
لکيل صنفون : غزل، نظم، وائي، چؤسٽا، نثري نظم، بيت، ڪجھ ٽيڙو ۽ هائيڪا.
ٻن ڪتابن جيترو مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چوند.

**غــزل**

عڪس آهيان ٻن چپن جي چاهہ جو
مون کي ڪو پَتر نہ سمجهي راهہ جو

درد منهنجا اندلني احرام ۾
رنگ تِن تي آ چڙهيل ويساهہ جو

آ نہ واقف عاشقيءَ جي انت کان
دين ڪهڙو ۽ ڌرم گُمراهہ جو

مون پتنگي جيئن جلي تولئہ پرين
لُطف پاتو عشق جي آڙاهہ جو

تي حياتيءَ ۾ اسان تي چانورو
پروسو ڪونهي ڪو ڪجنڊڙ ساهہ جو

هِن ڪنڌي منصور تو تو لئہ لُڇي
تون ڪنارو، ٻيو ٻڻينءَ درياهہ جو

## نظـــــم

### قبيلائي جهيڙا..!!

ڪپائي ڊور سڀ گهر جا
وني هٿيار آيا جي
خريدي هوڏ پئسن سان
ٿيا انسان مان وحشي
ڪُڌا جهيڙا قبيلن جا
پيا ڪن قوم کي زخمي
وڌائون وير نانگن جان
ڪُنائون ڪيترا ڪونڌر
وڏا قاتل وڏا اجگر
وڌائي وحشتون گهر گهر
ٻڌيا زوري ونين جا ور
ڪيو برپا وتن محشر
لڀي سک ڪو نه ٿو ڪنهن پر
جنين ميڙيا مهينن ڪان
ڪلاشنڪوف لئه ڏوڪڙ
ٻچن جي پر ڪتابن لئه
نه پئسا پانڌ ۾ تن جي
ڪلاسن ڪان ڪلاشن جو
مٿاهون مرتبو پائن
ڏسيو ڪهڙو ڏيون ٿا پيا
نسل ايندڙ کي آئيندو
اهي ڇا پاڻ ماٽيندا
وڙهي هڪٻئي کي ماريندا
ڏسيو ڪا مات پئي ايندي
انهن بيمار ذهنن کي
ڏسيو هي رات پئي ويندي
ءِ چوڏس روشني ٿيندي
جڏهن ڪرندو نه ڪو لاشو
تڏهن سک چين جو واسو
جمالا گهائبا هر هنڌ
ٻچا پرڻائبا هر هنڌ
پڙهڻ ويندا ننڍا نينگر
ڪنهي سڀ ڳوٺ منهنجي جا
نه جن کي ٿا اماٽيون اڄ
مرڻ جي خوف ڪان ٻاهر
نه جن کي ٿا اماٽيون اڄ
⊙⊙







**تعارف نمبر (113)**
[شاعر]
اصل نالو : عبدالغني
ادبي نالو : عاجز چنو
ولد : علي احمد
ذات : چنو
جنم : 02 اپريل 1980
تعليم : مئٽرڪ. ڪرت : هارپو
رهائش : صيفل خان چنو، لڳ اڏيرولال اسٽيشن، ضلعو مٽياري.
رابطو نمبر : 03443524406
لکڻ جي شروعات : 2000ع
ڇپيل مواد : امرتا، هالار، اديب، صبح، عبرت مئگزين، هزار، دستان، سنڌو، سوجهرو، ڪاوش گيئلري، آڪاش، ڪرزما، عقيق، گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "هرگل جي خوشبو پنهنجي" ۾.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، چوسٽا، ٽيڙو، ڪهاڻي.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غـــــزل

چُـنـــي هـــوا ۾ اُڏي رهـــي آ
لڳـي تـو مـوسـم ڪُـڏي رهـي آ

اسان جي دل تي اوهان جي سائـيـن
سدائــيــن ڪــاتـي مُـڏي رهــي آ

اوهـان جي آڏو اسان جي قـيـمـت
تـــه ٻـــارَ واري گُـــڏي رهـــي آ

حبيب منـهـنجو رقـيب تـي ويـو
تــڏهــن تــه دلـڙي ڏُڏي رهــي آ

زهـر لڳـي تـي حـيـات مـونـکـي
قـدم قـدم تــي ٺُـڏي رهــي آ

عـــجـــيـــب آيــو آ دور عـــاجـــز
وفـا جـي ٻـيــڙي ٻُـڏي رهــي آ

## وائـــــي

روئي ڏنو نيڻن
ننڊڙيءَ ڳالھ تي..!!
اڌو اڌ ڪري ڇڏيو
جيءُ جڏو جذبن
ننڊڙيءَ ڳالھ تي..!!
باھ لڳائي آهي
اندر ۾ اُڌمن
ننڊڙيءَ ڳالھ تي..!!
اڄ وري اوچتو
پاند پُسايو ڳوڙهن
ننڊڙيءَ ڳالھ تي..!!

## چوسِـــــتا

درد ايڏو ٻُرو لڳو سائين
ڪاٽ ڪي جيئن سُرو لڳو سائين

نيڻ ترچا ڪٽي نهاريو تو
هانءُ ۾ ڇڻ ڇرو لڳو سائين

***

ڪڏهن تہ ڪُلندي دري وفا جي
ڪٽي تون ملندين پري وفا جي

اوهانجي رخ مان لڳي ٿو مونکي
اميد ناهي ذري وفا جي

***

زمين توڙي گگن ٿو روئي
رُني آ بُلبُل چمن ٿو روئي

سرير منهنجو سڄو آ ڇچريل
عجب آ يارو ڪفن ٿو روئي

⊙⊙



سخنوَر سنڌ ڌرتيءَ جا

## تعارف نمبر (114)



[شاعر]
اصل نالو : ارشاد علي
ادبي نالو : ارشاد ڪٽپر
ولد : محمدآچر ڪٽپر" مخمور"
ذات : ڪٽپر
جنم: 01 سيپٽمبر 1953ع
پيدائش : نئون ديرو
تعليم : ايم اي (آئي آر). ڪرت : مينيجر (ريٽائر)
رهائش : گلشن حديد ڪراچي
رابطو : 03312323332
پيدائش : نئون ديرو
لکڻ جي شروعات : 2012ع
لکيل صنفون : نثري نظم، نظم، وائي، گيت، غزل، بيت، ٽيڙو، مختصر ڪهاڻيون.

## غــــزل

وينو آ ڇو وڃائي جيڪا امر هئي
تهذيب سا اتم من پنهنجو ثمر هئي

شاداب ڪر الاهي سنڌڙي لطيف جي
پنهنجي پِني دعا پي ڪا بي اثر هئي

تو ياد جا ڇڏي من ارمان جي اها
هر رات ننڊ تي سا ڏاڍو قهر هئي

ڇو ڪونہ سمجهيا تو منهنجا اکر پئي
پنهنجي تہ شاعري پي سادو نثر هئي

پوڄا ڪندي رهي هئي ڪٽپر جا پيار جي
ڇا زندگي جڳن ڪان رڻ جو سفرُ هئي

اردو غزل

اب سیانے ہو گئے ہیں یار اپنے
جو کرو تو بس کہا، یُوں یُوں کرو تم

ہے رکھی گردن چُھری پہ جانِ من نے،
پھر کہا بندا بنو، نہ چُوں کرو تم

ھاتھ رکھ کر سر ڈھکا کچھ نہ دیا بس،
مانگ لی اپنی زباں، ہاں ہُوں کرو تم

جیب خالی ہو سرائی تب لگاؤ
تیل موچھوں اور پھر فاں فُوں کرو تم

جب پڑے تیرا کسی میں کام کٹھر،
پھٹ اسے جاکر بھلے ماموں کرو تم

## نثري نظم

تو کي چنڊ چيو ،
تو روشني چيو ،
ايڏو پيار ڏئي ،
مون تي ٿورو ڪيو.
پر منھنجا پيارا ،
نينھن جا نيارا ،
ايڏو نہ پيار ڪيو ،
پوءِ نہ پڇتاءُ ڪيو !
چو تہ پنھنجي ،
پڃاڙي ناهي رهندي..!!







**تعارف نمبر (115)**
[شاعر]
اصل نالو : محمد اعظم
ادبي نالو : آزاد مري
ولد : صوبدار خان
جنم : 17 آگسٽ 1978ع
تعليم : بي.ايڊ
رهائش : سانگھڙ. ڪرت : سرڪاري ملازم
رابطو : 03412872884
لکڻ جي شروعات : 2016ع
ڇپيل مواد : سانگھڙ، سماچار.
لکيل صنفون : نعت، منقبت، غزل، چؤسٽو، وائي.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ.

## غـــزل

ستايل اکيون ۽ ڏکايل اکيون
اٿئي هي اسانجون او گھايل اکيون

اوهان ڪان پوءِ ڪنهنجون ٿيون ڪونہ آهن
اوهان جي در تي آهن وڪايل اکيون

اوهان جي دڳن تي هميشہ جي لائي
گلابن جيان هي وڇايل اکيون

پسڻ لائي پرين کي تتي ريت جيئن
هجن جڻ اسان جون اجايل اکيون

اسان جي اکڙين جي پڙهي ڳالھ ڪوئي
قرب جي نشي ۾ خماريل اکيون

پلايان پلا ڪيئن آزاد مان
اکن سان هن جون ملايل اکيون

**چوسٽـــو**

ڏنوسين قرب هي تنهنجو ڏنوسين هي پيار تنهنجو
گهڙي ڪن قرب جون ڳالهيون پوءِ تڪرار هي تنهنجو

لڳين ٿو غير جي سيني ڪرين ٿو قرب جون ڳالهيون
انهيءَ ڪان تہ چڱو آهي پرين انڪار هي تنهنجو

**وائـــي**

موٽي بهار آئي
مونڊي قرار ناهي
هينئڙي تي بار آهي..!!

پيرون پڇي ويا هن
گڏ يار ناهي
هينئڙي تي بار آهي..!!

توهر بہ ٽڙ ٽڙايو
ڪېڙن ۾ خار ناهي
هينئڙي تي بار آهي..!!

ڪونجون بہ ڪرڪرايون
ليڪن قطار ناهي
هينئڙي تي بار آهي..!!

چاندي جو چنڊ آهي
سوني پڪار ناهي
هينئڙي تي بار آهي..!!

ويندو هليو هي اعظم
ڪنهن وٽ ترار ناهي
هينئڙي تي بار آهي..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (116)**
[شاعر]
اصل نالو : عبدالغفار
ادبي نالو : غفار شيخ
والد جو نالو : غلام رسول
ذات : شيخ
جنم : 01 فيبروري 1979ع
تعليم: ايف.اي
ڪرت : جيڪا ملي!، في الحال سماء ٽي وي تي.
رهائش : ڏهرڪي/ڪراچي. لکڻ جي شروعات : 1995ع
رابطو : 03323587435
ڇپيل مواد : هالار، سنڌ رنگ، سوجهرو، عبرت، خبرون ۽ ڪاوش.
صنفون لکيل : تقريباً سيني صنفن تي پر غزل گهڻو لکيو اٿن.
سندن شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــزل**

منهنجي اک ۾ پنهنجي اک جا منظر ڳوهِ
پنهنجي هٿ سان ٻيهر چارئي عنصر ڳوهِ

آءُ ڪيراءِ صليبي ديدون ڏاگهہ تي چاڙهہ
سونهن جا نشتر عشق جا مون ۾ لشڪر ڳوهِ

وارن جا ڪي واس رکي وچ خوشبوءِ ۾
جيءُ جبل ڪي پار اُڪاري پٿر ڳوهِ

تنها تنها سانجهي، سڄ خوابن جا
سايائن جي نيري نپ تي، امبر ڳوهِ

بي ترتيبيون ترتيبين ۾ آڻ چريءَ
اونداهين ۾ چنڊ ڪتين جي اوسر ڳوهِ

پاندن ۾ انگوريا آهن شوق پرين
هاڪر جي اڄ جر سان پنهنجي نهڪر ڳوهِ

## نظـــم

انهي عشق جي اڱڻ تي
ڇيريون ٻڌي نچياسين
جِردي ۾ سک پگهاري
دردن ۾ روح ڏاري
ڳوڙهن جا ڳوٽ ڳاري
ڏنيون اکين مان هاري
دامن پنل اکاري
هر شخص جي اکين مان
تي سانوڻيون وٺا سين
جيڏو غرور هو ڪلهه
جنهن سات جي هجڻ تي
هو ناز دل چري کي
مرڪڻ ڪلڻ ملڻ تي
رستن مٿان ڪکر تي
پاڇن جئان گهمڻ تي
هڪبئي جي چانو ٻڌجي
نٿهڻ مٿان لهڻ تي
افسوس ايئن اچانڪ
شيشي جئان ٽُٽا سين
ميڙي سگهيو نہ هٿ ڪو
پئي هانو ۾ ڇپيا سين
چوڏهين جي چنڊ جهڙا
ڪيئي مقام آيا
تيون وائڙيون عشاقيون
ويو وصل موڪلائي
اهنجا ايام آيا
پل پل عجب تي گذريو
پنهنجي ڏني ڪليا سين
پنهنجي ڏني رنا سين..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر(117)**

[شاعر]

اصل نالو : معشوق علي
ادبي نالو : معشوق"مُحسن"
ولد : علي گل
ذات : ابڙو
جنم : 01 مارچ 1993ع.
تعليم : ايم.اي (سنڌي)
ڪرت : استاد. رهائش : دادو مورو پل لڳ ڳوٺ وارياسو.
رابطو : 03003264248
لکڻ جي شروعات : 2010ع.
لکيل صنفون : حمد، نعت، نظم، گيت، غزل، وائي، چؤسٽو وغيره
ڇپيل مواد : مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــزل

عشق تنهنجي جو اثر آهي اجا
سار جو مون وٽ ثمر آهي اجا

ترس ٿورو سونهن ڪي سجدا ڪيان
رات جو پويون پهر آهي اجا

شانَ ۽ شفقت پريو هُو شاهُ آ
چانؤ ڇورن تي ڇپر آهي اجا

خيال جو ڪُورُو ٻريو ڪُتڪو وڏيو
سوچ جو جاري سفر آهي اجا

شالَ! هُو "معشوق مُحسن" سان ملي
ديد اُن لاءِ دربدر آهي اجا

## نظم

توسواءِ رڻَ ۾ نہ رهندس راتڙي
جهنگ ۾ اُڪلي نہ مونکي وچ امان
پيار پنهنجي ٿورڙي کا ٿج امان
عرض آزيون ميڙ منٿون مج امان
ٻارڙي کان ڪينَ پيرو پج امان
سمجهہ منهنجي ماءُ ٻولي ٻاتڙي
تو سواءِ رِڻ ۾ نہ رهندس راتڙي
تو عذابن لئہ جنم جيجل ڏِنو
چو نہ روئان تو بہ ڇاتيءَ کان ڇِنو
روح تنهنجو خوف ۾ ناهي ڊِنو
ڪيترو تو ڪم ڪيو هي آ ڪِنو
ڪنهن پلا اولاد اُجلايو ڪٿي
چاهہ ۾ ٿي ڇُور ڇچلايو ڪٿي
تو ڪنيون جن ڪاڻ جڳ جون تهمتون
سي بہ وِيا توکان ڪري ڪُل نفرتون
تو رکيون هونديون هزارين حسرتون
ماڻ سان تو ڪينَ ماڻيون محبتون
ماءُ پُيءُ توکي ڏني تعليم جا
ڪانہ تن جي تو ڪئي تعظيم سا
تو حيا جو چو پڳو تالو تہ ڏَس
چو هنئي دل ۾ پري پالو تہ ڏَس
ڪير آ منهنجو ابو نالو تہ ڏَس
رڻ ۾ ٿيندو ڪير رکوالو تہ ڏَس
چو پلا خوفِ خُدا ڌارين نٿي
لت رکي نرگهٽ مٿان مارين نٿي
نينهن ۾ نروار ٿي ناري هتي
ڪيس ڪيڏو ٿي ڪري ڪُنواري هتي
سر مٿان سهندي وتي خُواري هتي
ڪا ڪُهي پنهنجن ڇڏي ڪاري هتي
روز ٿو مرندي ڏسان مخلُوقَ مان..!!
ڪيئن رهان ماٺار ۾ "معشُوق"مان..!!

⊙⊙



www.sindhsalamat.com





**تعارف نمبر .(118)**

[شاعر،ڪهاڻيڪار، دانشور، ڪالم نگار]

اصلي نالو : خليل احمد

ادبي نالو : خليل چانڊيو

ولد : محمد ابراهيم

ذات : چانڊيو

جنم : 13 مئي 1965ع

تعليم : ايم.اي اڪانامڪس

ڪرت : پبلڪ رليشنس آفيسر، منسٽري آف پورٽ اينڊ شپنگ، پورٽ قاسم اٿارٽي، ڪراچي.

اصل رهائش : لاڙڪاڻو، موجوده رهائش : ڪراچي

لکڻ جي شروعات : 1992ع

لکيل صنفون: غزل، نظم، پنج ڪڙو، چؤسٽا، ڪالم، ڪهاڻي، مضمون.

ڇپيل مواد : مختلف اخبارن، رسالن ۽ ميئگزينن ۾.

اڻ ڇپيل مواد : هڪ ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾.

سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

## غزل

چنڊ چوڏهينء سوجهرو ناهي ڇڏيو
آرزو پڻ آسرو ناهي ڇڏيو

روڊ رستا بند گليء ڏي گامزن
پوء بہ پانڌي پيچرو ناهي ڇڏيو

سير سنڌوء جي سکي ويئي مگر
دل جي درياء وهڪرو ناهي ڇڏيو

گوشو گوشوار راحتن جو ، غم الم
کو بہ ويڙهو ويڪرو ناهي ڇڏيو

بخت پنهنجي وقت جو ساٿي سڌير
اڄ بہ ڏک جو ڏوجهرو ناهي ڇڏيو



www.sindhsalamat.com

مدتن کان پيار جي پيماني کي
حادثن هڪ جيترو ناهي ڇڏيو

فاصلن جا حال کهڙا اورجن
حالتن اڄ اوترو ناهي ڇڏيو

ڏسي اپ تي حالات گردش زحل
روشني اجان ترورو ناهي ڇڏيو

**نظم**

**تاريخ**

خطائون جي، ڪجن اڄ ٿيون
تن خطائن جي سزا تاريخ ڏيندي آ
لڪائجن ٿا، جي گند گناهن جا
بي پرده تن گناهن کي، ڪري تاريخ ڇڏيندي آ
لمحا جي رهيا، هر وقت سفر ۾ آهن
انهن لمحن کي، واپس ورڻ جي صدا تاريخ ڏيندي آ
جهالت جي انڌيرن ۾ ستمگر طوفانن، ڏيئا جيڪي وسايا ها
اجهاٽل تن ڏيئن کي، ٻارڻ جي حرارت، تاريخ ڏيندي آ
ادب جا گم ٿيل آهن جي شهپارا
انهن شهپارن کي جڳهہ، تاريخ ڏيندي آ
ملي ٿو داد جن کي، دهل ۽ ڌمچر تي
اصل قلمڪارن کي، داد تاريخ ڏيندي آ
زنده قومن جي وساريو ٿا خوشحالي اوهان اڄ پيي
خبر خوشحالي ٻڌائي تن کي، تاريخ ڇڏيندي آ
ڪهاڻي ياد جن کي نہ عنوان ياد جن کي
اهڙن ڪند ذهنن ڪردارن کي، وساري تاريخ ڇڏيندي آ
دلين جا زخم قومن کي، سمهڻ ڪونہ ڏيندا هن
هلڪو خمار آيو ، جاڳائي تن کي تاريخ ڇڏيندي آ
سياست ۾ شعبده بازيون، بد ڪلاميون ۽ بد گمانيون
حقيقي رهنمائن کي، دعا تاريخ ڏيندي آ
خدا ٻڌجي وڃن ٿا جي، خدا جي ڌرتيء تي
زمين جي تن خدائن کي، مٽائي تاريخ ڇڏيندي آ

⊙⊙







**تعارف نمبر (119)**
[شاعر]
اصل نالو : وسيم
ادبي نالو : وسيم گبول
ولد : محمد صالح
ذات : گبول
تعليم : ايم.اي سوشالوجي، ايم.اي سنڌي
جنم : 15 آگسٽ 1984ع. ڪرت : رڪشو هلائڻ.
رهائش : گهوٽڪي / ڪراچي. لکڻ جي شروعات : 1994ع
رابطو : 03048672729
چپيل مواد : عبرت مئگزين، مِٺي، ڪينجهر، ادب، هالار، عوامي آواز، ڪاوش، سنڌ. اُن کان علاوه گهوٽڪي ضلعي جي دوستن جي گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "تارا تارا جهول" ۾ شاعري ڇپيل.
لکيل صنفون:غزل، وائي، نظم، آزاد نظم، نئين ڪويتا، پنجڪڙا.
اڻ ڇپيل: هڪ ڪتاب "ڏُک کي ڏُک آ"ڇپائيءَ جي مرحلي ۾.
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ.

**غزل**

عشق ملهائي پيو زندان ۾
سنڌ امڙ آ جنگ جي ميدان ۾

وطن لئہ ويرين سان وڙهبو تيستائين
جيستائين ساهہ آهي جان ۾

سنڌ جا ساجاهہ وندو هاڻي اُتو
ڪُجهہ تہ غيرت هوندي آ انسان ۾

روز ڪنيجن ديس جا ڳيرو هِتي
روز آهيون عشق جي امتحان ۾

اي اديبو! شاعرو! ڪافر ٿيو
ڪيترو جيئندؤ انڌي ايمان ۾

سيد ۽ سنڌ سان جَڙيل آ جيءَ ائين
ساهہ سمايل هوندو آ جئين جان ۾

**پنجڪـــڙو**

مون ۾ تون گُم تيل هُئين، ڳولي توکي لَڌو مون
ڪُل ڪائنات تون آن، منهنجو سجود توکي
جڻ ڪندر جيان لڳي پيو، پنهنجو وجود مون کي
توبن هُئي وِلهه حياتي، ناهيو آ جڻ اجهو مون
مون ۾ تون گُم تيل هُئين، ڳولي توکي لَڌو مون

**وائـــي**

انسانيت - سفير،
ڀڳت ڪنور رام تون..!!

پيار، امن ۽ سچ جو،
پيغمبر، فقير،
ڀڳت ڪنور رام تون..!!

پير، مُلان ڪان مٿي آن،
سنڌڙيءَ جو امير،
ڀڳت ڪنور رام تون..!!

ماريئي سُر سنگيت جو،
ڪُوڙ ڪُپت کي تير،
ڀڳت ڪنور رام تون..!!

ڌرم ڀُونگي جروار جي،
بس، ناهيئي جاگير،
ڀڳت ڪنور رام تون..!!

رُڪ اسٽيشن- بيگناهه،
شهيد ٿئين راهگير،
ڀڳت ڪنور رام تون..!!

⊙⊙





**تعارف نمبر (120)**



[شاعر]
اصل نالو : منورعلي
ادبي نالو : منورملاح
ولد : ٿلندو خان
ذات : ملاح
جنم : 05 جنوري 1980ع
تعليم : بي.اي. ڪرت خانگي ملازمت
رهائش : ملاح ڪالوني،ڪپرو. لکڻ جي شروعات : 2000ع
رابطو : 03455237685

ڇپيل مواد : سوجهرو، ادب، هالار، هزارداستان، عبرت ميگزين، پرک، همرچو، نئين زندگي، نئين خوشبو، نئين آس، ٽه ماهي مهراڻ، امرتا، نئون نياپو، ميگهه، لاڙڪ ميگزين، ڪاوش ميگزين، سوپ ميگزين، عبرت ميگزين، خبرون، آفتاب، تعميرسنڌ، عوامي آواز، عبرت.

لکيل صنفون :غزل، نظم، وائي، گيت، هائيڪا، بيت، قطعه، دوها.

ڇپيل مواد : شاعريءَ جي گڏيل ڪتابن "سُک نہ سُتا ڪڏهين" ۽ "ڪپرو جا دورِ حاضر شاعر" ۾ پڻ شاعري شامل.

ٻن ڪتابن جيترو نثر ۽ هڪ ڪتاب جيترو شاعري جو مواد موجود

سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـــزل**

هوءَ اندر ۾ ترسي آهي
جڻ مندر ۾ ترسي آهي

وينگس وار سڪائي ويٺي
اُس آڳر ۾ ترسي آهي

خوشين جو سنسار لڳي ٿي
جنهن جي گهر ۾ ترسي آهي

توکان پوءِ هر چانڊوڪي
جڻ ڪندر ۾ ترسي آهي

سوچ مُصور سونهن سکي جي

جڻ منظر ۾ ترسي آهي

ڪير هوا ۾ سڙهه سنيالي
موج لهر ۾ ترسي آهي

ماڻُ اکين ۾ الڪا ساڳيا
ديد به در ۾ ترسي آهي

نيڻ ڪنوارا نڪري پيا هن
ڪنهن تصور ۾ ترسي آهي

خوف اجارو پٽڪيو مون سان
هرڻي بر ۾ ترسي آهي

پاڻ صدين جا تارا سوچيا
اڪ امبر ۾ ترسي آهي

شايد هوءَ آ آسي پاسي
خوشبو پر ۾ ترسي آهي

هاڻي منور موتي ايندو
بارش تر ۾ ترسي آهي

**غـــزل**

روز ٿو زخمي ڪري عاشقي ڪي حادثو
روز آ منهنجي اندر آرسي ڪي حادثو

تون نظر ڦيري وئين راهه تي لاشا هئا
چو نٿو عبرت ڏئي آدمي ڪي حادثو

هردفعي آهي ملي چوڪري ڪنهن موڙتي
هو مُڙي چا جڻ هيو زندگي ڪي حادثو

رات مون تارا ڏٺا ها ٽٽا آ ڪاس تان
سوچ جي آيو ڪٿان سرشتي ڪي حادثو

ها سوالن ڪي نوان ڪيترا ڇهرا مگر
ڪير ويو آهي لکي خودڪشي ڪي حادثو

فاصلا هن پاڻ ۾ روز ٿا وڪري وجون
شڪ جو لوڏي ٿو وجي دوستي ڪي،حادثو

سونهن مان مرڪي ڏسڻ روڪ هي قاتل ادا







**تعارف نمبر (121)**
[شاعر]
اصل نالو : خدابخش
ادبي نالو : ساحل ميمڻ
ولد : حسين بخش
ذات : ميمڻ
جنم : 05 فيبروري 1966ع
تعليم : انٽر پاس
ڪرت : پرائيويٽ سدوس
رهائش : درگاهه لواري شريف، بدين.
رابطو: 03443284557
لکيل صنفون : غزل، نظم،گيت، وائي، دوها، حمد، نعت، قصيده.
ڇپيل مواد : "پيغام لواريه" سنڌي رسالي ۾ شاعري ۽ هڪ مقالو بعنوانِ "مظهريت جي حقيقت".
شرڪت :آواز ٽي.وي پروگرام"منيون ڳالهيون" ۽ "لاڏا سهرا" ۾ بطور مهمان شاعر،
اڻ ڇپيل مواد : امامن سڳورن جي شان ۾ قصيدو، هڪ تقريباً ٽن ڪتابن جو مواد موجود جيڪو مفلسي جي ڪري ڇپجي نه سگهيو. سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

اردوغزل

کیا ہوا کہ زندگی کی، دوڑ میں پیچھے رہے
موت کے سائے تلے، ہر موڑ پر پیچھے رہے

کیا بنانا تھا ہمیں،اور کیا بنا بیٹھے ہیں ہم
جوکچھ بنایا تھا وہ، سر پھوڑ کر پیچھے رہے

نا تمیز فکر تھی ،اور نا جستجو میں ذکر تھا
نفس کے پیچھے ہمیشہ، ہاتھ جو٠ کر پیچھے رہے

سوچتے ھیں اب کہ، ھوگا ھمارا حشر کیا
نادھیانی میں سبھی کچھ، چھوڑ کر پیچھے رہے

آنکھ جب ھے کھلے، ساحل پر بھی ڈوبنے لگے
بھیڑ لہروں کی اور ہم اوڑ میں پیچھے رہے

**نظم**

مان ڪيان ڪوشش مڙئي
هوت هڪ راضي هجي
منهن پري قاضي هجي
لاف ڏاڍي پيو هڻي
جڻ ته ڪو حاجي هجي
منهن پري قاضي هجي
چو ملان قاضي سندو
فرض يا واجب هجي
منهن پري قاضي هجي
عشق ۾ ناهي ملان
چو ۽ چا چاجي هجي
منهن پري قاضي هجي
درد ساحل دم بدم
ڪنل يا غازي هجي
منهن پري قاضي هجي

⊙⊙





**تعارف نمبر (122)**
[شاعر]



نالو : سڪندر علي شاهه
ادبي نالو : ساڳيو
ولد : علي حيدر شاهه
ذات : سيّد
جنم : 12 مارچ 1988ع
تعليم : بي.ايس.سي، بي.ايڊ ۽ ڊي.اي.اِي انجنيئرنگ
ڪرت : اسٽامپ وينڊر. رهائش : غريب آباد محلو، ماتلي.
رابطو : 03133686198
شاعريءَ جي شروعات : 2007ع
ڇپيل مواد : چانڊاڻ، ڦليلي، حوصلو،امرتا وغيره.
لکيل صنفون : غزل، وائي، نظم، چوسٽا، نثري نظم، بيت، دوها.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**دوھو**

لولي مونکي جلدي ڏي او منهنجي جيجل ماءُ
ابدي ننڊ سمهاري ڇڏ، هي دنيا ڏي ٿي گهاءُ

**نظم**

وَڻ ٽِڻ ٻوٽا سُهڻي ٿاري
سَلاِ ٻـ ساوا ٻاري ٻاري
ڦُڙ ڦُڙ ٽِم ٽِم مُند مَلهاري
گُجر چال ۾ ڪُنڍي ڪاري
ڪوڏر ڏانٽا ڪُلهي هاري
ڪٽڪ جوئر ۽ جِتي ساري
ٿَڪري پٽون ٿر جي واري
اٿئي منظر منهنجي سنڌ جا
بلبل طوطا آڙي تتر
ڪسي ٻنا ڪيڙي پتر
سمنڊ لهرون مڪلي منچر
دريا بادشاهه ڍنڍ ڪينجهر
توهه ڪونيٽ اَڪ ٿر ٿر
مني ننو ماتلي سڪر

موهن دڙو لاڙ اتر
اتئي منظر منهنجي سنڌ جا
موتيو گلاب خوشبو ۽ گلڙا
لتڪن جهولن ٻبر پلڙا
مارو ماڻهو صفا منڙا
روجهه گهوڙا هرڻ ٻچڙا
پپر بڙ ۽ نم پنڙا
هنج تلور ۽ مور ڪنيڙا
مڪڙي ڳُل ۽ ڳؤنچ ڪچڙا
اتئي منظر منهنجي سنڌ جا
ڪوئل ڪوڪو سهڻا ساز
ڪُڪڙي ٽرڪي بدڪون ڪاز
ڪبر ڳيرا سرڻون باز
نور نانگ ٻئي ناراض
قدرت تنهجا عجب راز
ڪڪڙ ٻانگ جا آواز
ڊيل ڪري ٿي نخرا ناز
اتئي منظر منهنجي سنڌ جا
جهنگ ۾ ماڪي هتي لار
چوليون مستيون هتي تار
رات جو ڳائي هتي آر
ڪڪر ڪاڙها هتي نار
موڪ اڏون هتي نار
سوين پکي هتي جهار
جرڪن مڇيون هتي چار
اتئي منظر منهنجي سنڌ جا
سسئي مارئي ٻ سنڌ جائي
علڻ فقير ۽ جيوڻي ٻائي
ڪافيون بيت غزل وائي
جنهن ۾ پئي آ سنڌ سمائي
ڳالهه بچي نه باقي ڪائي
سنڌ "سڪندر" سچي سائي
شاهه عقيق پٽ پٽائي
اتئي منظر منهنجي سنڌ جا

⊙⊙





**تعارف نمبر (123)**



[شاعر]
اصل نالو : محمد اشرف
ادبي نالو : محمد اشرف ڪنڀار
ولد : الله بخش
ذات : ڪنڀار
جنم : 21 جولاءِ 1984ع. تعليم : مڊل.
ڪرت : ذاتي ڪاروبار
رهائش : ڳوٺ محمدصالح هنگورجو، رتوڪوٽ
رابطو : 03410355535
لکڻ جي شروعات : 2005ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم وغيره.
ڇپيل مواد : خبرون، عبرت مئگزين.
هڪ ڪتاب جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غزل**

مونکان هو ڏور ڇاڻي پيو
ڳوڙها پرپور ڇاڻي پيو

ڇڏي مونکي ٻتو آ مون
سمورو نور ڇاڻي پيو

ميارن جي وجهي مالها
صدين جا سور ڇاڻي پيو

سموريون عيد جون خوشيون
ڏئي هوگهور ڇاڻي پيو

الئي چو پيو الڳ گهاري
جوين جو ٻور ڇاڻي پيو

**نظم**

اوهان سان ميل باقي آ
اجا اپريل باقي آ
ڪبوتر ڪانءُ اُڏاريان پئي
پرين توکي پڪاريان پئي

ائيــن خـط ۾ لـکـيـو هـو تـو
ڏيـنـهـن ٻـن ۾ تـوسان مـلـبـو
ٻـ ٽـي ڏيـنـهـن جـيـل بـاقـي آ
اجـــا اپـــريـــل بـــاقـــي آ
سڄو ڏيـنـهـن يار ڪاڙهي ۾
سـڙان تـنـهـنـجـي ٽـو پـاڙي
آهي مـون تـي ڪا سازش ٿي
يا تـنـهـنجي ڪا نـوازش ٿي
اهــو بــس ڪـيـل بـاقـي آ
اجــا اپـــريـــل بــــاقـــي آ
پـنـل واسـيـنـگ واري پـئـي
ٻـنـا سـيـنـگـار ماري پـئـي
اکـيـن پـاتـو ڪـجـل ڪـونـهـي
۽ لالـي پـي لڳـل ڪـونـهـي
چـنـبـيـلـي تـيـل بـاقـي آ
اجـــا اپـــريـــل بـــاقـــي آ
اوهان جي ڳالهہ جو نـڪـتي
وڏي سـانـئـڻ وڌ بـخـتـي
سـپـئـي ڳـل ويـا نـڪـري
سڄي خـوشـبـو وئـي اڏري
رهــيــل رابـيـل بــاقـــي آ
اڄ اپـــريـــل بـــاقـــي آ
ڇـري تـون چـنـڊ ڳـذرڻ ڏي
سـتـارن ڪـي ٻـ وڪـرڻ ڏي
ائـيـن چـو رئـي ڪـي تـاٽـيـن ٿي
ڪـريـن چـو مـوڪـلاٽـي ٿـي
ڳـلـن جـي پـيـل بـاقـي آ
اجـــا اپـــريـــل بـــاقـــي آ
ڪسـيـا جـي مـور راٽـي ڪـيـت
رنـا تـن لاءِ پـٽـون ۽ بـيـٽ
اُتـي پـهـتـو نـ آدم ڪـو
ڪـنـدو هـت ڪـيـر مـاتـم پـوءِ
رهـي ڪـٿ ڊيـل بـاقـي آ
اجـــا اپـــريـــل بـــاقـــي آ
اوهـان سـان مـيـل بـاقـي آ

⊙⊙








**تعارف نمبر(124)**
[شاعر]
اصل نالو : محمد صديق
ادبي نالو : وسيم آڪاش سيتائي
ولد : ممتاز علي
ذات : ميمڻ
جنم : 10 اپريل 1984ع
تعليم : بي.اي
ڪرت. خانگي ملازمت
رهائش: ميمڻ محلا . وارڊ نمبر 4 سيتاروڊ
رابطو : 03334511338
لکڻ جي شروعات : 2003ع.
چپيل ڪتاب : "هوائن چير چمڪائِي" (شاعري 2014ع), "ڌهر منجهہ ڏيئا" (سيتا جي سترنهن شاعرن جي گڏيل شاعري 2015ع) "آلا نيڻ آڪاش جا" (شاعري 2016ع)
اڻ ڇپيل ڪتاب. 1."ساپيا جي صبا" (شاعري)، 2. "آڪاش جي وسعت" (نثري نظم).
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن، رسالن ۽ ميگزينن ۾.
لکيل صنفون :غزل، گيت، وائي، نظم، بيت، هائيڪا، چوسٽا وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ

**غـــزل**

مصـور جـئـان چـٽـي ٿـو تـصـوّر
ڪـلا جـو ڪـوي اُٽـي ٿـو تـصـوّر

خيـالـن جـي تـخـتـگـاه تـي ڪـوئـي
خـدائـي ڏسـي پـسـي ٿـو تـصـوّر

سـتـارن جـي ريـگـذار ۾ تـنـهـا
اچـي چـنـڊ جـو رڙي ٿـو تـصـوّر

ڪري ڏنڌلا دوار نظر جا
ڏکي عمر جو ڇٽي تو تصوّر

زميني حقيقتن جي صدا جو
دِلي درد تي ڏُکي تو تصوّر

نہ آزاد ٿي فضا ٻہ وطن جي
نہ ئي قيد جو پري ٿو تصوّر

پريشان ٿي وڃان ٿو گهڙي ۾
گهڙي ۾ نهي ڍهي ٿو تصوّر

نہ آڪاش وٽ سياءُ نہ صورت
مگر ذات جو نچي ٿو تصوّر

**غــــزل**

هوا ساهن ۾ سرهائي، ڪٽي آئي
هٿن ۾ زندگي آئي، ڪٽي آئي

شفق جي منظرن سان مرڪ ڪي رنگي
اکين ۾ شام سرمائي، ڪٽي آئي

قضا دل جي افق جا مامرا پوئي
ستارن جي ٻہ تنهائي، ڪٽي آئي

محبت انتها جي موج ڪي ماٽي
نديءَ جا گهيڙ گهرائي، ڪٽي آئي

حيا جي اوٽ اورانگهي هلي جيئڻ
حصي ۾ ڏوڙ ۽ ڇائي، ڪٽي آئي

سهائي ذات فڪري ڪهڪشائن ڪي
غزل جي گونج ۾ جائي، ڪٽي آئي

⊙⊙







**تعارف. نمبر (125)**
[شاعر]
اصل نالو : سجاد حسين
ادبي نالو : سجاد گل
ولد : حبدار علي
ذات : چانڊيو
جنم : 03 فيبروري 1996ع
تعليم : انٽر
ڪرت : پنهنجو ڪاروبار
رهائش : وارهہ سٽي، تعلقع وارهہ، ضلع قمبر شهدادڪوٽ.
رابطو : 03033595505
لکڻ جي شروعات : 2015ع
ڇپيل مواد : عوامي آواز سنڌي ميگزين،
لکيل صنفون : غزل ، گيت، نظم، بيت، وايون، دوها، هائيڪا، نثري نظم، چارسٽا.
هڪ ڪتاب جو اڻ ڇپيل مواد موجود آهي. سندس شاعريءَ مان ڪجهہ ونڊ.

**غــــزل**

منهنجي شعرن ڪي زندگي ڏيندي
ڪا تہ هوندي ، جا پاڻ ارپيندي

جنهن جي چاهت ۾ شعر ٺاهياسين
ڪيئن ڇئجي تہ سا ٻہ ڳائيندي

هُوءَ جاڏهون جي هُئي ، هلي ويئي
دل وٽي ٿي جَهانُ جهاڳيندي

دل لڳي ٿي وڃي ، نٿي سوچي
ذار ٿيڻ ڪان پو ڪيئن جاليندي

"گل" تہ غم جي جهان ۾ گم آ
ڪيرَ هُن سان ڄمار واڳيندي

## هائيڪو

چوڌاري تارا..!!
هڪڙو شاعر سوچ ۾،
ماضيءَ لامارا..!!

## نظم

ڪراچي ياد ايندي آ..!!
جڏهن پي لاڙڪاڻي جي
سندر نارين ڪي رڪشن ۾
ڏسي دل شاد ٿيندي آ..!!
ڪراچي ياد ايندي آ..!!

اچين اکڙين جي چوڌاري
سنهن ڪپڙن سندي چاري
جڏهن دل ڪي سڏيندي آ..!!
ڪراچي ياد ايندي آ..!!

اهي ڪاريون ، ڦڪيون پرسون
ڪلهن ۾ ۽ روا ڳاڙها
هٿن ۾ سامسنگ فونيون
ڏسي دل داد ڏيندي آ..!!
ڪراچي ياد ايندي آ..!!

جڏهن ريشم گليءَ مان ڪا
نندي آگر وني ناري
رَلِي ڪنهن ساڻ ويندي آ..!!
ڪراچي ياد ايندي آ..!!

جڏهن جُهڙ جي جهروڪن مان
ڏِسي هُن چنڊ جا ليئا
نڏاڪي آس نيڻن جي
جڏهن پاسا مٽيندي آ
ڪراچي ياد ايندي آ..!!
ڪراچي ياد ايندي آ..!!

⊙⊙







**تعارف. نمبر (126)**
[شاعر،محقق، ڪالم نگار، مضمون نگار]
اصل نالو : رحيم داد
ادبي نالو : استاد راهي
ولد : حاجي علي شير
ذات : سومرو
جنم : 01 سيپٽمبر 1969ع
تعليم : ايم.اي سوشل لاجي ۽ ايم.اي سنڌي، اي.ايم.سي .
ڪرت : استاد.
رهائش : چڪ شهر پوسٽ آفيس چڪ
رابطو نمبر : 03337278988 : 030023072077
لکڻ جي شروعات : 1983ع
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن، رسالن ۽ ميگزينن ۾.
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، ٽيڙو، چوسٽا، ڪالم، ڪهاڻي، مضمون، تحيقق.
ڇپيل ڪتاب : 1. "ياسر عرفات جي سوانح حيات"، 2. "مذهب جو فلسفو" 3. "مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪتاب جو ترجمو"، 4. "گڏيل شاعريءَ جي ڪتاب "سُک نہ سُتا ڪڏهن" ۾ شاعري ڇپيل.
اڻ ڇپيل مواد : تقريباً ڏھ ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ.

## غزل

حياتي سموري رهي جستجو ۾
سنڌ ۽ سڄڻ سان رهي گفتگو ۾

سنڌ سونهن منهنجا ٻہ موضوع آهن
ٻنهي سان رهي آ وفا سرخرو ۾

ٻَکي ٻي وسي ٿي هتي زندگيءَ ۾
جبر هيٺ خوهش خوشي آرزو ۾

پري رنگ آئي پکي چانهن جهڙا
وِڻي واھ گلڙن ڇِڳي نازبو ۾

خدا جو بندو آ وجي پاڻ ڄاڻي
نبي تي رکي يا رکي ستگرو ۾

پڙهي ڏس تون تاريخ استاد راهي
ياڳيلا هي ياڳيا هئا دودبدو ۾

## غـــزل

عشق الائي چا چا ميڙي
ڳولا پنهنجي معنا ميڙي

توڏي ڪئن مان لڙڪ اماڻيان
بي وس ڳليون سپنا ميڙي

مسجد مندر ڪيڏو روشن
وحدت پئي تي ڏيئا ميڙي

پوڙهو پيو تو پانا ميڙي
عمر اجان پي ٿاپا ميڙي

آءَ خدا تون هيٺ اچي ڏس
پؤ تو پنهنجا ٻانها ميڙي

تڙ تي ڪو ٻـ تماشو ڪونهي
ڪير اسان جا واڪا ميڙي

پونء مان ٻُڏڪي خوشحالي پر
چاتِي رات رنئيُوتا ميڙي

ٻـک جو چا اخلاق ٻـ آ؟؟
عصمت پئي تي پئسا ميڙي

پيلُ دراوڙ دعوت جا تو
ٻچيل سچيل ڪاڏا ميڙي

ڪعبي ۾ هن دانهون ڪنهنجون
حاجي پاپَ پراڻا ميڙي

جيون گذريو آءَ چوي ڪو
سينو منهنجو صحرا ميڙي

هو جو هليو ڏُور ويو آ
جيون راهي صدما ميڙي

⊙⊙







**تعارف نمبر (127)**

[شاعر]

اصل نالو : ميرحسن

ادبي نالو : ميرحسن امر پنهور

ولد : يارمحمد

ذات : پنهور

جنم : 15 مئي 1980ع

تعليم : انٽر سائنس. ڪرت : مزدوري

رهائش : ڳوٺ شاهه محمد پنهور، هوسڙي، حيدرآباد

رابطو : 03111222663

لکڻ جي شروعات : 2000ع

ڇپيل مواد : اردو انتخاب "موج تهہ آب"، امرتا، عقيق، سنڌو ڊائجسٽ، مهراڻ، پاسبان اردو اخبار، سيوهڻ سماچار اخبار وغيره

لکيل صنفون : غزل، نظم، وائي، بيت، گيت، قطعہ، چؤسٽا.

ڳايل ڪلام : ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان هڪ گيت پروفيسر فقير ڏٽي بخش چانڊيو جي آواز ۾.

تقريباً ٽن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود.

سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــزل

ٻات ۾ روشني اچ تہ ڳولي وٺون
چنڊ جي چانڊني اچ تہ ڳولي وٺون

نفرتن ڪي ڏجي مات محبت ڪري
دل اندر آدمي اچ تہ ڳولي وٺون

اونچ ۽ نيچ جون چو پيو ڳالهيون ڪرين
ماڻهپو سادگي اچ تہ ڳولي وٺون

ٻار پوڙهو جوان فلسفو آ وڏو
بس رڳو زندگي اچ تہ ڳولي وٺون

روز پرچون رسون ڳالھ ڪونهي سني
قرب جي راڳڻي اچ تہ ڳولي وٺون

جا نئي نسل ۾ آڻي جدت چڏي
سا امر شاعري اچ تہ ڳولي وٺون

## نظم

وقت جون لوفر اکيون،
سونهن ليڙون پئي ٿي،
وقت جي بي رحم نظرن جي اڳيان
ڪانہ ٿي ڪا ڄُون سُري..!!
غيرت الئہ ڪيڏانهن وئي،
نور ڪان آجا لڳن،
واٽ ويندڙ چوڪ جا ماڻهوَ سيئي،
هرڪو پنهنجي ڊوڙ ۾ آهي مگن،
ڪو ٻڌل آ..!!
ماڻ سمندر ۾ وري،
ڪو تہ قيري منهن لنگهي ٿو،
پاڻ ڄڻ آ پارسا،
ڪو تہ چٽرون ٿو ڪري ۽ ٺهڪ ڏي،
جا ڪلي مان آس گل جي ٿي رکي،
چا اُنهيءَ جي،
سوچ منزل ڪي وڃي
پڄندي ڪڏهن..!؟
وقت جون لوفر اکيون
ڪيئن لواڙن سونهن ٽيون
وقت جون لوفر اکيون..!!
وقت جون لوفر اکيون..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (128)**
[شاعر]
اصل نالو : عباس علي
ادبي نالو : فقير امر عباس
ولد : يارمحمد
ذات : پنپرو
جنم : 15 نومبر 1976ع
تعليم : انٽر سائنس. ڪرت : زميندار
رهائش : شهر دولت آباد، تعلقو ڪپرو، ضلع سانگهڙ.
لکڻ جي شروعات : 1990ع
رابطو : 03438291705
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن ۽ سنڌي رسالن ۾.
لکيل صنفون : غزل، نظم، وائي، بيت، دوها.
ٻن ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود. سنڌس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

روح راڻو راڙ تي مرڪي پيو
عشق مومل ماڙ تي مرڪي پيو

تون قلندر ڪيترا گهايل ڪندين
لال هڪڙو لاڙ تي مرڪي پيو

تون ڪرارن جو ڏٽي وقلين پيو
هاري خالي ناڙ تي مرڪي پيو

اڪ ڏيدي سان ڏسي ڏيدي اندر
چنڊ هن جي تاڙ تي مرڪي پيو

ها! ٻٽا ڀاڪر ڀري ڪي ڏينهن ٿيا
ٻڪ پنهنجي ٻاڙ تي مرڪي پيو

نيهن جي نانگن ڪکيو آهي امر
جهاڙو هٽندي جهاڙ تي مرڪي پيو

**نظم**

روز وڃي ٿي ساز هو ڇيڙي
ميران کي سمجھائي ڪوئي
جنھنجي تن جي هرڻي ٻوڙي
رُخ ڇڏي صحرا جا موڙي
مورن ۾ بس رقص لڳي ٿو
جنھن پل وار ڇڏي هو ڇوڙي
ڇيرن ڏاڍا ڇرڪ پريا ٿي
گھنگھرو جي تسبيح جا داڻا
ڏوڻڻ سان ڇڻ پير ڇڻيا ٿي
منھنجيون اکڙيون ٻارن وانگر
تنھنجي تن تان پير چُنڊن ٿيون
مونکي منھنجي جانان تون بس
اوڇي وڻ جي لام لڳين ٿي
واءُ ڏکڻ جيئن جام لڳين ٿي
روز تو ڦاسان روز تو ڦٽڪان
ديسي واٽيل دام لڳين ٿي
ناسي مُند ۾ نانگڻ ڪاري
جنھن جي ڪل تي چمڪي واري
جوڳڻ ڪنھن جو جوڳ ڏسي ٿي
ڪنھن جي من جو روڳ ڏسي ٿي
سانجھي تاڻي سانوڻ ساري
ڦُوڪا ڏيئي ڦوڳ ڏسي ٿي
واري تنھنجي لُڄ تي لوڇي
روز سڙي ٿي سوچي سوچي
پير جنھن جا پُکراج هجن
۽ نُهن هجن سپ نيلم جهڙا
من جو ڪيت وڃي سا ڪيڙي
ڇيرن کي چمڪائي سوئي
روز وڃي ٿي ساز هو ڇيڙي
ميران کي سمجھائي ڪوئي
ميران کي سمجھائي ڪوئي

⊙⊙







**تعارف نمبر (129)**
[شاعر،ڪهاڻيڪار ]
اصل نالو : حبيب الرّحمٰن
ادبي نالو : حبيب متو
ولد : شاهه محمد
ذات : متو
جنم : 28 جون 1981ع
تعليم : ايم.اي فائنل
ڪرت : ملازمت
رهائش : شيخ محلا، هنگورجا، تعلقو صوڀوديرو،ضلع خيرپورميرس
رابطو : 03003104994
لکڻ جي شروعات : 1998ع
ڇپيل مواد:عبرت،ڪاوش، سوڀ ميگزين، هالار،سنڌ رنگ ڊائجسٽ
لکيل صنفون : حمد، نعت، غزل، وائي، نظم، بيت، چوسٽا وغيره.
ڳايل شاعري : مختلف چئنلز تان امان الله جمالي، اختر علي اختر ۽ سچل حيدري جي آوازن ۾.
تقريباً ٽن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود.

سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غزل**

بند ڪمري ۾ ارمان سڏڪي پيو
هاءِ هيڪل ڪو انسان سڏڪي پيو

رات رمجھم ۾ مرڪن سندي مالها
گل ڪري ياد گلدان سڏڪي پيو

چاهه محبت ڪٿي جو عزت آ پڳو

محترم اڄ سو مهمان سڏڪي پيو

عيب جي اُجر جي ڄاڻ جنهنکي نہ ڪا
غمزده اڄ سو نادان سڏڪي پيو

ياد مسجد نہ مصلو نہ قرآن رهيو
شوڪ محراب نالان سڏڪي پيو

ڇو حقارت دنيا آ وڌائي چڙي
ٿي حبيب متو حيران سڏڪي پيو

## غـــــزل

هوءَ رُني مان رُنس گڏ رُني رات هئي
وقت جي قيد ۾ پئي پني رات هئي

ماڪ وسندي رهي هوءَ چوندي رهي
ميڙ موتن پري ڪنهن ڏني رات هئي

صرف خاموش ڪڙڪو هوا هو ڪيو
ڇرڪندي ڇرڪندي ڇو ڊني رات هئي

ڪوڙ سپنا سجائي هُتان جا هلي
جيءُ جهوري رني سا وني رات هئي

سانجهہ ڪان درد ۾ سرڪندي سرڪندي
راهہ پلجي ڪٿي گڏ ٻنهي رات هئي

مات ڪاڏي متو پوءِ حبيب مليو
سو بہ پوئين پهر جڏ پُني رات هئي
⊙⊙







**تعارف نمبر (130)**
[شاعر،ڪهاڻيڪار]

اصل نالو : منير احمد

ادبي نالو : منير پنهور

ولد : نور محمد

ذات : پنهور

جنم : 10 اپريل 1981ع

تعليم : انٽر

ڪرت : زميندار

رهائش : ڳوٺ جاڙو پنهور هوسڙي حيدرآباد

رابطو : 03003061729

لکڻ جي شروعات : 2000ع

ڇپيل مواد : عبرت ڪاوش، ماهوار الفاروق، جرائت اردو اخبار، پاسبان، سنڌ رنگ، هزارداستان وغيره.

لکيل صنفون : غزل، گيت، قطعا، نظم.

گلوڪارن پاران ڳايل ڪلام :

غلام شبير سمون، ثمينہ ڪنول، وڃن سنڌي، صائم سومرو، سينگارعلي، قربان چانڊيو، وزيرعلي عمراڻي، عرفان علي.

ٻن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود.

سندس شاعريءَ مان ڪجهہ چونڊ.

اردو غزل

جہاں آج اپنی ملاقات ہوگی
"نئے لوگ ہونگے ، نئی بات ہوگی"

اُسی وقت میرا جنازہ اٹھے گا
گلی میں تمھاری جو بارات ہوگی

ہوا وقتِ رخصت اگر دلربا کا
تو آنکھوں سے اشکوں کی برسات ہوگی

خدا کے سوا کون میرا یہاں پر
وہیں گھر ہے میرا جہاں رات ہوگی

نہیں کوئی تیرا منیر اب یہاں پر
ترے ساتھ رب کی فقط ذات ہوگی

**غـــزل**

بُرا ماڻهو وڃن وڌندا پَلن سان حادثا ٿيندا
چڱن جو دور ئي ناهي، چڱن سان حادثا ٿيندا

اسانجي قوم جا هيرا ڏسو چوندي پيا مارين
اجا سنڌ جي حِلالي هِن پُٽن سان حادثا ٿيندا

ڏيان ٿو واسطو رب جو، پڙهايو بار اڄ پنهنجا
اچي پيو دور اهڙو جو ٻچن سان حادثا ٿيندا

ڏهاڙيءِ تان ڪري جهيڙو، هُنن مالهي ڪيو بدلي
نئون مالهي اڳي ايندو گُلن سان حادثا ٿيندا

ڪُئا مُڙسي ڪري آخر، ٻڌي گهنٽي ويا هُن ڪي،
ٻِلي ٻُڪ تي مَري ويندي ٻِلن سان حادثا ٿيندا

⊙⊙





**تعارف : نمبر (131)**
[شاعر]



اصل نالو: عبدالستار
ادبي نالو : امر عبدالستار
ولد : لال محمد
ذات : ٻاڪڙ(موسيپوٽو)
جنم : 05 جون 1999ع. تعليم : انٽر جاري...
ڪرت : ريڊيو ڪمپيئر. لکڻ جي شروعات : 2014ع
رابطو : 03322088189
لکيل صنفون : نظم، غزل، نئين ڪويتا، وائي، چوسٽا وغيره.
نثر ۾ اخباري ڪالم، شارٽ اسٽوريز، ريڊيو تحريرون، تبصرا، خاڪا ۽ ريڊيو اسڪرپٽ، خط وغيره.
ڇپيل مواد : مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾.
رهائش : مٺي ٿرپارڪر.
شاعري ۾هڪ ڪتاب جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود.نثر ۾ ٻن ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ.

**غـــزل**

ڏور اکين ڪان گوري آهي
ديد اسان جي چوري آهي

چيڙن تي آ ماٺ لٿي اڄ
اکڙين ڳالهه ٻه اوري آهي

نفرت لاءِ ڪوڙ حياتي
محبت لاءِ ٿوري آهي

پاڻ گڏي تي مليا آهيون
پل پل جي ٿي چوري آهي

**نظـــم**

پنهنجو جيون واچوڙي ۾
ڦرندڙ پن جيان ٿي پيو آهي
پنهنجا روح ٻه ٽڪجي پيا هن
پاڻ ٻه جوڳي جي مُرلي مان
نڪتل ڪو آواز لڳون ٿا
جنهن جي هر ورلاپ مان نڪري

نانگن ڳڌجي ڦڻ کڍيا هِن
پاڻ ڏنگڻ لئہ
سڀ وفائون سچ جي آڏو
هاڻي هاري وينيون آهن
سچ جو جيڪو مان هجي ٿو
جنهن سان رب ڪريم ملي ٿو
ان سچ پويان
پاڻ بہ هُون اُپ کان اڳتي
پر پوءِ پنتي
پنهنجو پورو يار وجود
طوفانن ۾ وڪري ويندو
واهوندي جي
دز ۾ لٽجي ويندو آخر
مان بہ نہ ٿو چاهيان هي
تنهنجي اکڙين کابہ اداسي
من جي داسي
پاڻ کي سچ ئي چوڻو پوندو
هاڻي سڀ ڪجھ
ايئن وسارڻ ممڪن ڪونهي
ليڪن
پنهنجي من جي
جيڪر ڳالھ ڪجي ها
هيئن بہ چئجي ها
هيئن وسامي وياسين
جڻ تہ مسافر هئاسين
واٽون ويندي پاڻ ملياسين
نيٺ بہ واٽي وچڙي وياسين
اهڙي منزل هاڻ وجون پيا
ڏور پري جي ماڳن جي آ
تنهنجو ماڳ بہ تون سان آهي
منهنجو ماڳ بہ مون سان آهي
هاڻِ حقيقت سمجھڻ گهرجي..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (132)**

[شاعر]

اصل نالو : فياض علي
ادبي نالو : فياض منصور
ولديت : منصور سيتائي
ذات : سولنگي
جنم : 26 جون 1991ع
تعليم : بي.اي. ڪرت : شاگرد
لکڻ جي شروعات : 2007ع.
رهائش : قاسم آباد، حيدرآباد.
رابطو : 03332982152
ڇپيل ڪتاب : "چوڏس مينگھ ملهار" مرتب ڪيل 2015ع.
ڇپيل مواد : سارنگا، هزار داستان، عبرت ميگزين وغيره
لکيل صنفون : غزل،گيت، وائي، نظم وغيره
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چوند.

**غـــزل**

نہ سيني ساڻ تو لايو
پئي ڳوڙهن ئي ڳالهايو

اوهان جي وصل ۾ تِڙِيُس
اوهان جي هجر مرجهايو

دڳن ۾ ديد هُئي تولئہ
اسان جنمن کان واجهايو

اُميدن کي، اُميدون ڏئي
مون تڙپڻ کي آ تڙپايو

مُنجي ڪو خواب رانديڪو
اکين جو ٻار ڪيڏايو

فدا فياض توتان ٿئي
صنم مرڪي جي فرمايو

## غـــزل

تـنـهـنجي پيـرن کي چُمـن تـوڙي اچـن
خـيـال جـا پـوپـٽ اُڏن تـوڙي اچـن

درد جي بـرسـات ۾ تـيـون، سـانـوري
آس جون جهرڪيون پُسن توڙي اچن

مان نہ تو چاهيان ڪڏهن هڪ پل بہ ڪو
درد ڪي تو وٽ هجن توڙي اچن

لفظن دردن مان لکين تو جي ڳِوي
سون چاندي سي ٿُرن توڙي اچن

منهنجي لفظن جي خواهش يي تہ ڏِسُ
جيئن ئي ڪاڳر تي لهن توڙي اچن

## نظـــم

نچي تو غم
ستارن تي پگا آرس
ڏنيون پئي رات اوباسيون
سُمهي پيو چنڊ يي رولو
تنهنجي پر ياد جا ڏيئا
برن پيا من جي مندر ۾
خيالن کان خيالن مان
اچا تائين لٿي ناهين
اچا اکڙين جي شيشي ۾
ڏسان تو پيو چِتي آهين
آ ناهيو دل ۾ آڪيرو
نظر تنهنجي پکيءَ جي ئي
اُميدن جا اچا پوپٽ
پيا اُڏرن ٿڪا ناهن

⊙⊙







**تعارف نمبر (133)**
[شاعر،ڪهاڻيڪار]
اصل نالو : محمد اسلم
ادبي نالو : استاد اسلم
ولد : استاد لعل محمد
ذات : جمالي. جنم : 1987ع
تعليم: بي.ايس.سي ،بي.ايڊ، ايم.اي، ايم.ايڊ، پي.ٽي.سي، سي.ٽي
ڪرت : پرائمري استاد
رهائش:زوهيب آباد محلو، شهر شهدادڪوٽ، ضلعو قمبرشهداڪوٽ
رابطو : 03342491045
لکڻ جي شروعات: 2010ع
ڇپيل مواد : سنڌي رسالن، اخبارن ۽ ميگزينن ۾.
لکيل صنفون:غزل، گيت، وائي، چوسٽا، بيت، ٽيڙو، دوها، ڪهاڻي
ٻن ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد ڇپائيءَ هيٺ.
ڳلوڪارن پاران ڳايل شاعري: شاهد عباس، پرويز لاشاري، رضا سومرو، تنوير چوڊيو.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غـــزل

رنلن ڪي پرچائڻ وڏي ڳالھ آ
روئندڙن ڪي کلائڻ وڏي ڳالھ آ

ڪو هجي جيڪو درد ٻڌي
ڏاري ڪي پنهنجو بڻائڻ وڏي ڳالھ آ

حسين ماڻهون سان پر ۾ ويهي
سرِعام مسڪرائڻ وڏي ڳالھ آ

پلي ڪرتون خير خيراتون وجي
سخي پاڻ منائڻ وڏي ڳالھ آ

ڪو پينو در ڪان خالي نہ وڃي
اهڙي سخا هلائڻ وڏي ڳالھ آ

پنهنجا تہ پيارا هوندا آهن
پر پنهنجن سان ساٿ نڀائڻ وڏي ڳالھ آ

ٻئي جي پويان تون چو تو لڳين
پنهنجو پاڻ ڪمائڻ وڏي ڳالهه آ

سچي زندگي ٻئي جي غلاميءَ ۾
تن من پنهنجو جلائڻ وڏي ڳالهه آ

ڪو جي ڪري تو ڏاڍ ڏاڍايون
ظالم کي پنهنجو ٻڌائڻ وڏي ڳالهه آ

اسلم سچ تي جي دشمن پوي
تِنهن کي پنهنجو پائڻ وڏي ڳالهه آ

**نظم**

ڪري ٻه چا سگهان تو مان
مڙئي منڙا جيئان تو مان
ڏاڍو مجبور توکان دُور
صفا آهيان چڪنا چُور
مون لاءِ چارئي مند عاشُور..!!
تو آ پاتو ڳاڙهو جوڙو
مون لاءِ قيامت وانگي وڇوڙو
صفا سنگدل آن مهجُور
ظالم ستمگر تئين مشهُور
مون لاءِ چارئي مند عاشُور..!!
اسلم سان نه ڪيئي وفائي
جيئري ڪري وئين جدائي
محبت ۾ هيس مجبُور
تڏهن ڏئي وئين مون کي سُور
مون لاءِ چارئي مند عاشُور..!!

**چوسِٽو**

پيار پنهنجي کان منهنڙو نه موڙبو
يار پنهنجي جو پيچو نه ڇوڙبو
جيسين آ ساهه سريءَ ۾ اسلم
سڪ واري سڳي کي پيو سوربو

⊙⊙







**عارف. نمبر .( 134)**

**[شاعر]**

اصل نالو : محمد ابراهيم
ادبي نالو : ابراهيم ملاح
ولد : غلام رسول
تعليم : پرائمري. ڪرت : هاري. لکڻ جي شروعات : 1998ع
رابطو: 03423412874
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، بيت وغيره.
ڇپيل ڪتاب : "دونهان جن دکائيا" گڏيل شاعري.
ٻن ڪتابن جو سهيڙيل مواد موجود.
ڇپيل مواد : مهراڻ، سوجهرو، سنڌ رِوِيُو، مومل، عبرت ميگزين، هالار، ادب، نئين زندگي، نئين آس، ڪينجهر وغيره.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غزل**

ڌار توکان جيڪا گهڙي گذري
زهر وانگي صفا ڪڙيَ گذري

وقت ڪيڏا نه فاصلا تو ڪري
هي حياتي سڄي رڙي گذري

انتظارن جا هي ڏکها صدما
انتظارن ۾ هر گهڙي گذري

توکان وڇڙي رڳو رهيو ماتم
باهه تي زندگي سڙي گذري

تو ڏنو سات هو جڏهن مونکي
زندگي موت کان لڙي گذري

## نظم

ڪونہ آئين تون پرين
مند آئي ساوڻي
ساريون سڳداسي لٿيون
ڪنهن سان ڪيون ڳالهيون مٿيون
دل ۾ الڪو ٿي پيو
هو پرائي ديس ويو
جيڪو هو دل جو ڏڻي
چڪ وجهي ٿي هانءُ ۾
رات جو پوئين پهر
ها ڏڪڻ جي هير ڪا
چاڪ ڪولي ٿي اندر
سانت منهنجي پوڳنا
آ مقدر هي بڻي
نيڻ راهون پيا ڏسن
ٿا هوائن کان پڇن
ڪونہ آيو ميت آ
جيڪو منهنجو گيت آ
سڪ لڳي جنهن جي گهڻي
نيڻ تنهنجي جاڳ ۾
پيا جلن ڪنهن آڳ ۾
تون ويو آهين پري
ڪانہ ٿي منهنجي سري
دل لڇي هڪڙي جڻي

⊙⊙







**تعارف نمبر(135)**

[شاعر]

اصل نالو : سيد اعجاز علي
ادبي نالو : اعجازشاهہ
والد جو نالو : جهان علي شاهہ
ذات : سيّد
جنم : 16مارچ 1983ع. ڪرت : فوٽو گرافي
رهائش : ٽنڊو غلام علي. تعليم : گريجوئيٽ
رابطو : 03153330621. لکڻ جي شروعات : 2003ع
ڇپيل مواد : سوجهرو، هزار داستان ۾.
لکيل صنفون : غزل، نظم، نئين ڪويتا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

ڪير دل جون حالتون پڌريون ڪري
آرسي ٿي عادتون پڌريون ڪري

مان محبت جو ڪريان پرچار ٿو
لوڪ پنهنجون طاقتون پڌريون ڪري

ڪون نيڻن کي جهلي آ هو سگهي
نيٺ وئي سڀ تهمتون پڌريون ڪري

هو ڀنل آهي اڃي جوڙي ۾، ڇڻ
آسمان پيو آيتون پڌريون ڪري

زندگي جي ڪن ۾ تنهنجون امان
هر ڦڙو پيو پارتون پڌريون ڪري

سي وري واپس وريون ئي ڪونہ جيئن
موسمون وئين چار تون پڌريون ڪري

پو ڪريان پنهنجي ٻہ نالي ٻہ گهڙيون
بس دنيا جي محبتون پڌريون ڪري

## نظم

پڇين تو هاڻ روزو ٿئي..!!
ڪڏهن فاقا ڪيا ڏينهَن
ڪڏهن راتيون اجاريون ٿيون
پياريم لڙڪ ٻچڙن کي
دوائون جيئن مهانگيون ٿيون
اسان عيدون نپايون سين
لتن جي سوچ ڪارائي
جتين ڪاڏا ڪنڌا جيڪي
انهن سان عيد پنهنجي تي
وني قاتل وڳو سبندي
ڏني آئت پي ڪيسي ڪي
وسي هئي هيل چت پنهنجي
تميو هو بورچيخانو
جنت پنهنجي ڏيجاريو هو
ٻچن کي هيل ساوڻ ۾
سَوَڙ سياري نہ آندي هئي
رلي رِيڙهُون هئي پنهنجي
ڪٽنِ تي هند ها ساڳيا
ڪتي گرمي !! ڪتي سردي !!
سمورو سال هو پنهنجو
حياتي کان ئي روزي ۾
جيئڻ پنهنجو ئي بند هو جڻ
مرڻ اوکو آ ٻچڙن پوءِ
ڪٽيم يارنهن مهينا ڪيئن
ڪلهي تي هٿ رکي پڇيئي
ڪڏهن پڇيئي اڇي مونکان
تہ ويڳاڻپ اتم ڇا لاءِ..!!
سمورو سال گذري ويو
کلڻ مون کان ئي وسري ويو
ميان هي ماجرا ڇاهَي...!!
پڇين تو هاڻ روزو ٿئي...!!
پڇين تو هاڻ روزو ٿئي...!!

⊙⊙







**تعارف . نمبر(136)**

[شاعر، ڪهاڻيڪاره، مضمون نگار،ڪالم نويس]

اصل نالو : نسرين الطاف

ادبي نالو : ساڳيو

والد جو نالو : الطاف حسين

ذات : قريشي

جنم : 14 آگسٽ

تعليم : ايم.اي سنڌي ادب، ايم.اي پوليٽيڪل سائنس

ڪرت : تعلقہ ايجيوڪيشن آفيسر فيميل شهدادپور

لکڻ جي شروعات : 1987

لکيل صنفون : غزل . گيت. وائي . نظم . رباعي. ٽي سٽا . چوسٽا. ڪالم . ڪهاڻي . مضمون

ڇپيل مواد : تقريبن سنڌ جي سيني رسالن . مگزين . ۽ اخبارن ۾

ڇپيل ڪتاب : 1. "درد جي چانو" شاعري، 2. "رڻ تو رڙيون ڪري" شاعري.

هڪ ڪهاڻين جو ۽ هڪ شاعريءَ جو ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ.

اُن ڪان علاوه شاعري ۾اڻ ڇپيل ٽن ڪتابن جو مواد موجود ۽ هڪ ڪالمن جي ڪتاب جو مواد پڻ موجود.

سندن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

سانت چوي تي پٽڪا گهرجن
ساز جي ناهي سڏڪا گهرجن

نيڻ جهڪائي ڇا ٿا سوچو؟
وڻ وڻ مان اڄ واڪا گهرجن

هاڻي آءُ امن سان ملجي

ڪيـن امڙ ڪي لاشا گهـرجن

ساهه نه ڪوئي خوف ۾ ڏسجي
خير جا چار ئي پاسا گهرجن

روئي ننڍڙي ڏيءَ چوي ٿي
چار گرنهه تا بابا گهرجن

ساڙ نٿي نسرين گهري دل
پيارا، پيار پتاشا گهرجن

## نظم

توکي روز پڪاريان بابا..!!
تنهنجي راهه نهاريان بابا..!!
تو بن گهر آ خالي خالي
تو بن ڪهڙي عيد ڏياري
هر هر توکي ساريان بابا..!!
تنهنجي راهه نهاريان بابا..!!

تنهنجي ياد اچي ٿي جهوري
من اندر ڪي پوري پوري
تنهنجا پيار سنڀاريان بابا..!!
تنهنجي راهه نهاريان بابا..!!

ساڙ تتيءَ کان خوب بچايئي
جيون جو هر ڍنگ سيکاريئي
ڳالهيون سي نه وساريان بابا..!!
تنهنجي راهه نهاريان بابا..!!

تنهنجي دوري ماري پيئي
وسريا سک نسرين سيئي
هنجون ويٺي هاريان بابا..!!





## تعارف نمبر (137)



[شاعر]
اصل نالو : عزيزالله
ادبي نالو : عزيز سولنگي
والد : محمد عيدن
ذات : سولنگي
جنم : 02 مارچ 1985ع
تعليم : ايم.اي سوشالاجي. لکڻ جي شروعات : 2005ع
ڇپيل مواد : تقريبن اخبارن رسالن ۾.
رابطو : 03113526606
لکيل صنفون : گيت، غزل، وائي، بيت، نظم، پنجڪڙا، ترائيل.
سهيڙيل ڪتاب : 1. "مٺي جا غزل"، 2. "اڏوريون ڪوتائون"، 3."جُهڙ نيڻئون نه لهي". سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## نظم

زندگي جي ڍنڍ مان
پيو رڳو سپنا پيئان
آهيان ڪهڙو پڪي
پر ڪڏي اڏران نٿو
واءُ ۾ ورڪران نٿو
أپ ۾ أيران نٿو
جيءُ تو جهليو رکان
آهيان ڪهڙو پڪي
ڪو به آکيرو اَڏڻ
مونکي ايندو ناهي چڻ
ء نه وڻندو آهي وڻ
مان تو پيندن ۾ رهان
آهيان ڪهڙو پڪي
ڪي مَر ڪاوان تو اناج
ريت رسمن جو وياج
منهنجو پنهنجو آ سماج
خود ئي خود تي تو تڳان
آهيان ڪهڙو پڪي

## غـــــزل

أگهاڙا پير ڪاڏي ويا
ڪُراڙا، پير ڪاڏي ويا

اميدن جو ڪپي ٻيلو
کهاڙا پير ڪاڏي ويا

اڪيلي دل پئي ڳولي
ءِ جاڙا پير ڪاڏي ويا

محبت جي مَڪي ميندي
پو ڳاڙها پير ڪاڏي ويا

اکين جا خواب ترسائي
لڄاڙا پير ڪاڏي ويا

پڙي ڏئي ماٺ جي من کي
هُو راڙا پير ڪاڏي وياڍ

## غـــــزل

لنگهي ٿي ڄڄَ ڳوڙهن جي
ڦِٽي آ ننڊ نيڻن جي

پون ٿا پور پلڙن جا
ڪُڪي ٿي ڪؤنر ٻٻرن جي

مصور دل جي پردي تي
چٽي تصوير خوابن جي

ءِ د ل جا ٻا ر خوابن ۾
ڏسن ٿا منڊ ٻيرن جي

اکين سرمون ڪري پاتي
مٿي معشوق پير ن جي

وئي منحوس ٿي آ هي
نزاڪت من جي ما ڳن جي

ٿڦي ويو وقت ٻا نهينءَ تي
تغاري ڏ ڪ جي چيٽن جي

⊙⊙





## تعارف نمبر (138)

[شاعر]



اصل نالو : جيوڻ
ادبي نالو : فقيرجيوڻ مهر
ولد : فقيرٺارو (مرحوم)
ذات : مهر. جنم: 0 جنوري1980ع
تعليم : مڊل. ڪرت : ٻني ٻارو.
موجوده رهائش :چولستان، تعلقوخانپور ڪٽورا، ضلعو رحيم يارخان پنجاب.
ربط نمبر.03403747722.
لکڻ جي شروعات: 1998ع
لکيل صنفون : غزل، نظم، افسانا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ.

## غـــــزل

ڏسـيـو پـاڻ ڏاڍو اِشـارن ۾ آهـي
مـگـر قـوم پـنـگ جي خـمـارن ۾ آهـي
أفـق تـي اڏي پـئي هـي دنـيـا نـڪـاڻـان
فـرق ڪـو اسـانـجـي سِـتـارن ۾ آهـي
خـزان ڪـي سـدا سـاڻ سـيـنـي لڳـائـي
پـئي روز سـمـجـهـي تـہ بـهـارن۾ آهـي
نڳن جي نڳي تان بہ نڳجي نہ سمجهي
هـي نڳـجـڻ لـئي ٽـيـهـر قـطـارن ۾ آهـي
بـڪـارا سـمـهـاري چـڏيـا ٻـارجـيـجـل
ابـو تـن جـوشـاهـي ٻُـهـارن ۾ آهـي
هـي زردار جي زرتـہ ٻـيـٺـي وڏي پـئي
مـگـر مـلـڪ مـنـهـنـجـو خـسارن ۾ آهـي
ڌڪـاڪـائـي هـرڪـو ويـو ٿـي سـيـاڻـو
اسان ڪان گهـٽـي سـمـجـهہ ٻارن ۾ آهـي
مون شفقت جو پائنيو هيو هٿ مٿي تي
خبر پئي سو هٿ مهنجي وارن ۾ آهي
هـي تـڙپـي پـڪـارن پـيـا ٻـار، جـيـجـل
وڏي سـگـهہ اسـانـجـي بـيـمـارن ۾ آهـي
ڏِنئي حُر هـٿـن سـاڻ واڳـون وطـن جـون
چـئـيـءِ ڏوهہ سـارو غـدارن ۾ آهـي

## سرائيڪي نظم

### مروسو..!!

اساں مال چریندیں مر ویسوں..!!
ایویں حال سنڑیندیں مر ویسوں..!!
ساڈا وارث جگ تے کوئی کینی
کُھتھے وال گنڑیندیں مرویسوں
دربدری کیتے جنم پے ڈیندوں
مردے بال گنڑیندیں مرویسوں
نِکی عمر اچ مال دے ہیلک کر
ہُنڑ وال بنڑیندیں مرویسوں
اساں مال چریندیں مر ویسوں..!!
ایویں حال سنڑیندیں مر ویسوں..!!

اے سارے گپل چیر ودن
لیڈر نہیں خنزیر ودن
باعزت بے توقیر ودن
مفاد پرست شریر ودن
اودوکھے ڈیندے رہ ویندن
اساں بھال گنڑیندیں مر ویسوں
اساں مال چریندیں مر ویسوں..!!
ایویں حال سنڑیندیں مر ویسوں..!!

کیا پلے ملک دے رکھیا ہے
اوبے ضمیرو خنزیرو
سڑکاں سولنگاں پی گئے او
بے مرشدے لوکو بے پیرو
کھا پی تے ڈکاراں مارگیو
لٹ وطن میڈا غدار گیو
جھیڑے ساڈےپلے پاتو وے
ہُنڑ بال لڑیندیں مرویسوں
اساں مال چریندیں مر ویسوں..!!
ایویں حال سنڑیندیں مرویسوں..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (139)**
[شاعر]
اصل نالو : معشوق علي
ادبي نالو : سارنگ سولنگي
والد جو نالو : جمال الدين
ذات : سولنگي
جنم : 22 جولاءِ 1980ع
تعليم : بي.اي
ڪرت : حيسڪو ۾ ڪلارڪ
رهائش : راجپوت ڪالوني، گلشن اقبال بلاڪ 3، ڪراچي
ربطو : 03158504160
لکڻ جي شروعات : 1997ع
ڇپيل مواد : عبرت ميگزين.
لکيل صنفون : غزل، وائي، گيت، نظم، ترائيل، بيت، دوها، چوسٽا، ڇھ سٽا، هائيڪا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چوند:

### غـــزل

رنگين تو سلسلا گھٽائي ڇڏيا
گھَٽيل تو حوصلا گھٽائي ڇڏيا

هيترا فاصلا وڌائي ڇا ٿيو؟
جي تو ڪجھ فاصلا گھٽائي ڇڏيا

ڳالھ ڇئي هڪڙي سانئڻ ڳالھين جا
ڪروڙ تو قافلا گھٽائي ڇڏيا

تون تہ آهين اجان بہ منھنجي دادلي
پر تو رکڻ دادلا گھٽائي ڇڏيا

پيار ٿيو پيدا پنڌ نہ ڪيئين پر
هلڻ جا تو مرحلا گھٽائي ڇڏيا

## نظم

(ننڊ ڪر اڙي! ننڊ ڪر)

ننڊ ويو پئجي اُهو
تو جاڳين جنهن جي لاءِ
ننڊ ڪر اڙي! ننڊ ڪر
جذبا! تون يي ننڊ ڪر

ملڻي ناهي سايان
پويان نہ اِئين ڊوڙاءِ
ننڊ ڪر اڙي! ننڊ ڪر
سپنا! تون يي ننڊ ڪر

بوءِ نہ چاڻن بي نَڪا
خوشبو نہ هتي ڦهلاءِ
ننڊ ڪر اڙي! ننڊ ڪر
چمپا! تون يي ننڊ ڪر

## دوهو

"اڪيون بند، مُنهن پَرتي، ۽ تيءُ تورو هيٺ"
ٽڳيءَ ساڻ ڏئي وئي، ڳل تي چمي نيٺ

## بيت

تنهنجي بُتَ مان رَتَ جي، بوتل ڪُتي چو!
تنهن سان تنهنجو چا وجي، جي ڪو مري ٿو!
انسانيت سان وو! ڪهڙو تنهنجو واسطو!

⊙⊙







**تعارف نمبر (140)**
[شاعر]
اصل نالو : ڪريم بخش
ادبي نالو : اشرف علي
ولد : الله وسايو
ذات : مهر
جنم : 06 جولاءِ 1993ع
تعليم : ٻارنهن درجا پاس
ڪرت : سرڪاري ملازم
رهائش : تعلقہ لکي غلام شاہ. ضلع شڪارپور
ربطو : 03457258144
لکڻ جي شروعات : سيپٽمبر 2016
ڇپيل مواد : عبرت مئگزين، خبرون اخبار. ماهوار ساڃي رسالو.
لکيل صنفون : غزل، نظم، وائي، دوها، چؤسٽا.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غزل

پرين تو پُڄاڻان پٿرُ ٿي ويا سين
صفا جڻ تہ موهن شهرُ ٿي ويا سين

سناٽو رڳي آ حويلي اندر جي
بچيو ڪجھ بہ ناهي ڪنڊر ٿي ويا سين

ڪڏهن ٽهڪ مرڪون سڄڻ هون چپن تي
وڇوڙي ۾ ويران گهرُ ٿي ويا سين

پرين ساٿَ تنهنجي سان منزل پسون ها
جيئن هٿ ڇڏيئي در بدر ٿي ويا سين

بنا تنهنجي جيون مثل ريت سڄڻي
ڦٽا منجهہ توهر ۽ ترُ ٿي ويا سين

رڳي هاڻ يادن جي پوڄا ڪجي ڄتِ
اهو جڻ تہ "اشرف" مندرُ ٿي ويا سين

## نظــــم

رهون ٿا ديش پنهنجي ۾
پرائي حڪمراني آ
اسان جي سنڌ سورن ۾
اسان جي بي ڏياني آ
آ تنهنجو وقت عيشن ۾
ها راندين ۾ ۽ رونشن ۾
ٽري بک تي مئو ٻالڪ
ملي تنهن کي نه ماني آ
نه سچ جو ساٿ ڏي ٿو ڪو
وڏو اڳواڻ ٿئي ٿو جو
مڃان مان ڪيئن ڪنا توکي
اسان جو شاهه باني آ
اسان تي وار ڌارين جا
ڏسي تڪرار ڌارين جا
لڳائي تو ڳلي تن کي
ڪئي هي بدگماني آ
اسان جي بي ڏياني آ
اسان جي بي ڏياني آ

⊙⊙







**تعارف نمبر (141)**
[شاعر،نثر نگار]
اصل تعارف : الله ڏنو
ادبي نالو : الله ڏنو هالاڻي
ولد : محمد جمعن
ذات : لنجو
جنم : 01 آگسٽ 1987ع
تعليم : پرائمري
رهائش : ڳوٺ ڏينٺيون لنجا، ضلعو ٿرپارڪر، مٺي.
رابطو : 03473224531
اي ميل ايڊريس : allahdinolanjo35@gmail.com
لکڻ جي شروعات : 2013ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، نظم، چوسٽا، ٽيڙو، ڪالم، مضمون.
ڇپيل مواد : هزار داستان، صحراءِ ٿر، سامروٽي، نئين جاکوڙ، ٻانهياري ميگزين.
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود. سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

## غــــزل

اوهان کان به مُنهڙو نه موڙي سگهياسين
زماني جون رسمون نه ٽوڙي سگهياسين

جڏهن کان اوهان سان ٿيو پيار آهي
وري ناتو ٻي سان نه جوڙي سگهياسين

ڇڏي ڳنڍ ڏيئي تو دل کي آ دل سان
اڃان ڀي ٻڌل آ نه ڇوڙي سگهياسين

ڏکاريو پرين تو جڏهن در پنهنجي تان
ڪٿي پير پنهنجا نه ڪوڙي سگهياسين

وينا درد دل ۾ وڏي ڪنهن ولر جيئن
هالاڻي سي هرگز نه هوڙي سگهياسين

## نظم

صوفي ٿياسين باغي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين
يار حرام حلال بہ سمجهي
ٻي ڪي پنهنجو مال بہ سمجهي
چورن جي هر چال بہ سمجهي
نہ ڪڏهن دل جي ڌمال بہ سمجهي
صوفين مان ئي ساقي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين

مفلر گيڙو ڳُلهن پائي
پاڻ ڪي بلڪل باغي پائي
شاهہ پنائي ڪي ڳلي لاهي
واتن تي بس ڪوڙ سجائي
ڪيئن چوان پو باغي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين

ڪونہ سگهياسين خُود ڪي ڻاهي
ويس فقيري گيڙو پائي
پٽ ڌڻيء جي وائي ڳائي
ساڳيون سوئي ساز وڄائي
اندر ۾ ڪي نانگ نپائي
ياڳ منجهان تہ اياڳي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين

پل تہ چوي ڪو جديد بہ آهيون
مگر اسان تہ مزيد بہ آهيون
پيئڻ ڪان پو خسيس بہ آهيون
پوءِ نہ ڪنهن جا عزيز بہ آهيون
ذهني يار مريض بہ آهيون
ڪيف لٽا پو ساڳي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين
سچ تہ صفا ڪي داغي ٿياسين

☉☉







**تعارف نمبر .(142)**
[شاعر]
اصل نالو : غلام قادر
ادبي نالو : قربدار قادر
پي جو نالو : عبدالنبي
ذات : چانديو
جنم : 1989ع
تعليم : انٽر
ڪرت : انجنيئر
رهائش : ڳوٺ پنيو خان چانديو، تعلقو ميروخان
رابطو. نمبر 03072937107
لکڻ جي شروعات : 2014ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم وغيره
ڇپيل مواد : عبرت ميئگزين، هالار ڊائيجسٽ.
ٻن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غزل

توکي تو ساجن گلاب ارپيان
زندگي ڪري مان ڪتاب ارپيان

پري پير اڱڻ تي آءُ هلي
خوشيون سڀ مان جناب ارپيان

پنهنجي نيڻن مان پيا ر سخي
ساري زندگيءَ جا ثواب ارپيان

تهنجي قدمن ۾ رکي سر قادر
ڪسڻ جي لاءِ بي حساب ارپيان

**غـــــزل**

خواب اکڙن جا سدا لٽبا رهيا
ٽٽل چور دل جا قطبا رهيا

اميرن جي محفل ۾ تنها اسان
اکين ۾ سدائين سڏڪا رهيا

لائي ڳلي تون ڪرين پيار پيارا
ڪٽي اهڙا پهنجا هن رتبا رهيا

لٽي ڌرتي کي ڪائي ويا وڏيرا
غريب ٽاڻن تي ڪتبا رهيا

قادر لکين سچ نروار تي لک
سدا قيد اسان جا جذبا رهيا

**گيـــت**

ڌرتي تہ تيا بار سدائين..!!
ٻٽيا سين غدار سدائين..!!
واڳون ٻٽجي وينا سنڌ تي
ظلم ڪيا هن چاچا سنڌ تي
ذارين جا تيا يار سدائين
ڌرتيءَ تي تيا بار سدائين..!!

روئي تي هي قوم ويچاري
لٽجي ويو آ هاري ناري
مسڪين کاڌي مار سدائين
ڌرتيءَ تي تيا بار سدائين..!!

ٻڌ تون سارا سوال پتائي
هيٽا تي ويا حال پتائي
تر بر تي وسڪار سدائين
ڌرتيءَ تي تيا بار سدائين..!!

⊙⊙







**تعارف نمبر (143)**

[شاعر]

اصل نالو : وسند
ادبي نالو : ساحر سنڌي
والدجو نالو : مينڊرو مل
ذات : ميگھواڙ
جنم : 01 مارچ 1983ع
تعليم : مئٽرڪ
ڪرت : مووي ميڪر ۽ مڪينڪ
رهائش : مڪمل پتو ڳوٺ ڪلٺهار ڪارو تعلقہ ڏيپلو
رابطو : 03349931502 : sahersindhi@gmail.com
لکڻ جي شروعات : 2005ع
ڇپيل مواد : هزار داستان، پيغام، احمد وغيره.
لکيل صنفون : غزل، وائي، گيت ۽ نظم.
اڻ ڇپيل ڪافي سارو مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

نشانيون هتي ڪجھ ڇڏي تا وڃون
متي ۾ اميدون ڳڏي تا وڃون

زمانو هتي ڪين ڏيندو جيئڻ
هتان پاڻ تنها لڏي تا وڃون

حقيقت ۾ ڪوئي جهڳو ڪونہ تيو
کي خوابن جا گھر بس اڏي تا وڃون

پري پاڪرن ۾ چيم موت کي
ڏنم توکي جيون سڏي تا وڃون

دعا آخري هي چپن تي رهي
خدا هاڻ تنهنجي تڏي تا وڃون

ملي ويندي منزل لحد جي هُتي
کري هوڪ واقعي وڏي تا وڃون

## نظم

موت کهڙو موت آهين
روز تو گهوٽ کسين
اڃان سِکيو الف ب نه هو
زندگي کان بيزار ڪرين
خالي مون کي اڇڻ جو ڏنو
هي سنسار ڏسڻ جو ڏنو
پوري ڪا به تمنا ڪري نه سگهيس
نه من جي ڪا ڪامنا ڪري سگهيس
روز روڄن تي لاش پئي ڏٺم
طعنا مهڻا دڙڪا تي سنم
معني نه زندگي کي ڪا ملي
ان کان اڳم تو چو سڏي
ائين تون نه مونکي مار هتي
اڃان آهيان ڪلهوڪو ٻار هتي
سنڌ جو مان ساهه آهيان
سنڌو لئه ڪا راهه آهيان
منهنجي جنت بهشت آهي هتي
مون کي تنهن کان ڌار نه ڪر
اهڙو اوڪو مونسان پيار نه ڪر
تو کي کهڙي کوٽ آهي
منهنجي ماءُ وٽ ڪو به ناهي
آئون ئي هن جو راڻو آهيان
هن جي پيٽ بکئي جو داڻو آهيان
مون کان منهنجو کس نه فرض
منهنجو آخري اهو عرض
مون کان منهنجو کس نه فرض

⊙⊙







**تعارف نمبر (144)**

[شاعر]

اصل نالو : ميراحمد
ادبي نالو : ميراحمد مير
ولد : درمحمد
ذات : جلباڻي
جنم : 01 جنوري 1979ع
تعليم : گريجوئيٽ. ڪرت : پرائيويٽ جاب
رهائش : ڳوٺ پپري، تعلقه ميرپور ماٿيلو.
رابطو : 03002291125
لکڻ جي شروعات : 2012ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، ڪافي، نظم، چؤسٽا، پنجڪڙا، سانيٽ، ترائيل.
ٻن ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

## غزل

ماضيءَ جي ڳنڍ پل ۾ جوڙي هلي وئي آ
هڪ سار ضبط سارا توڙي هلي وئي آ

دل نانءُ سان انهي جي اڄ ٻي پئي تي ڌڙڪي
هو زندگي مان منهنجي توڙي هلي وئي آ

هڪڙي نهار سان هو فطرت جا رنگ بدلي
زلفن سان رخ هوا جو موڙي هلي وئي آ

لهجن جي آڳ سان سڀ گُل پيار جا جلائي
شعلن جي سمنڊ ۾ چو ٻوڙي هلي وئي آ

اقرار جي تمنا اظهار جي گهٽيءَ ۾
بي سُود پنڌ لوڙي لوڙي هلي وئي آ

هُو هجر جي وِٽين کي اڄ وصل ساڻ ليپي
پُرندڙ وجود منهنجو جوڙي هلي وئي آ

## نثري نظم

**"آخري تيلي"**

شرافت!
ڪنهن ناياب نسل جيئن
اڻ لڀ ٿيندي ٿي وڃي
۽ ڪميٽپ جي شرح جم
تيزيءَ سان وڌي رهي آهي،
ٻُڪ هر برائي جي ماءُ
۽ ڳيوايمان جنمي ٿو،
اُميدون هر روز ٿيڄجي پون ٿيون
احساس ڇٽيندڙ جسم
سنڌ تي چڪا آهن
هماليه کان وڏا نالا
ڪانڊيري جي ڇانوَ ۾ ٽَڪ پيا پچن،
۽ ڪجھ ڄامڙا تہ پنهنجي
هٿ سان چنڊ تي چترڪاري
لئہ پيا سوچن
الميو اهو ناهي تہ
ڪانوَ هنجن جي ٻولي پيا ٻولين
پر..!!
الميو اهو آهي تہ
هنج ڪانوَن جي چوڳ پيا چُڳن
انا جي بدنما داغن سان پريل
ادبي چولو
شهر جي ڌوٻين ڌوئڻ کان انڪار ڪندي
ماچيس ۾ بچيل آخري تيلي سان
اگني سنسڪار ڪري سندن رک
سنڌوءَ حوالي ڪرڻ جو
مشورو ڏنو آهي
۽ مان
سنڌو پليد ڪرڻ
نہ ٿو چاهيان..!!

⊙⊙





**تعارف نمبر (145)**



[شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس]
اصل نالو : عبدالستار
ادبي نالو : عبدالستار آڪاش ٽڪڙائي
والد جو نالو : حفيظ الله
ذات : ڳنپير. جنم : 02 ڊسمبر 1978ع
تعليم : ايم.اي سنڌي، ايم.بي.اي آنرس.
ڪرت : سنڌ پوليس ۾ سب انسپيڪٽر
رهائش : ڳوٺ وسي ملوڪ شاهه ٽڪڙ، تعلقہ بلڙي شاهه ڪريم، ضلعو ٽنڊومحمد خان
ربطو : 03332631030
لکڻ جي شروعات : 1997ع
ڇپيل مواد : عبرت مئگزين، ڪاوش، سنڌو.
لکيل صنفون : شاعريءَ ۾ غزل، نظم، آزاد نظم، بيت، ڪافي، سانيٽ، هائيڪو، ٽيڙو، وائي. نثر ۾ مضمون ، افسانا، ڊراما، ناول.
ڇپيل ڪتاب : 1. چنڊ بنا آڪاش اڌورو (شاعري)، 2. توکي ياد ايندس مان (شاعري).
هڪ ڪتاب شاعريءَ جو ڇپائيءَ هيٺ.
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غــــزل**

ڪاغـــــذ جي نوٽن تي ايمان وڪامي ٿو
دنيا جي منـــــــڊيءَ ۾ انسان وڪامي ٿو

هت جسم وڪامن ٿا جذبات وڪامن ٿا
مجبور جوانـــــيءَ جو ارمان وڪامي ٿو

مذهب سان ڪفالت آ درگاهہ بہ نيڪي تي
بس ناڻءُ عقيدت جي هر دان وڪامي ٿو

جنت جـــــي نالي تي آدم جي هي تذليل

بمبار ٿيـــــڻ لئي ٿي حيوان وڪامي ٿو

ڪجھ نوٽن جي عيوض هٿ ووٽ وڪامن ٿا
۽ وقت اچڻ تي پـــــورو ايوان وڪامي ٿو

هن بي حس نگـــــــريءَ ۾ انسان اتي پهتو
هت قبر وڪــامي ٿي شمشان وڪامي ٿو

سرڪاري آفيسن ۾ هي حال وجي ڏسجان
"صاحب "ڪان وني ويندي "درمان" وڪامي ٿو

ڪُرسي جو مُلھ آهي قانون جي قيمت آ
ٽاٽا بہ وڪـــــامن ٿا ، زندان وڪامي ٿو

گستاخي معاف ڪجو انصاف بہ وڪجي ٿو
هت قلم وڪــامي ٿو فرمان وڪامي ٿو

انسان جــــــي اندرم احساس مري ويو آ
آڪاش تڏهن هر ڪو سامان وڪامي ٿو

**غــــــزل**

تنهنجي طرف ڏسڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو
تو ڏي جهڪي اچڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

اهڙي عظيم هستي هوندي آ فقط ماءُ
جنهن جي مٿان لڪڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

ڪيڏي بہ هجي مشڪل آسان ٿي وڃي ٿي
هن چانوَ جي ملڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

مذهب ٿو چوي تنهنجي پيرن ۾ آهي جنت
هيءَ ڳالھ ئي ٻڌڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

دنيا ۾ ڪوبہ رهبر توکان وڌيڪ ناهي
توساڻ گڏ هلڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

ميدان جنگ ۾ يا جيون جي ڪشمڪش ۾
تنهنجي دُعا وٺڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

هڪ لفظ ۾ سمايل ڪيڏي مناس آهي
توکي "امان" چوڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

آڪاش عقيدت ۽ اڪسير منجهان تنهنجي
هٿڙن کي ئي چمڻ سان هڪ حوصلو ملي ٿو

⊙⊙








**تعارف نمبر (146)**
[شاعره،ڪمپيئر]
اصل نالو : ماهين هيسباڻي
ادبي نالو : ماهين هيسباڻي
والد جو نالو : غلام مرتضيٰ
ذات : هيسباڻي .
جنم : 01 اپريل
تعليم : ايم.اي ادب، ايم.بي.اي
لکڻ جي شروعات : 1998ع
رهائش : khayaban e nishat DHA phase 6 73/1 karachi
لکيل صنفون : غزل، گيت، نظم، وائي، چوسٽا وغيره.
ڇپيل مواد : سنڌ جي سمورن رسالن، ميگزينن ۽ اخبارن ۾.
ڇپيل ڪتاب : 1. "تون" شاعري.
ٻيو ڪتاب "ڪڏهن سيفو ڪڏهن مرڪان" (شاعري) ڇپائيءَ هيٺ
اُن کان سواءِ اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود اٿن.
سندن شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غــــزل**

ٻــڌي آهــون داهــون لــوڪ ســڄــڻ
تـنهـنجي تـهـمت پاتم طوق سڄڻ

مـون عشـق ڪـيـو ٿـيـو عشـق تـڏهـن
پلي عشق منهنجي کي ٿوق سڄڻ

مان تہ ڏينديس پئي تون ڏس نہ پلي
منهنجي اکڙين کي تون نہ روڪ سڄڻ

تــو پـنهـنجـي پـر بـدنـام ڪـيـو
مشـهـور ٿـيـس چـؤڪ چـؤڪ سـڄـڻ

ڇـئـي جـاهـل هـان نـاسـمـجھ آهـيـان
آهـي خـوار ٿـيـڻ جـو شـوق سـڄـڻ

نـڪـي گـل ٿـا ٿـڙن نـڪـي گـلـزاري
سـڄـو سـيـنـو ٿـي ويـو سـوڪ سـڄـڻ

## نظـــم

منهنجا پريتم!
اِها تنهنجي پيار جي پيڙا آهي،
جا منهنجي رڳ رڳ ۾ رچجي وئي آ.
لڙڪ جي منهنجي اکين مان ڳميا آهن
مون انهن جا هار پوئي پاتا آهن.
جيڪي هر پل منهنجي سيني سان چهٽيل رهن ٿا.
توکي ساري منهنجي هر رات
هڪ تاري کان ٻي تاري کي تڪيندي
وهامي ٿي وڃي.
۽ ها، توسان نبھ جي قيد جا ڪنگڻ به،
ٻانهن ۾ پاتا آهن.
۽ هاڻي ته منهنجو ڪو پل اجايو نٿو گذري
ڏکهي اڪيلائي ۽ جدائيءَ ۾
تنهنجي يادن جي طرح طرح رنگ برنگي
خوشبودار پيالن مان ڍڪ پريان ٿي
هاڻي ته منهنجي بدنَ مان تنهنجو واس اچڻ لڳو آهي.
هن جهيڻي جِسمَ تي
تنهنجي چاهه جا
جيڪي ڳرا ڳرا ڳهه ڳنا پاتا اٿم
سي به تنهنجي نينهن جا
راڳ الاپڻ لڳا آهن
جنهن جو پڙاڏو
سڄي ڳوٺ ۾ گونجڻ لڳو آهي.
بند دريءَ جي وٿيءَ مان،
هر ڏينهن تنهنجي واٽ تڪيان ٿي،
۽ سوچيان ٿي!
جي تون اچي پوين
ته جيڪر منهنجو ڪچڙو گهرڙو
تنهنجي آجيان ۾ جرڪي پوي
۽ تنهنجي هڪ نهار
منهنجي سونهن کي سوايو ڪري وجهي.
⊙⊙





**تعارف نمبر (147)**
[شاعر]



صل نالو: عبدالحميد
ادبي نالو: عبدالحميد "حميد" جسڪاڻي
پيءُ جو نالو: عبدالمجيد
ذات: جسڪاڻي
جنم تاريخ: 27 مئي 1973ع
ڪرت. هاري ۽ ڳوٺ جي مسجد ۾ بنا پگهار درس ڏيڻ.
رهائش : ڳوٺ ٻاڙيا پنهور، قاضي عارف، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو
تعليم: ميٽرڪ پاس، ناظره قرآن ڏاڏي حاجي دين محمد جسڪاڻي پڙهايو، اسلامي تعليم به ان وٽان حاصل ڪئي، شاعري ۾ استاد ناظم منگي.
لکڻ جي شروعات: 1988ع
ڇپيل مواد: عبرت، عوامي آواز، سنڌو، هاري، سڱلتا ۽ زرعي ڊائجيسٽ وغيره ۾.
لکيل صنفون: نعت، حمد، ثنا، ڪافي، غزل، نظم وغيره
ٻن ڪتابن جيترو اڻ ڇپيل مواد موجود.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ:

## ڪافـــي

هي ماڻهو ته سارا، پيارا مگر
ڪو ڪنهن سان سنو، ڪو ڪنهن سان سنو
مان ڳالهه ڪيان پيو، ڪولي هينئر
ڪو ڪنهن سان سنو، ڪو ڪنهن سان سنو

اولاد ته هڪڙي آدم جي
پر عمل ٿو هر ڪو پنهنجا ڪري
پلي ڏسجو دنيا ۾ ڦيرائي نظر
ڪو ڪنهن سان سنو، ڪو ڪنهن سان سنو

جي هڪڙو هڪ سان متفق آ
ته ٻيو ٿو مخالف بڻجي وڃي
ٿو هڪڙي طبيعت نه ڏاري بشر
ڪو ڪنهن سان سنو، ڪو ڪنهن سان سنو

بس گورو ۽ کارو، رنگ اتس
پر جبلت هر کو پاڻ رکي
کو مسلم مشرق، ۽ کو آ کافر
کو ڪنهن سان سنو، کو ڪنهن سان سنو

هت رشتن جي ڪا ڳالهه نه آ
هن ماحول ڪي مون جاچي ڏٺو
هي هڪڙو "حميد" آ، در ۽ گذر
کو ڪنهن سان سنو، کو ڪنهن سان سنو

**هارين لاءِ دعا**

مالڪ سائين ڪر خوشحال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
ٻاجهه گهرن پيا ٻچڙيوال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
رت ست ڏيئي ملڪ سنوارن
صبح مسا ڪن پوک جي ڳالهه
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
مٽر مگيرا توريون پينديون
بصر باداميون بهه بيمثال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
گدرا، ميها، چانهان، چونهارا
ڪنهن شيءِ جي هت ڪانهي ڪال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
ساوڻ سيارو سک نه سنيرن
هر ايندڙ سورن وارو سال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
جيڪر ڪڙمي ڪين هجن ها
ملڪ نه ٿئي ها مالا مال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا
هر هلائيندي زخمي ٿين ٿا
هيٺا "حميد" تن جا حال
هاري منهنجي ملڪ مٺي جا

⊙⊙







**تعارف نمبر (148)**
[شاعر]
اصل نالو : بلاول خشڪ
ادبي نالو : فقير بلاول
ولد : محمد قاسم
ذات : خشڪ
جنم : 05 نومبر1966ع
تعليم : ميٽرڪ
ڪرت : سرڪاري ملازم
رهائش : اڏيرو لعل اسٽيشن، ضلعو مٽياري
رابطو : 03433422390
ڇپيل مواد : مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾.
لکيل صنفون: غزل، نظم، چوسٽا وغيره.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ

**غـزل**

جتي پي وَڳي عشق جي تَند آهي
اُنهيءَ تند يارو گُهريوگَنڊ آهي

پُلائي چڙي تو سجڻ جي سوا سي
ڏسو عشق جو اهڙو ئي اَنڊ آهي

خدا تنهنجي دل ۾، ۽ تون منهنجي دل ۾
زمين دل جي تنهنجو ئي آڱنڊ آهي

نچائي جتي عشق هُو جي هوا ۾
اُتي ڪوبه ڪنهنجو نه پابَند آهي

سچو شهر اڄ ترٽلايان ها ليڪن
سرِشار ٿيو مئڪدو بَند آهي

ڪٿي پيڙهجي ٿي بلاول جي هستي
ڪٿيو ويو ڪٿي ڪنهن جو سَنڌ سَنڊ آهي

## نظـــم

ماڻهون کي مٽيادار ڏناسون..!!

لبڙن تي تنهنجو نام رهي ٿو
جڻ مئي جو ڪو جام رهي ٿو
قرب هي صبح شام رهي ٿو
اهوئي درشن عام رهي ٿو
پرين پسڻ جا پار ڏناسون..!!
ماڻهو کي مٽيادار ڏناسون..!!
چاهت واري چنگ کي چوري
سِر ڏيَن تا ساهه به سوري
گهوٽ ڏين تا جان به گهوري
هادي جي هدايت سمجهن اوري
دنيا کان ٽيندي ڏار ڏناسون..!!
ماڻهو کي مٽيادار ڏناسون..!!
تنهنجي ميخاني ۾ محفل ڪمال
رڳو حقيقي تنهنجو آخيال
اچي ظاهر باطن کي زوال
جنهن ڏٺو آتنهنجو جمال
دم دم سي ديدار ڏناسون..!!
ماڻهو کي مٽيادار ڏناسون..!!
جيڪي سچ جي واٽ وٺن تا
سر سينگاري ڪاپڙي ڪُسن تا
ڪلي خوشي مان ڏک سهن تا
اناالحق جو نعرو هڻن تا
کي مُرڪي چڙهندي دار ڏناسون..!!
ماڻهو کي مٽيادار ڏناسون..!!
وڃي تي تن ۾ تنهنجي تار
واهه وري ٽيو وارو وار
وڃي چنگ تنهنجو بي خبر نه چار
بلاول کي بس تنهنجي سار
ڪامل کي قربار ڏناسون..!!
ماڻهو کي مٽيادار ڏناسون..!!

⊙⊙





**تعارف (149)**



[شاعر]
اصل نالو: محبوب علي
ادبي نالو: محبوب هوٽيپوٽو
والد جو نالو: حاجي محمد حسن
ذات: هوٽيپوٽو
جنم: 10 آڪٽوبر1967ع
تعليم: انٽر
ڪرت: پرائمري اسڪول ٽيچر
رهائش: ڳوٺ حاجي احمد خان هوٽيپوٽو، تعلقو قاضي احمد، ضلعو شهيد بينظير آباد.
ربطو: 03022610443
لکڻ جي شروعات: 1990ع
ڇپيل مواد: سوجهرو، ادب، نئين زندگي، ڪيسوباءِ، ميگها، سنڌو، عبرت مئگزين. اُن کان علاوه گڏيل ڪتاب "ڇِج مَ قطاران" ۾.
لکيل صنفون: حمد، نعت، وائي، غزل، بيت، نظم، ٽه سٽا، هائيڪا.
سندس شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ.

## وائـــــي

تون جو ايندي يار
چڙ ڪا مند بهار
موٽي ايندي ماڳ تي..!!
مهڪون هن ماحول جون
گلڙن جي گلزار
موٽي ايندي ماڳ تي..!!
ٽر تي ٽڏا ڏينهڙا
ساونڻ جي وسڪار
موٽي ايندي ماڳ تي..!!
ڪندا مور ٿهوڪڙا
چيهن جي ڇهڪار
موٽي ايندي ماڳ تي..!!
مون وٽ هوءِ محبوب تي
ڪڏهن لال ڪنوار

موتي ايندي ماڳ تي..!!

**غـــزل**

وڃي تـو وسـائـي گـلابـن جي دنـيـا
اسان کي ڏئي وئينءَ خوابن جي دنيا

اوهان بن حياتي ائين تا گذاريون
رڳو پوڳنائون، عذابن جي دنيا

ڏئي پاڻ پوءِ پڇين روز پئي
ڏئي کير ويو ٿئي ڪتابن جي دنيا

اسان لئه ڏسڻ ڀي تيو ڏوھ جانان
تنهنجي سونهن جيڪا ثوابن جي دنيا

چو"محبوب"مونکان وتين منهن لڪايو
چڱي ڪانه آهي حجابن جي دنيا

**غـــزل**

خزائون بہ چڻ کي بهارن جي موسم
اسان وٽ رڳو آهي سارن جي موسم

جڏهن ياد ڪريون اڏامي اچن ٿيون
تتل ڏينهن ۾ پي ملهارن جي موسم

اجا تر جا توهر سُڪائيندي ڪيسين
يلا، رهندي ڪيسين ڏڪارن جي موسم

ڏئي مينهن وَر وَر وسي وڏُڦڙو تي
وري آڻ مالڪ ڪا مارن جي موسم

ڏسي ڏينهن ڏکيو نہ هِيءَ سنڌ ساري
سدائين رهي هت سُڪارن جي موسم

وڇوڙي جون گهڙيون وجهن گهاوَ دل ۾
ڪُتي ئي نتي انتظارن جي موسم

تون"محبوب"ماڻهو ڪو ڏاڍو پڪو آن
وٽي ڪيئن وئي توکي قرارن جي موسم







**تعارف نمبر (150)**
[شاعر]
اصل نالو : گلشن پروين
ادبي نالو : گلشن سنڌو
والد جو نالو : نورمحمد
ذات : سولنگي
جنم : 16 ڊسمبر1975ع
تعليم : بي.اي. ڪرت : پرائيوٽ ٽيچر
رهائش : ڪراچي. لکڻ جي شروعات : 1992ع
لکيل صنفون : غزل، گيت، وائي، نظم، چوسٽا وغيره
ڇپيل مواد :عبرت ميئگزين، هالار، سنڌ رنگ، سونهن ميگ، نئون نياپو، نئين زندگي، سرتيون، مهراڻ، سنڌ راڻي، سنڌ ايڪسپريس، گل ڦل گلڙا، سنڌو، خوشبو ميئگزين، عزم پاڪستان، ميڪ ميگ، واڪا، پرھ ميگ،اوسيڙو، جوت، شهيد بيبي ميگ، هزار داستان.
ڇپيل ڪتاب : "ازل کان سفر ۾" شاعري.
اڻ ڇپيل ڪافي مواد موجود
سندس شاعريءَ مان ڪجھ چونڊ

**غـــزل**

هي سارا خواب لاجواب آهن
دنيا جا عذاب لاجواب آهن

توکان ڪيم هڪ سوال مگر
تو وٽ جواب لاجواب آهن

ڪيئن ڪيان توسان اظهارِ محبت
درميان ۾ حجاب لاجواب آهن

هر طرف رڳو ليڪا ئي ليڪا هن
تو بہ رکيا حساب لاجواب آهن

حويلي جي ديوارن ۾ چؤطرف

نـاريءَ جـا نـقـاب لاجـواب آهـن

## غـــزل

الفت کان انڪار ڪيستائين
پاڻ کان فرار ڪيستائين

چاهه اڄ جو چار ڏينهن آ
رهي سو پائيدار ڪيستائين

اڇـي وڇـي شيءِ آهي جا
قائم سو اقتدار ڪيستائين

نيٺ تہ ان ڪي ملي ويندا سين
موت ڏيندو ميار ڪيستائين

توکي وساري ڇڏينديس مان
رهندين ذهن تي سوارڪيستائين

## چئوسٽا

ڏات بحر ۾ تون ئي تون آهين
سوچ نگر ۾ تون ئي تون آهين
ڪيئن سمائجي ڪو ٻيو نيڻن ۾
نينهن نظر ۾ تون ئي تون آهين

***

روح ۾ راحتون ضروري ناهن
چاهتون محبتون ضروري ناهن
ضروري آهي بس ڌرتيءَ جي بقا
پرين سان قربتون ضروري ناهن

***

لڳي تو تہ سات ڇڏي مات تي
اداس اداس لمحا وساري رات تي
ڪا سوچ بهار ڪو گيت پن ڇڻ
الڳ الڳ ڪتا ڪري ڏات تي





## سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ڇپيل ڪتاب :

(1).منهنجو صحرا سُڏڪي ٿو (مضمون )
(امر رائيسنگهہ راجپوت)
(2).ڪاڳر تي لٽل خيال (شاعري)
(سرائي محمد رحيم خاصخيلي)
(3).تتل سج هينان (مضمون)
(محب ڀيل)
(4).زنگجي ويل ننڊ (شاعري)
(جاويد جبار)
(5).سون سريکيون عورتون (پروفائيل)
(عثمان راهوڪڙو)
(6).هن رتائين راهہ ۾ (ڪالم/ مضمون )
(محب ڀيل )
(7).آئيني جي اوٽ (ڪهاڻيون)
(اصغر پتافي)
(8).چؤنري مٿان چنڊ (شاعري)
(امر رائيسنگهہ راجپوت)
(9).نديءَ ۾ نهارون (شاعري)
(ربڏنو خاصخيلي )
(10).سخنوَر سنڌ ڌرتي جا (ڳڏيل شاعري)
(احساس ميرل)

## سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر جا ايندڙ ڪتاب :

(1).(پورب منهنجو پنڌ (مضمون، ڪالم)
فقير بشير احمد لغاري
(3). احتجاج ۾ آزادي
(سنتوش ڪمار گوماٽي)
(3). مري جي ڏنوسين (ناول)
ايوب کوسو